
اسان جيئن جيئي کو
عبدالواحد آريسر

اسان جيئن جِيئي کو......!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسان جيئڻ جيئي کو

عبدالواحد آريسر

پٿائي ڪميونيڪيشنز، ٽنڊو آدم سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ هٿيڪا


ڪتاب: اسان جيئن جيئي ڪو

ليکڪ: عبدالواحد آريسر

موضوع: ٽارچرسيل جا تجربا ۽ نوٽ بُڪ جا ٽڪرا

ڇاپو: پهريون، سيپٽمبر ١٩٩٨ع

ڇپائيندڙ: ڀٽائي ڪميونيڪيشنز، ٽنڊو آدم، سنڌ

ڇپيندڙ: جهانزيب پرنٽنگ پريس، کوکر محلو، حيدرآباد سنڌ (فون: 781551)

مُلهه: هڪ سؤ روپيا


**"Asa'n Jea'n Jeaye Ko"**

(Experiences of Torture Cell & Pieces of Note Book)


by: **Abdul Wahid Arisar**

First Edition: September 1998

Publisher: Bhitai Communications, Tando Adam, Sindh Ph: 02221- 2631

Printed by: Jahanzeb Printing Press Khokhar Muhalla Hyderabad Ph: 781551

Price: **Rs: 100/=**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

سنڌ جي باوقار جسٽس،

ناصر اسلم زاهد

جي نالي

انساني عظمتون، ٻولين ۽ ڌرتيءَ جون قيدي ناهن هونديون

- عبدالواحد آريسر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنـاءَ


| | | | |
|---|---|---|---|
| پنهنجي پاران | (پبلشر نوٽ) | ساگر ڍاهراج | 9 |
| ڏاڍي دلڪش عذاب ۾ آهين (تعارف) | | اقبال رند | 11 |
| صحرا جو آزاد هرڻ (مهاڳ) | | عبدالواحد آريسر | 17 |
| • اسان جيئڻ جيئي ڪو | | | 31 |
| • ٿارچر سيل مان بچي آيلن جا تجربا | | | 99 |
| • قيديءَ جون يادون (انٽرويو: اعجاز منگي) | | | 103 |


## نوٽ بڪ جا ٽڪرا


| | |
|---|---|
| • اڪ ساري رات نہ جهپڪي آ | 129 |
| • لفظن سان وفاداري | 131 |
| • هماليا، آءُ ۽ وقت جي وچوٽي | 133 |
| • محبتن جو مقتل | 139 |
| • محبت جو تصور | 141 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

سنڌ جي ناميارې دانشور، سياستڪار ۽ محب وطن اديب عبدالواحد آريسر جي ٽارچرسيل جي ڪٿا، پٽائي ڪميونيڪيشنز، ٽنڊي آدم پاران ڇپائيندي، اشاعتي سلسلي جي ابتدا ڪري رهيو آهيان. آريسر صاحب جو نالو، سنڌ جي سياسي تاريخ ۾، سائين جي ايم سيد جي فڪري تحريڪ کي سنڌ جي هر واهڻ ۽ وستيءَ ۾ پکيڙڻ جي لحاظ کان وڏي اهميت رکي ٿو. هن شخص جي فڪري بلنديءَ ۽ سياسي سوچ ۽ سحرِ خطابت جا، سنڌ جا ساڃهه وند نوجوان، توڙي عالم ۽ اديب معترف رهيا آهن. سندس تقريرن، لکڻين ۽ جيل ڊائرين جا ڪيترائي ڪتاب ڇپجي مڃتا ماڻي چڪا آهن.

سندس ٽارچرسيل جو هيءُ داستان، هڪ اهڙي ذهني ڪيفيت ۽ حالت ۾ لکيل آهي، جڏهن هو موت جي چنبي مان ”عشق ۽ ايمان“ بچائي، پنهنجي ڏيهه واسين وٽ ڪمزور جسم ۽ منتشر ذهن سان جيئرو واپس پهتو. پاڻ پنهنجو هيءُ داستان قلم بند نه ڪيو اٿن، پر پنهنجي هڪ دوست اڪبر لغاريءَ کي مختلف، لاڳيتين ويهڪن ۾ زباني نوٽ ڪرايو اٿن. باوجود ان جي، سندس ٻوليءَ جو جوين ۽ جذبن جي سچائي سندس ڪٿا مان ظاهر آهي. هن شخص جو وجود سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ ڪيترو اهم آهي، ان لاءِ سائين جي ايم سيد جو ان شخص لاءِ بي انتها پيار ئي نمايان حوالو آهي.

هيءُ مختصر داستان، آريسر صاحب جي نوٽ بڪ جي ٽڪرن، هڪ انٽرويو ۽ هڪ تقرير سميت، سنڌجي باشعور ماڻهن جي مطالعي لاءِ پيش ڪندي آءُ فخر محسوس ڪري رهيو آهيان. هيءُ داستان، سياڻي جي استحصال کان آجي سنڌ جي، آجي انسان وٽ ڪيڏو قدر ۽ منزلت حاصل ڪري ٿو، اهو فيصلو وقت ۽ تاريخ تي ڇڏيل آهي.

هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي مختلف مرحلن دوران سهڪار ڪرڻ تي آءٌ محترم تاج جويو، محترم آسي زميني ۽ گل حسن لاڪي جو ٿورائتو آهيان.

سنڌ سلامت ساٿ سلامت

ساگر ڏهراج

۱۴ آگسٽ ۱۹۹۸ع

ٽنڊو آدم سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏاڍي دلڪش عذاب ۾ آهين!

مون ڪِي ان ماڻهوءَ جي ڪتاب تي مهاڳ لکڻ لاءِ چيو ويو آهي، جيڪو هڪ چڱي خاصي عرصي تائين منهنجي تصور جي دنيا تي ڇانيل رهيو آهي. اهو دؤر آريسر جي سياسي ڪيريئر جي جوڀن جو دور هيو. (غريب جي جواني ڏاڍي مختصر هوندي آهي.) آءُ انهيءَ زمانے ۾ سندس زير اثر رهيو آهيان، جڏهن آريسر صاحب ڪي سندس پارٽيءَ گاڏي نه وٺي ڏني هئي، ۽ هو بسن ۾ سفر ڪندو هو. ڳوناٺين ڪچهرين ۾ چاليهه پنجاهه سِر ڦرين ڪارڪنن جي جتي جي پيادل اڳواٽي ڪندي، جڏهن هو منهن انڌاري ۾ ڀهراڙيءَ جي ڪنهن ڳوٺ ۾ پهچندو هو، ته ڪو به فائر نه ٿيندو هو ۽ ڪو به نعرو نه لڳندو هو- (البت تعليمي ادارن ۾ ان جي ابتڙ منظر ڏسڻ ۾ ايندا هيا) ۽ رات جڏهن گهڙي ٿي ويندي هئي ته وايو منڊل سندس تقرير جي سحر ۾ منڊجي ويندو هو (۽ سندس تقرير جي ان خوبصورتيءَ جا معترف، اياز گل کان شيخ اياز تائين اسين سڀ رهيا آهيون) -

بئي ڏينهن سج ايرڻ کان اڳي، اتي ٿيل ڪچهريءَ جا سارا پار ۽ نشان، "چوريءَ جي پيرن وانگي" گم ڪيا ويندا هئا - ۽ اُنهيءَ تقرير جي آڊيو ڪيسٽ، مٺيءَ کان جيڪب آباد تائين پهچي چڪي هوندي هئي. آءُ ۽ مظهر لغاري، اڪثر سندس تقريرون اتاري، جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي اسٽڊي سرڪلس (Study Circles) تائين پهچائيندا هياسين. مظهر جي دوستيءَ، اياز جي شاعريءَ ۽ آريسر جي نثر، منهنجي اندر ۾ ويٺل شاعر کي ڊسڪور (Discover) ڪيو. هن ماڻهوءَ "سنڌوديش" جي تصور کي محبوب جي چُميءَ جهڙو دلڪش ڪري پيش ڪيو. آءُ اڄ به ائين محسوس ٿو ڪريان ته، "جيئي سنڌ هلچل" جي عام ڪارڪن ۾، انقلاب ڏانهن جيڪو رومانوي رويي (Romantic Attitude) جو عنصر مليل ٿو، ان جي مرتب ٿيڻ ۾ آريسر جي ٻوليءَ جو وڏو دخل رهيو آهي. هتي منهنجو مقصد اهو ناهي ته شين ڏانهن اسان جو ورتاءُ آرٽسٽڪ (Artistic) نه هئڻ گهرجي. خود يوٽوپيا (مثاليَ / تخيلاتي ماڳ) ماڻهوءَ لاءِ هڪ وڏي وٿ آهي. خيالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ انڌي تحرير تي Signature ڏئي ٿو.
۽ اهو سڀ ڪجهہ ڪيڏو ايذائيندڙ آهي!
گلزار جو نظم ” خودڪشي“ بہ ڪنهن اهڙيءَ ئي ڪيفيت جو ترجمان آهي. نظم جون سٽون ڪجهہ هن ريت هيون:

ڪئي دن جگايا
ڪئي روز پيٽا
ڪئي روز ظلم و تشدد سے توڙا
اگلوا لئے نام سب ساٿيون ڪے
انا توڙ دي انقلابي ڪي آخر
جب هوش آيا
بهت گڙ گڙايا:
”نهين، ڦر ڪبهي خودڪشي ڪي نہ ڪوشش ڪرون گا
ڪہ وہ ڪر چڪا مين
مجهے مارنے ڪي ضرورت نهين هے
ڪہ اب مر چڪا مين --“

هيءَ ڊائري، هن ملڪ جي آقائن جي اعمالن جو ڪچو چٺو آهي. انساني آزادين ۽ جمهوري قدرن جي ميڊيائي واويلا جي سامهون، سچ جو هڪ اڇو اجرو آئينو آهي، جنهن ۾ جُڳن تائين ڪنهن جابر ڪي پنهنجو داغدار چهرو ڏسي سگهڻ جي جرئت نہ ٿي سگهندي. هيءَ تحرير، هن ملڪ جيٰ حقيقي عوامي قيادت، ۽ عوام جي سياسي شعور ۽ سياسي Commitment (وابستگيءَ) تي گذري ويل قيامتن، ۽ ان ڏانهن روا رکي ويندڙ غير انساني، غير اخلاقي ۽ غير قانوني روش جو هڪ بنهہ اڻ لکو اولڙو آهي، جنهن ۾ سنڌ جو چهرو چڪنا چُور ٿي ويل آهي. تارچر سيل جون هي يادگيريون پڙهڻ سان، ماڻهوءَ جي روح ۾ وحشتن جا خنجر لهڻ لڳن ٿا. هيءُ سڀ ڪجهہ هڪ اهڙي ماڻهوءَ تي وهيو واپريو آهي، جنهن ڪي هٿيارن جا نالا بہ ڪونہ ٿا اچن، ۽ جيڪو پنهنجي ردِ عمل ۾ ايترو Polite (ملائم) آهي، جو پنجن مهينن کان پوءِ بہ جڏهن سنڌس اکين تي بڌل پٽي لهي ٿي، تہ وطن جي سونهن ڪيس موهي وجهي ٿي– ۽ ڪانئس حسنين هيڪل وانگر رڙ نڪري ٿي وڃي:

ڪوليءَ تائين پهچڻ، ۽ آزاد ٿيڻ تائين گهڙيءَ گهڙيءَ جي منظرنگاري ڪري ٿو. مٿس ٿيندڙ تشدد سان گڏوگڏ ٻين قيدين تي ٿيندڙ ظلمن تي پڻ هن جي لوڻءَ لوڻءَ ۾ لهرون اُٿن ٿيون، ۽ هو هر قيديءَ جي درد کي پنهنجو درد ڀانئي ٿو. اتي جڏهن هڪ قيديءَ کي پيشاب چَٽڻ لاءِ زيربار ڪجي ٿو، يا ٻئي قيديءَ تي اُئن ڏهن قتل جي ڪيسن جي ايڪسٽرا جوڊيشل ڪنفيشن (Extra Judicial Confession) لاءِ ٿيندڙ تشدد کي ڏسي ٿو، ته اُتي موجود ڪولين ۾ واڙيل سياسي قيدين جي هيٺائي ۽ اڪيلائي شيئر ڪري ٿو، يا وري ڪنهن قيديءَ جي چپن تي اچي ويل اوچتي، اڪيلي ۽ گهايل گيت جي لئي ۾ ترڻ لڳي ٿو، ته سندس روح ۾ هزارين اميدون انگورجڻ لڳن ٿيون.

هيءَ ڊائري هڪ ننڍڙو جهروڪو آهي، جيڪو اسان کي انهن عذاب-گهرن جا مختلف منظر ڏيکاري ٿو، جتي ماڻهن تي زندگي منع ٿي وڃي ٿي – ۽ ائين هيءَ لکت هن دؤر جي هڪ اهم ڊاڪيومينٽ (دستاويز) جي حيثيت اختيار ڪري ٿي بيهي، جنهن مطابق اسان جو ليکڪ، هن هيڏيءَ سڄي وٺ پڪڙ جو رڳو مشاهدو ڪندڙ (Observer) نه، پر ان جو ڀوڳيندڙ ٿي وڃي ٿو. هن دؤر جو رائيٽر، مرزا غالب وانگر پنهنجي ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃڻ جي خبر تي اچي پهچندڙ، ۽ تماشي نه ٿيڻ جي صورت ۾ مايوس ٿي واپس موٽندڙ نه ، بلڪ مصطفيٰ ارباب جي ان نظم جو ڪردار آهي، جيڪو خود ڦٽڪا لڳڻ ڪري سڏو نه ٿو سمهي سگهي.

هن ڊائريءَ ۾، آريسر صاحب جي ٽارچر سيل کان ٻاهر اچڻ ڪاٽ پوءِ، مٿس گذري ويل وارتا جو يادگيريءَ جي آڌار تي ذڪر ڪيل آهي. يادن کي ته هونئن ئي پنهنجو رومانس هوندو آهي، ويتر انهن کي آريسر جي ٻوليءَ انتهائي خوبصورت بنائي ڇڏيو آهي. ڪٿي ڪٿي ته ائين ٿو محسوس ٿئي، ڄڻ هو نثر ۾ شاعري ڪندو ويو آهي. گرو رجنيش چيو هو: "جڏهن ماڻهوءَ جي من ۾ شاعري اُسرڻ لڳندي آهي ته اُهو ماڻهو پنهنجي سڀاءَ ۾ به ٽڙندڙ (Blooming) ٿي پوندوآهي، ۽ ڪيس سموري ڪائنات جي اُٿت شاعراڻي محسوس ٿيندي آهي."

آريسر صاحب جي هن ڊائريءَ ۾ ڪافي هنڌن تي اهڙيون خوبصورت سٽون ملن ٿيون، جيڪي پڙهندڙ کي "مٽي ڏسڻ" واري واٽ تي اچيو بيهارين. مثلن: گرفتاريءَ واري رات جو ذڪرڪندي لکي ٿو:

” رات جو يارهين وڳي مون آخري سگريٽ دکايو، ۽ آسمان ڏانهن ڏٺو: آڪٽوبر جي ٿڌي رات ۾ ستارا ڏاڍي سخاوت سان پنهنجي مُرڪ جي روشني، ڌرتيءَ جي من تي نڇاور ڪري رهيا هيا، ۽ ٿر جي واريءَ ستارن جي مرڪ جهٽڻ لاءِ پنهنجو ڪشادو من کولي ڇڏيو هو. مون چؤطرف پنهنجي ڪکائين ڳوٺ تي نظر وڌي، ۽ سوچيم ته: آمريڪين لاءِ دنيا جي شروعات وائيٽ هائوس (White House) کان ٿئي ٿي، پر منهنجيءَ پوريءَ ڪائنات جي شروعات منهنجي ڳوٺ، ۽ ڳوٺ ۾ منهنجي گهر جي اڱڻ کان شروع ٿئي ٿي، جنهن اڱڻ تي منهنجي ڌيءُ اندرا ۽ سندس ماءُ، ماضيءَ ۽ حال جي هيجان کان بلڪل بي پرواهه ٿي، ٿر جي ٿڌڙيءَ هوا ۾ ننڊ ۾ الوٽ هيون.“

ائين هن جي لکڻيءَ جو، واهوندي جي واءَ جهڙو تاثر، ساڻس ٿيل زيادتيءَ جي تلخيءَ تي حاوي پئجي وڃي ٿو، ۽ پڙهندڙ کي هڪ عجيب قسم جو موهيندڙ اتساهه ملي ٿو – ۽ ائين محبتن، نفرتن، اڪيلاين ۽ گمنامين جا آبشار ڪرندا رهن ٿا، ۽ پڙهندڙ اُن جي سحر مان توڙ تائين ٻاهر نٿو نڪري.

آريسر صاحب هن ”عذاب نامي“ ۾، هن ديس جي سيني مظلومن جي دانهن کي سميٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. دانهون، جيڪي پولارن ۾ گم ٿي ويون آهن. دانهون، عزيز آباد، ناظم آباد، پريت آباد، بدين ۽ مٽياريءَ جي گهرن جي معصوم ٻارن جون، ڊنل، هراسيل ۽ منتشر دانهون، جن کي گڏي، آريسر هڪ اهڙي ڪيڏاري کي جنم ڏيڻ چاهي ٿو، جيڪو سنڌ جي هر رهواسيءَ جي اندر جو آواز هجي--- ڪاش! سنڌ جا سياسي جرنيل، ”تون ۽ آئون“ ، ”ساڄي ڌرُ ۽ کاٻي ڌرُ“ ، ”قومي ۽ طبقاتي“ سوالن جي اٽيل چارن مان ٻاهر نڪرن ۽ سنڌ جي درد جي اڳواٽيءَ هيٺ، پنهنجي قافلي کي منظم ڪن، ۽ اسان کي حقيقي انساني آزادين ڏانهن وٺي وڃن. جتان اسين مجموعي عالمي ارتقا ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهون ۽ اُتي پنهنجن سمورن مثبت قدرن سان اثرانداز به ٿي سگهون.

**اقبال رند،**
ڪوٽ غلام محمد،
٢٢ فيبروري ١٩٩٨ع.

# صحرا جو آزاد هرڻ

هي پنجن مهينن ۽ چئن ڏينهن تي پکڙيل مسلسل اونداهي رات جو داستان آهي، جنهن رات ۾ هن دُنيا ۽ اُن جي ماڻهن کي صرف اندر جي اک سان ئي ڏسي سگهيس ٿي. انهيءَ رات دوران جيڪي ڪجهه وهيو واپريو، سو مڪمل طرح آءٌ هن ڪتاب ۾ بيان نه ڪري سگهيو آهيان. اهو ان ڪري، جو جنهن وقت آءٌ ٻاهر آيس، ان وقت منهنجي ذهني ۽ جسماني حالت انتهائي هيٺائيءَ کي پهتل هئي، ۽ قلم هٿ ۾ کڻڻ جي سگهه به نه رهي هئي. ان ڪري مون هيءُ سچو داستان، زباني طرح پنهنجي دوست اڪبر لغاريءَ کي ٻڌايو، ۽ هن ان کي قلمبند ڪيو. ايڏي وڏي ويهڪ ۽ مسلسل ڳالهائڻ ڪري ٿڪاوٽ غالب پئجي ويندي هئي، جنهن ڪري واقعن، ڳالهين ۽ ڪيفيتن بيان ڪرڻ ۾ ڪوبه ربط ۽ تسلسل برقرار نه رهي سگهندو هو. اهو ئي سبب آهي جو هن ڪتاب ۾ منهنجيءَ ٻوليءَ وارو رَسُ ۽ چَسُ مڪمل طرح موجود نه آهي، تنهنڪري پڙهندڙن کي جيڪڏهن اها کوٽ محسوس ٿئي ته منهنجيءَ اُن حالت کي نظر ۾ رکيو وڃي.

هن داستان جي شروعات هڪڙي عجيب اتفاق سان ٿي، جو نئين ڪوٽ جي پرسان ڳوٺ هيدو شريف ۾ اسان جي دوست بشير بيوس اوٺيءَ، جشن لطيف ڪوٺايو هو. ان ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آءٌ نئين ڪوٽ پهتس ته منهنجي ملاقات، سنڌ جي عوامي شاعر بلاول اوٺي سان ٿي، جنهن چيو ته، ” جشن لطيف ۾ ته وڃين پيو، پر آءٌ ٻڌائي ٿو ڇڏيانءِ، ته سنڌ جو وزير اعليٰ سيد مظفر حسين شاهه اوهان جي تعلقي جو آهي، ۽ سڀ کان پهرين اوهان کي گرفتار ڪرائيندو -“ ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ واقعي، آءٌ عمرڪوٽ تعلقي جي رهاڪو، سائين جي ايم سيد جي دوست سيد غلام حيدر شاهه جي پٽ، سنڌ جي وزير اعليٰ مظفر حسين شاهه جي حڪمرانيءَ ۾ گرفتار ٿيس. مظفر حسين شاهه، اليڪشن کان اڳ ۾ مون وٽ آيو هو ۽ چيو هئائين ته: ”توهان کي خبر آهي ته منهنجي خاندان جا سائين جي ايم سيد سان ڪهڙا واسطا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيا آهن؟ اُهي ايتريقدر ته گهرا هئا، جوَ سائين جي ايم سيد، جناح صاحبَ سان جن معاملن تي اختلاف ڪيو هو، تن مان هڪڙو منهنجي والد جي ٽڪيٽ جو مسئلو به هو.“ مون ڪلنڌي ڪيس چيو ته: ”ها سائين، مون کي خبر آهي، پر انهي اختلاف جي نتيجي ۾ سائين جي ايم سيد اڄ تائين جيل ۾ آهي. اَءُ به توهان کي ووٽ ڪرائيندس، پوءِ شايد منهنجو حشر به ساڳيو ٿئي.“

مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته اهڙيون بيساخته ڳالهيون، جيڪي اڳتي هلي سچ ثابت ٿين ٿيون، سي ڪهڙي قوت انسان کان ڳالهرائي ٿي! جڏهن ته مظفر حسين شاهه جي موجودگيءَ ۾ مون اهو سوچيو ئي ڪونه هو، ته مون سان ڪا اها ويڌن ٿيندي.

خان غفار خان هڪ دفعي ٻڌايو ته مون زندگيءَ جو گهڻو حصو دشمنن جي جيلن ۾ گذاريو، پر جيڪو عرصو مون ون يونٽ واري دؤر ۾ جيل اندر گذاريو، سو انتهائي سخت هو، ڇو ته ان وقت مغربي پاڪستان جو وزير اعليٰ منهنجو ڀاءُ هو.، اهڙيءَ طرح مون به جيلن ۾ ڪافي عرصو سياسي مخالفن جي حڪومتن ۾ گذاريو آهي، پر جيڪا سختي، منهنجي ڳوٺائي سيد مظفر حسين شاهه جي دؤر ۾ مون سان ٿي، سا اڳي ڪڏهن به ڪانه ٿي. حيرت انگيز ڳالهه آهي ته شاهه صاحب جو صلاحڪار، منهنجو پراڻو سياسي رفيق سيد شاهه محمد شاهه هو. ان مان محسوس ٿئي ٿو ته اقتدار اهڙو انڌو ديوَ آهي، جيڪو رفاقتن جون راهون لتاڙي، پنهنجا پيچرا ٺاهيندو آهي، ۽ پنهنجي اقتدار جي ٻُڪ مٿائڻ لاءِ پنهنجن ئي پوڄارين کي کائيندو آهي.!

ٿارچر سيل جي هن مسلسل اونداهيءَ رات ۾ جڏهن اها به خبر نه هوندي هئي ته ٻاهر ڇا وهي واپري پيو، ان وقت انسان کي اهو سڀ ڪجهه سهڻ جي سگهه، هڪڙي ئي شيءِ بخشي سگهي ٿي، اها آهي باعزت ۽ باوقار زندگيءَ سان پيار-، زندگي اهڙي طريقي سان گذارجي، جو فرد ڪان وٺي اجتماع جي وچ ۾ ماٿو اوچي ڳاٽ سان ڳالهائي سگهي. معافيون وٺي به ماٿو جيئرو رهي سگهي ٿو، اعترافِ جرم ڪري به ماٿو حياتيءَ جي ڏوريءَ کي ڊگهو ڪري سگهي ٿو، ۽ ايجنٽ بنجي به ماٿو زندگيءَ جي ڏينهن ۾ اضافو ڪري سگهي ٿو. پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي زندگي، اهو ڪينسر جو روڳ آهي، جو هر ذهن ۽ ضمير کي اندران ئي اندران کوريندو رهندو آهي- ۽ جڏهن اهڙو ماڻهو، خاص ڪري سياسي ڪارڪن، مجمعن ۾ بهادريءَ واريون ڳالهيون ڪندو آهي، ته ان وقت مون کي محسوس ٿيندو آهي ته ڄڻ ڪا هڪ طوائف، عصمت جي عظمت تي ليڪچر ڏئي رهي آهي-! ۽ هو پاڻ به شايد ائين ئي محسوس ڪندو هجي!

انهيءَ ئي اونداهي رات (ٽارچر سيل) ۾ رهندي، مون تي عجيب انڪشاف ٿيا. اي . زيڊ. او (الذوالفقار آرگنائيزيشن) وارن مون کي چيو ته "اسان سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو آهي، چيو ته "ڊاڪٽر صاحب "جو اسان کي چوڻ هو ته ڪل بچائڻ کان ايجنسين وٽ اعتراف ڪجو، پر ڪورٽن ۾ ڦري وڃجو." مون کين چيو ته ايجنسين وارن کي ته معلومات ٿي ڪپي، ڪورٽن تائين وڃڻ جو ته هنن جو ڪوبه ارادو ڪونهي - ۽ اها معلومات اوهان ڏئي ڇڏيو، ته پوءِ ڪل بچائڻ مان ڪهڙو فائدو؟! ان مان نه رڳو توهان جي حيثيت جي هنن کي خبر پوي ٿي، پر توهان جا دوست به هنن جي نظرن ۾ اچن ٿا - ۽ اهو ڪهڙو انقلابي استاد آهي، جيڪو شاگردن کي ضمير بچائڻ جي بدران ڪل بچائڻ جي تلقين ڪري ٿو! جڏهن ته دنيا جي انقلابين ته پنهنجي ڪارڪن کي اها هدايت ڪئي آهي ته ساهه وڃي، پر ويساهه نه وڃي- ۽ مون کين ٻڌايو ته ڪيوبا جي انقلاب دوران، هڪ ڇوڪريءَ وٽ سندس پيءُ جي اک ڪوري ڪڍي آندي وئي، ۽ کيس چيو ويو ته "اسان تنهنجي پيءُ جو هيءُ حشر ڪيو آهي، جيڪڏهن تون انقلاب جا راز نه ٻڌائيندينءَ ته تو سان به اهو ئي حشر ڪيو ويندو." ته هن جواب ڏنو ته، " جڏهن منهنجي پيءُ پنهنجي روشني ختم ڪري، انقلاب جي روشنيءَ کي اجهامڻ نه ڏنو آهي، ته آءُ پنهنجي پيءُ جي محبت کي انقلاب جي محبت تان قربان ٿي ڪريان."

ها، آدرشن لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ديس جي ذرڙن تان جلاوطني، وطن جي مٽيءَ تان بيدخلي، چاندوڪين جي چاهتن ۽ پنهنجي پيارين محبتن کي به قربان ڪرڻو پوندو آهي، ته جيئن ديس تي اهڙو واهوندو وري، جو محبتون دائمي بنجي وڃن، چاندوڪين جي روشني جهيڻي نه ٿئي. زندگي، بهارن جا ڳاڙها ڳپ بنجي وڃي- ۽ ڪوئي نوجوان ڳالهائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت، پنهنجي اعترافن جي بار هيٺان جهڪيل ۽ شرمندو نه هجي.

ٻيو انڪشاف مون تي ٽارچرسيل مان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ اهو ٿيو، ته سنڌ جي هڪڙي خوبصورت تقرير ڪندڙ ليڊر پنهنجو اعتراف نامو ٢٥ صفحن تي لکي ڏنو ته، " اسان واقعي دشمن ملڪ جي ايجنسيءَ سان لاڳاپيل هياسون، ۽ ان جي ڪنهن اعليٰ آفيسر کي اسان هتي جون حساس جايون ڏيکاريون هيون." هُن اهو به چيو ته: " آءٌ پنهنجي اُن عمل تي شرمسار آهيان ۽ آئينده اهڙي حرڪت نه ڪندس." باوجود اِن اعتراف نامي جي، هن کي آزاد نه ڪيو ويو. تڏهن هو اهو چوڻ لڳو ته: "بابا ! آءٌ جي ايچ ڪيو جو قيدي آهيان، ۽ مون کي ڇڏڻ ڪنهن سِول حڪومت جي وس ۾ نه آهي."

– ۽ پوءِ اهو ليڊر جڏهن سول حڪومت جي دور ۾ آزاد ٿيو، تڏهن چوڻ لڳو ته "اسان دورن جا قيدي آهيون. هڪڙي حڪومت جي دؤر ۾ قيد ٿيندا آهيون، ۽ ٻيءَ حڪومت جي دؤر ۾ آزاد ٿيندا آهيون."

اُن جي ٻئي ساٿيءَ، ٻاهر اچڻ کان پوءِ اهو چيو هو ته، " آءٌ سياست تان رٽائر ٿو ڪريان، چو ته ايجنسين وٽان موٽي اچي سياست صرف اهو ئي ماڻهو ڪري سگهي ٿو، جيڪو يا ته فولادي عزم جو مالڪ هجي، يا ايجنسين جي چوڻ تي سياست ڪري. آءٌ نه فولادي عزم وارو آهيان، ۽ نه ئي ايجنسين جي چوڻ تي سياست ڪري سگهان ٿو." سندس انهيءَ بيان تي ان وقت جي سنڌي صحافت جي هڪ نه وسرندڙ ڪردار، فقير محمد لاشاريءَ لکيو هو ته– شعور ڪڏهن رٽائر نه ٿيندو آهي، ۽ ان ۾ هن منهنجو حوالو ڏنو هو، ليڪن ان باندي ليڊر جو حوالو نه ڏنو هو.

هتي بنيادي سوال اهو ٿو اٿي ته آخرڪار سنڌ جو شعور، جيڪو مهاراجا ڏاهر کان سائين جي ايم سَيد تائين، جسم جي ڪپجڻ ۽ ڪوزجڻ جي باوجود شڪست قبول نه ڪندو آيو آهي– انهيءَ شعور کي ايترو هيٺو ۽ ذلت واري زندگيءَ سان پيار ڪندڙ، ڪهڙيءَ مٽيءَ بنايو آهي؟ ڇا زندگيءَ سان پيار واري فلسفي ؟ جيڪڏهن ائين آهي ته اهو زندگيءَ سان پيار نه آهي. زندگيءَ سان پيار اهو ئي آهي ته اسين زنده رهڻ چاهيون ٿا، ان لاءِ ته پنهنجي قوم جي ٻارن جي چپن تي مُرڪ

برقرار رکون. پنهنجيءَ سر زمين جي تقدس کي پائمال ڪرڻ لاءِ ايندڙ قوتن جون ٽنگون ڀڃي ڇڏيون. پنهنجي ڪنوارين جي اُرهن جي پاڪيزگي ائين برقرار رکون، جيئن مسلمان قرآن جي ورقن، ۽ هندو گيتا جي اشلوڪن جي پاڪيزگي قائم رکندا آهن. ڌرتيءَ جي چاندوڪي ميرانجهڙي نه ٿئي؛ مور جي ٽڙيءَ ۾ گيت اٽڪي نه پون؛ تاڙن جي ٽنوارن کي ڪائي روڪ ٽوڪ نه هجي، ۽ اسان جي ماڻهوءَ جو مانُ ائين مٿانهون هجي، جيئن حيدر بخش جتوئيءَ جي شهپر جو موڙ مٿانهون هوندو هو. — ۽ ٻي زندگي اها آهي، جيڪا چارلس نيپئر کان وٺي جهانگير ڪرامت تائين سمورن طاقتورن جا بوٽ صاف ڪندي، نائونمل کان وٺي اڄ تائينءَ جا ڪجهه ليڊر گذاريندا آيا آهن. زندگيءَ سان اهڙو پيار ڪائي حيثيت نٿو رکي. انهي زندگيءَ تي موت وحشيانه ٽهڪ ڏيندو آهي. اهڙا ماڻهو، جسماني طرح زنده ۽ ذهني طرح مرده هوندا آهن. بهادر جو موت، هڪ دفعي ٿيندو آهي، ۽ بزدلَ، حاڪمن جي اڳيان پنهنجي عزت سميت بار بار مرندو آهي.

ٻيو سبب ڇا اها حڪمت عملي آهي ته جيئن تيئن ڪري آزاد ٿيون، ۽ پوءِ صفون درست ڪري ٻيهر وڙهون؟ جيڪڏهن اهو سبب آهي ته اُهو منظم سياسي ادارن جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ واري عرصي جو بدترين سبب آهي. ۽ خصوصاً ننڍي کنڊ جي روايتن جي بلڪل ابتڙ ۽ انهن کي مليااميت ڪندڙ آهي. ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي واقعا موجود آهن، جن ۾ قيدي معافي ناما وٺي نڪتا، ۽ مٿن سندن گهر وارن به ايڏي لعنت ملامت ڪئي، جو اهي شرم وچان آپگهات ڪرڻ تي مجبور ٿيا.

افسوس اهو آهي ته سنڌ جي عام ماڻهوءَ ته نهيو، پر اهل قلم صحافين ۽ دانشورن ۾ به اهو جذبو نه رهيو آهي، جيڪو راجستاني سيتا، پختون گل مهر ۽ سنڌي مٽيارڻ ٻيبي پير غلام مجدد جي والده ۾ موجود هو— ۽ انهيءَ جذبي جي اڻاٺ ئي ليڊرن کي حڪمت عملين جي آڙ ۾ بزدليءَ واري زندگي گهارڻ تي مجبور ڪيو آهي، ۽ حاڪمن آڏو سنڌ جي شعور کي ذليل ۽ رسوا ڪيو آهي.

پر آءُ سمجهان ٿو ته اهو سبب به نه آهي، ڇو ته ٽارچر سيلن مان

ٻاهر ايندڙن جي اڪثريت پنهنجا پراڻا رستا، نظريا ۽ گس بدلائي، اقتداري ايوانن ڏانهن ويندڙ رستا اختيار ڪيا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اڄ مون کي ۽ منهنجيءَ پارٽيءَ وارن کي اهو چيو پيو وڃي ته ”نوان نعرا، نوان آدرش ۽ نوان رستا اختيار ڪري اچو ته گڏجون.“ پر انهن کي خبر ناهي ته نعرا، آدرش ۽ نظريا، بلڪل ائين پراڻا نه ٿيندا آهن، جيئن سج جي شفق، چنڊ جي چانڊوڪي ۽ ڪارونجهر جي دلڪشي پراڻي نه ٿيندي آهي– ۽ اها هر نئين ڏينهن نئين هوندي آهي.

تيون سبب جيڪو آءُ سمجهي سگهيو آهيان، سو آهي قومپرستيءَ ۽ عوام دوستيءَ جي نالي ۾ مفاد دوستي ۽ پيٽ پرستي، جيڪا سياسي ڪارڪن کي توبهه تائب ٿيڻ جا دلاسا ڏئي، دولت ميڙڻ لاءِ آقائن اڳيان گوڏا کوڙائيندي آهي– ۽ انهيءَ سبب جي ڪري سڄيءَ سنڌ جو شعور گهٽي پاڳي عقاب سان اکيون اٽڪائڻ واري سگهه وڃائي وينو آهي. پر ان جو اهو به مطلب نه آهي ته سڄي سنڌ جو شعور ڪو سنڌ ٿي ويو آهي. اڃا به ڪي اهڙا ماڻهو آهن، جن سن جي ساگر مان سُرڪي پيتي هئي. سي پنهنجي سيني اوڻاين، ڪمزورين ۽ عيبن جي باوجود نيپئر جي وارثن جي سامهون جهڪڻ کي مارئيءَ جي عصمت جي لٽجڻ جي برابر سمجهن ٿا.

هيءُ سڄو داستان، انهيءَ لازوال سرڪيءَ جي خمار آلود ڪيفيتن جو اظهار آهي، جيڪا اڄ به چئي رهي آهي ته:

”آءُ صحرا جو آزاد هرڻ آهيان، جنهن کي به شوق هجي، سو مون کي شڪار اچي ڪري ڏسي!“

هتي آءُ هڪڙي ٻي ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ چاهيان ٿو ته، ڪنهن ماڻهوءَ کي قيد ڪرڻ ۾، قابض قوتن جو مقصد هوندو آهي ته هن کي پنهنجيءَ مرضيءَ سان جيئڻ، گهمڻ، سوچڻ ۽ ماڻهن سان ملڻ کان روڪڻ – خاص ڪري سياسي ماڻهن کي قيد ڪرڻ جو مطلب عوام سان رابطي ڪٽڻ جي ڪوشش هوندي آهي، جيئن مثبت مقصد ۽ پنهنجي نظريي جي هو پرچار ڪري نه سگهي – ۽ ان جي پيٽ ۾ اهڙين منفي قوتن کي آزادي ۽ حوصلا افزائي ملندي آهي، جيئن اهي قيد ٿيندڙ ماڻهوءَ جي مقصد جي خلاف ڀرپور پروپيگنڊا ڪري سگهن.

جنهن جا ٻه مثال ننڍي ڪنڌ جي تاريخ ۾ ملن ٿا:

(١) ٻي جنگ عظيم دوران ڪانگريس جي سموريءَ قيادت کي قيد ڪرڻ، ۽ مسلم ليگ جي سموريءَ قيادت کي نه رڳو آزادي ڏيڻ، پر سندن حوصلا افزائي ڪرڻ - اهوئي سبب آهي جو ننڍي ڪنڌ جي ورهاست جي زبردست تبليغ اُنهن ئي پنجن سالن 1942ع کان 1947ع دوران ٿي.

(٢) سنڌ ۾ سائين جي ايم سيد کي مسلسل قيد ۽ نظر بند رکڻ، ۽ سندس مخالف قوتن کي نه رڳو جسماني آزادي، پر مالي ۽ معاشي آزاديءَ سان گڏ، پروپيگنڊا ڪرڻ جي به ڀرپور آزادي ڏني وئي. نتيجي ۾ سائين جي ايم سيد، جنهن کي 1946ع ۾ جناح هڪڙي اهڙي باهه ڪوٺيو هو، جنهن کي وسائڻ جي ڪنهن ۾ به طاقت نه هئي، سو پنهنجي عوام کان مڪمل طرح جسماني، قلمي ۽ تبليغي طرح ڪٽجي ويو ۽ اها باهه، جنهن کي جناح نه "وسامندڙ" ڪوٺيو هو، سا وقتي طرح پنهنجو تابُ ۽ تپش برقرار رکي نه سگهي.

- ۽ ٻيو ڪنهن قيديءَ تي تشدد ڪرڻ جو مقصد هوندو آهي ته اُن کي ذهني ۽ جسماني طرح ايترو ٽوڙي ڇڏجي، جو هو ڪابه سرگرمي جاري رکي نه سگهي، ۽ پوءِ هو يا ته حڪمرانن جو بوٽ چٽائو بڻجي وڃي، يا صوفيت جي فراري طريقي تي عمل ڪندي، گوشه نشين ٿي وڃي.

اهڙي ٽارچر دوران ذهني ٽوڙ ڦوڙ کان اهو ئي قيدي بچي سگهي ٿو، جنهن وٽ ڪو ئي نصب العين هجي، ڪو آدرش هجي. اهڙو آدرش، جيڪو اکين تي پٽي ٻڌل هوندي به، هن جي سامهون چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر چمڪندو رهي. هن کي پنهنجي نصب العين تي ايترو يقين هجي، جيترو يقين ڪيس پنهنجي انسان هجڻ جو هوندو آهي. اهڙي قسم جا ماڻهو، چچريل جسم، رت هاڻين اکين ۽ ٻي ست عضون جي باوجود، صحتمند مارينڌڙن کان وڌيڪ پنهنجي دل ۽ دماغ جي ٻوٽي کي تروتازه رکندا آهن- جيئن جيولس فيوچڪ، نازي ٽارچر سيل ۾ رت جون گرڙيون هاريندي، ظاهر ڪيو هو، جڏهن هن لکيو هو ته: "توهان مون کي ماري ڇڏيو، پر آءُ پنهنجن هيٺن چپن سان انٽر نيشنل (ترانو) ڳايان

ٿو ۽ مون کي يقين آهي ته ريڊ آرمي ۽ منهنجي وطن جا گوريلا گڏجي، برلن ڏانهن وڌي رهيا آهن ۽ هٽلر جي کوپڙيءَ تي هٿوڙو هڻي رهيا آهن، فتح اسان جي آهي."

– پوءِ جيولس فيوچڪ نه رهيو، پر دنيا ڏٺو ته برلن ۾ سڀ کان پهرين جيڪو فوجي دستو داخل ٿيو، سو ريڊ آرمي ۽ چيڪ گوريلن جو هو.

اهو آهي واضح مقصد، ۽ ان سان مڪمل وابستگيءَ جو مڪمل ثبوت!

سنڌ ۾ بدقسمتي اها رهي آهي ته جيڪي سياسي پارٽيون، گروهه ۽ ٽولا، نالي چمڪائڻ، پيٽ پوڄا، شهرت ۽ نمائش لاءِ سرگرم آهن، تن وٽ ڪو واضح نصب العين نه آهي. ڪڏهن هو اليڪشن جي پٺيان ڊوڙن ٿا، ڪڏهن جمهوريت جو راڳ آلاپين ٿا، ۽ ڪڏهن مبهم انقلاب جي ڳالهه ڪن ٿا، پر انهن شين ۾ به سنڌن ويساهه نه آهي. منهنجيءَ نظر ۾ سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪنهن ڪارڪن کي پنهنجي آدرش سان عشق هيو، اهو صرف نذير عباسي هو. باقي ترقي پسندي، جمهوريت پسندي، عوامي انقلابيت جا نعرا هڻندڙ سڀ ڪاپي ڪندڙ آهن – ۽ ظاهر ڳالهه آهي ته ڪاپي ڪندڙ جي نه ذهني سطح بلند هوندي آهي، ۽ نه ئي شعوري سطح روشن هوندي آهي.

باقي جيستائين منهنجو تعلق آهي ته آءٌ هڪ اهڙي عظيم انسان ۽ ان جي تحريڪ سان لاڳاپيل هئس، جنهن کي پنهنجي نصب العين جي ڪاميابيءَ ۽ سچائيءَ تي ايترو ئي يقين هو، جيترو سياڻي جي سج اڀرڻ تي ماڻهوءَ کي يقين هوندو آهي. ان ڪري آءٌ ذهني ٽوڙ ڦوڙ کان بچي ويس – ۽ جڏهن آءٌ آزاديءَ کان پوءِ سنڌ جي ان عظيم انسان سان مليس ته مون کان پڇيائين ته، "ڪيئن آهين؟" مون چيو، "سائين ! ايمان ۽ جان ٻئي سلامت کڻي آيو آهيان." عرض ڪيم ته "جي عشق سلامت نه هجي ها، ته ايمان ۽ جان ٻئي سلامت نه رهي سگهن ها."

اُن ڪري آءٌ ڪارڪن کي ۽ سنڌي ماڻهن کي اهو مشورو ڏيندس ته قربانيون ڏيو، پر ڪنهن واضح مقصد لاءِ، ۽ ان مقصد جي سچائيءَ ۽ ڪاميابيءَ تي مڪمل يقين سان! ٻيءَ صورت ۾ قابض قوتن جو ٽارچر

سموريءَ قوم کي چرين ۽ پاڳلن ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو، ۽ نتيجي طور انهيءَ پاڳلپڻي کان بچڻ لاءِ اوهان اهڙي زندگيءَ پنڻ تي مجبور ٿيندؤ، جيڪا عزت سميت روز مرندي آهي.

سنڌي قوم جي بدقسمتي اها رهي آهي، ته ان غلام شاهه ڪلهوڙي جي وفات کان پوءِ، آزادي ۽ اُن جي لذت ۽ مزن کي ڏٺو ئي نه آهي. سائنس جو هڪڙو اصول اهو به آهي ته جنهن عضوي کان ڪم نه ورتو آهي، ته اهو ڪجهه وقت کان پوءِ ناڪاره ۽ آخر ۾ ختم ٿي ويندو آهي. انهيءَ اصول موجب سنڌي قوم مان آزاديءَ جي لذتن، مزن، خوشين ۽ مسرتن واري حس ئي ختم ٿي وئي آهي. اُها صرف سائين جي ايم سيد ۽ اُن جي هلچل ئي آهي، جنهن سنڌين کي آزاديءَ جو وساريل خواب ياد ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي- ۽ اهو خواب، جيستائين پنهنجن سمورن خوبصورت منظرن سميت سنڌي ماڻهن جي من جي مندرن ۾، سانجهيءَ ٽاڻي ٻرندڙ ڏيئي وانگر روشن نه ٿو ٿئي، تيستائين سنڌ جا نوجوان مختلف نعرن، نظرين، لالچن ۽ سرابن ۾ ڀٽڪندا رهندا، ۽ پوءِ ٽارچر سيلن ۾ ڪنهن واضح نصب العين نه هئڻ ڪري، اعتراف جرم ڪري، ٻاهر نڪري ايندا.

مون پنهنجي هن داستان ۾ هڪ جاءِ تي لکيو آهي ته مختلف پارٽين جا ڪارڪن، ٽارچرسيل ۾ روئيندا هئا، ۽ خدا کان دعا گهرندا هيا ته، " ياالله! اسان کان هيءُ ڏوهه ٿيو آهي. اهو معاف ڪر، وري نه ڪنداسين." اتي آءٌ کين چوندو هوس ته، " بابا! توهان جيڪي ڪجهه ڪيو آهي، سو ڏوهه نه آهي. پنهنجي عمل تي پشيماني ئي ٻاڙيائپ جي شروعات آهي. توهان اهو يقين ڪريو ته اسان جيڪي ڪجهه ڪيو آهي، اهو اسان جو حق هو، ۽ اسان انهيءَ حق لاءِ وري وري جدوجهد ڪنداسين."

– ۽ مون تي جيڪي به الزام مڙهيا ويا، تن کي مون ڪڏهن به ڏوهه يا جرم نه سمجهيو، ۽ مون سمجهيو ته اهو منهنجو حق هو، جنهن لاءِ آءٌ جدوجهد ڪندو آيو آهيان ۽ ڪندس. چو ته مون فلسفي ۾ اهو پڙهيو آهي ته ، " اهو ماڻهو ڊهي پوندو آهي، جيڪو پنهنجي عمل تي پشيمان ٿيندو آهي، ۽ ان کي ڏوهه سمجهندو آهي." انهيءَ معاملي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ جيئي سنڌ جي ڪارڪن ڪي خاص طرح اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي، تہ سياڻي هو آزاديءَ جي نعري جي ڌوهہ ۾، کهڙي بہ امتحان مان گذري سگهن ٿا، پر اتي اُهي آزاديءَ جي نعري کي جرم نہ سمجهن. بلڪل ائين سمجهن، جيئن محبوبا کي چمي ڏيڻ سندن حق آهي – ۽ اسان جهڙا ڪمزور ماڻهو تارچر سيلن مان، جان، ايمان ۽ عشق سلامت صرف انهيءَ جذبي تحت ڪٽي آيا آهن. آءٌ سمجهان ٿو تہ عشق جي امتحان جا مرحلا اجا ختم نہ ٿيا آهن-

ستاروں سے آگے جہاں اور بھی ہیں
ابھی عشق میں امتحان اور بھی ہیں

هن موقعي تي آءٌ پنهنجي سياسي رفيق علي حسن چانديي، يوسف لغاريءَ، جناب نورالدين سرڪيءَ ۽ مجيب پيرزادي جو خاص ٿورائتو آهيان، جن مون جهڙي هڪڙي ناتوان فقير جي ڀرپور قانوني مدد ڪئي- ۽ خاص ڪري علي حسن چانديي جو احسانمند آهيان، جو ٿرپارڪر مان جڏهن ڪوبہ ماڻهو، مائٽ، ذات وارو بہ منهنجو پٽيشنر ٿيڻ لاءِ تيار نہ هو، تڏهن هو منهنجو مائٽ سڏائي، منهنجو پٽيشنر ٿيو – ۽ ائين شايد ئي ڪو وڪيل ڪنهن قيديءَ جو پٽيشنر ٿيو هجي! آءٌ سنڌي پريس جو بہ شڪر گذار آهيان، جنهن منهنجي ڪيس کي مؤثر طريقي سان ڪنيو. ان ۾ خاص طور تي حيدرآباد جي منهنجن دوست صحافين کان سواءِ، مرحوم ف . م لاشاري ۽ سراج ميمڻ جو ٿورائتو آهيان، جنهن جاڳو اخبار ۾ مون تي خاص مضمون لکيو، جنهن ۾ لکيائين تہ "آرميءَ وارن هڪ اهڙي ماڻهوءَ ۾ هٿ وڌو آهي، جيڪو صرف دليل جي سياست ڪندو آهي، ۽ جيڪڏهن سنڌ ۾ ڏهہ اهڙا ماڻهو پيدا ٿين تہ يقينن سنڌ آزاد ٿي ويندي. " ان ۾ آءٌ پنهنجي تعريف تي خوش نہ آهيان، پر هن جي آزاديءَ سان ڪمٽمينٽ جو سنڌي دانشورن ۾ ڪو جواب ئي نہ آهي.

آءٌ خاص ڪري ان وقت جي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، جناب ناصر اسلم زاهد جو ٿورائتو آهيان، جو هن سنڌ جي عدالتي وقار جو مانُ رکيو، بلڪل اهڙيءَ طرح، جهڙيءَ طرح مولوي تميز الدين جي ڪيس ۾ جسٽس خميساڻيءَ رکيو هو. ناصر اسلم زاهد هڪ

عجيب شخصيت آهي. منهنجي آزاديءَ کان پوءِ، هوٽل فنتاز ۾ هڪ فنڪشن ٿيو، جيڪو ناصر اسلم زاهد جي اعزاز ۾ سڏايو ويو هو. ان ۾ مون کي به گهرايو ويو هو، پر اسٽيج سيڪريٽري جيئن ته هڪ خاص گروپ جو دوست هو، ان مون کي تقرير ڪرڻ لاءِ نه گهرايو، باوجود اُن جي جو لسٽ ۾ منهنجو نالو به هو. اتي سڀ تقريرون انگريزيءَ ۾ ٿيون، ۽ منهنجي دوست رسول بخش پليجي جڏهن تقرير شروع ڪندي چيو ته "آءٌ جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ ڳالهايان ٿو ته چيف جسٽس نه سمجهندو، ۽ جي انگريزيءَ ۾ ڳالهايان ٿو ته ڪيترا سامعين نه سمجهندا. تنهنڪري اردوءَ ۾ ڳالهايان ٿو-" ۽ ان تقرير ۾ هن ناصر اسلم زاهد جي بي پناهه تعريف ڪئي. ان کان پوءِ جڏهن جسٽس ناصر اسلم زاهد تقرير لاءِ اٿيو ته هن چيو ته، " آءٌ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ته نه ويٺو هئس، جو توهان سڀ انگريزيءَ ۾ ڳالهائي رهيا آهيو! آءٌ سنڌي آهيان ۽ آءٌ سنڌيءَ ۾ تقرير ڪندس. تنهن کانپوءِ اردوءَ ۾ ڪندس ۽ آخر ۾ انگريزيءَ ۾ تقرير ڪندس. پر آءٌ حيران آهيان ته پليجي صاحب منهنجي هيڏي تعريف ڇو ڪئي آهي؟ شايد مون ڪڏهن ڪو هن جو ناجائز ڪم ڪيو آهي ؟ پر مون کي نه ٿو سُجهي ته ڪو مون اٿين ڪيو هجي. ممڪن آهي ته هو هاڻي منهنجي تعريف ڪري، ڪو ناجائز ڪم وٺڻ چاهي ٿو!"

آءٌ هتي اهو واضح ڪندو هلان ته جڏهن آرميءَ وارن مون تان ڪيس واپس ورتو، ته اُن وقت جسٽس ناصر اسلم زاهد اهو فيصلو ڏنو ته "نيڪا! قيدي بيگناهه آهي، پر پنج مهينا ۽ چار ڏينهن، توهان جيڪا هن جي جسماني، ذهني ۽ مادي سگهه وڃائي آهي، انهيءَ تي هرجاني جي دعويٰ جو آءٌ ڪيس حق ڏيان ٿو- ۽ هو جڏهن چاهي، اهڙو ڪيس داخل ڪري سگهي ٿو."

آ ظالم، ستمگر هُنر آزمائين،
تو تير آزما هم جگر آزمائين.

– عبدالواحد آريسر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسان جيئن جيئي ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جيئن جيئي پلا ڪو جهان ۾،
سدائين نشان تي، سدا امتحان ۾!
- حليم باغي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسان جيئڻ جيئي پلا ڪو جهان ۾!

مئي ۱۹۹۲ع ۾ هوٽل فنتاز حيدرآباد ۾، سنڌ ڊيموڪريٽڪس گروپ طرفان جسٽس دراب پٽيل جي صدارت هيٺ ٿيل سيمينار ۾، جنهن جو عنوان هو ”سنڌ ۾ انساني حقن جي لتاڙ“- سنڌ جا سڀيئي دانشور، عالم، اديب ۽ قانوندان، ۽ پنجاب کان آيل ميڊم ايليس فيض موجود هئا. ان موقعي تي مون تقرير ڪندي چيو هو ته ”انسان جا بنيادي حق ٽي آهن: زندگي، آزادي ۽ محبت جي تلاش - پر هتي، هن مُلڪ ۾ انسان جي پهرين بنيادي حق، يعني زندگيءَ جي به ضمانت نه آهي. ٽنڊي بهاول سانحي کان پوءِ يوسف جکراڻيءَ جي وحشياڻي قتل، اسان جهڙن غريب ورڪرن تي اهو تاثر ڇڏيو آهي، ته جڏهن سنڌ جي هڪ طاقتور جکراڻي قبيلي جي فردکي ائين لتن، مُڪن ۽ بَٽن سان ماريو وجي ٿو، ته پوءِ اسان جهڙن غريب ورڪرن جي ڪهڙي حيثيت رهي ٿي؟ اي ظالمو! ڇا خدا تعاليٰ هن اياڻيءَ پوڻ جي سنڌي ماڻهن جا هي خوبصورت جسم، اُنهيءَ لاءِ پيدا ڪيا آهن، ته جيئن اوهان انهن ۾ گولين جا فصل پوکيندا رهو؟ پر ياد رکو ته انهن خوبصورت جسمن ۾ پوکيل گوليون، ڪنهن وقت قيامت جي زلزلي وانگر قبرون ٽوڙي ٻاهر نڪرنديون، ۽ ظالم قوتن جيِ بڻ بٽياد کي ناس ڪري ڇڏينديون.“

مون اُتي وڌيڪ چيو هو ته ”ڪنهن ملڪ جا اهل حڪمران، پنهنجن ٻچن جي هٿن ۾ ڪتاب ۽ قلم ڏيندا آهن، پر پاڪستان جي نااهل حڪمرانن، اسان جي نئين نسل جي هٿن ۾ هيروئن جون پُڙيون، ۽ سندن جسمن ۾ ڪلاشنڪوف جون گوليون پوکيون آهن، ۽ انهيءَ جو نالو ”اسلامي ڪلچر“ رکيو آهي.

”منهنجيءَ زندگيءَ جو مقصد اهو آهي، ته آءٌ آزاد سنڌ ۾ هر گولي ناهيندڙ ماڻهوءَ، ۽ هر بارود بنائيندڙ ڪارخاني کي تباهه ڪري ڇڏيان. اڄ منهنجي ذهن ۾ آمريڪي صدر ٿامس جيفرسن جا اهي جملا گونجي رهيا آهن، ته ”فساد ۽ خونريزيءَ ۾ مبتلا هن دنيا ۾، مون کي جيڪڏهن اهو يقين ٿي وڃي ته صرف هڪ مرد ۽ هڪ عورت زنده

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندا، جيڪي پاڻ ۾ محبت ڪندا ۽ آزاد نسل کي جنم ڏيندا، ته آءٌ انهن ٻن شخصن جي زندگيءَ، آزاديءَ ۽ محبت کي قائم رکڻ لاءِ، پوريءَ دنيا سان وڙهڻ لاءِ تيار آهيان، ڇو ته منهنجيءَ انهيءَ ويڙهه جي نتيجي ۾، دنيا ۾ تشدد، وحشيت، بالادستي ۽ خوف ختم ٿي ويندا.“ پر مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اڄ آمريڪا خود، پنهنجي مرحوم صدر جي قولن تي عمل نه ڪري رهيو آهي. ان ڪري دنيا ۾ بيشمار مرد عورتون، زندگيءَ، آزاديءَ ۽ محبت جي ڳولا ۾ختم ٿي رهيا آهن - ۽ جيفرسن جا پوئلڳ انسانيت کي آزاد ۽ محبت ڀري زندگيءَ ڏيڻ بدران، بيشمار مهلڪ هٿيارن سان تباهه ڪري رهيا آهن. اي عالمي امن جا علمبردارو! اچو ته گڏجي مهلڪ هٿيارن جو خاتمو ڪريون، ۽ امن جي رنگين غبارن کي فضائن ۾ اڏايون! بهادري انهيءَ ۾ ناهي ته ڪير ڪيترا ماڻهو ماري ٿو، پر بهادري انهيءَ ۾ آهي ته ڪير ڪيترن ماڻهن کي زندگي ڏئي ٿو. جيڪڏهن ماڻهو مارڻ بهادري آهي ته پوءِ نانگ، بلائون، وڇون، شينهن ۽ بگهڙ، ڪائنات ۾ بهادر ترين جيوَ ليکيا وڃن ها، پر ڪنهن به ڏاهي انسان انهن کي بهادر نه، پر موذي جانور قرار ڏنو آهي. اچو ته بهادر ٿيون، موذي نه !“

جنهن وقت آءٌ اهي لفظ چئي هوٽل مان ٻاهر نڪتو هئس، ته حيدرآباد جي هڪ خوبصورت ۽ مقبول ترين عورت مون کي چيو هو ته ” توهان ڏاڍي خوبصورت تقرير ڪئي آهي!“ آءٌ اها تعريف ٻڌي خوش ٿي رهيو هئس، پر ان وقت منهنجي خواب ۾ به اها ڳالهه نه هئي، ته انهيءَ آپريشن جو شڪار آءٌ پاڻ جلد ٿيڻ وارو آهيان.

انهيءَ سيمينار کان پوءِ آءٌ سنڌ جي دوري تي نڪتس، ۽ مون هر جڳهه تي عام ماڻهن ۽ سياسي ڪارڪنن کان اهو ٻڌو، ته آپريشن جو شڪار سماجي ڏوهارين کان وڌيڪ، سياسي ڪارڪن بڻجي رهيا آهن. ان صورتحال کي ڏسي مون پنهنجين تقريرن ۾ هڪ جملي جو واڌارو ڪيو، جنهن جو روءِ سخن سنڌ حڪومت ۽ آپريشن اٿارٽيءَ ڏانهن هيو. اهو جملو هيءُ هئو ته ” اي آپريشن ڪندڙؤ ۽ ان جي اجازت ڏيندڙؤ! اوهان پاڻ آپريشن جون حدون مقرر ڪري آيا آهيو، ۽ جيڪڏهن انهن کي اورانگهيندؤ، ته سنڌ جو نوجوان اوهان جون

جاگرافيائي سرحدون اورانگهڻ تي مجبور ٿيندو!"

مون کي انهيءَ جملي جي مفهوم جي چڱيءَ طرح خبر هئي، ڇو ته آءٌ انهن تقرير ڪندڙن مان نه آهيان، جيڪي تقرير جي جوش ۾ بي معنيٰ ڳالهيون ڪندا آهن، ۽ پوءِ ڇيل لفظن جي ذميواري قبولڻ کان انڪار ڪندا آهن.

آءٌ اُهو دورو ڪراچيءَ ۾ پورو ڪري، ڳوٺ اچي رهيو هُئس ته ڪوٽڙِيءَ ۾ مون سان رسول بخش پليجي جا ساٿي، عالم شاهه ۽ ٻيا مليا ۽ انهن مون کي پليجيٰ صاحب طرفان دعوت ڏني، ته پليجو صاحب ٻهارين جي اچڻ جي خلاف آڪٽوبر ۾ هوٽل فنتاز ۾ هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي رهيو آهي، جنهن ۾ تنهنجي لاءِ عمرڪوٽ، ڪراچيءَ ۽ ڪوٽڙيءَ ۾ مختلف ماڻهن کي مقرر ڪيو ويو آهي ته جتي به ملي، شريڪ ٿيڻ جي شرط سان دعوت ڏني وڃي. ( آئون پليجي جيٰ ان ڪانفرنس ۽ دعوت تي حيران آهيان، ڇو ته ان وقت ضرورت هڪ اهڙيءَ ڪانفرنس جي هئي، جيڪا سنڌ جي ماڻهن کي " آپريشن اٿارٽيءَ" جي وحشي اهلڪارن جي گولين کان بچائي. پر جيئن ته ان وقت آپريشن جو ڪنهن قدر رُخ ڪراچيءَ ڏانهن مڙي چڪو هئو، ۽ پليجو اهڙي رُخ اختيار ٿيڻ ۾ خوش هئو، ان ڪري هن ٻهارين کي روڪڻ وارو مسئلو اٿاريو هئو.) مون سندس دعوت قبول ڪئي. ان ڏينهن ئي ميرپورخاص پهچي، يوسف لغاريءَ سان مشورو ڪري، ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پروگرام طئي ڪيوسين.

بهرحال اها ڪانفرنس ڪنهن نتيجي بنا ختم ٿي ويئي هئي، ڇاڪاڻ ته پليجي، ان ڪانفرنس ۾ جن وڏن ماڻهن کي دعوت ڏني هئي، تن مان ڪوبه ڪونه پهتو هو. نتيجي طور ڪانفرنس لاءِ ٻي تاريخ، 16 آڪٽوبر مقرر ڪئي وئي. 16 آڪٽوبر تي پهرينءَ ڪانفرنس کان گهٽ ماڻهو پهتا هئا، ڇو ته اڳ ۾ اين بي پي ۽ جيئي سنڌ (جکراڻي گروپ) جا نمائندا پهتا هئا، پر پوئين ڪانفرنس ۾ اُنهن ٻنهي جو ڪوبه نمائندو ڪونه پهتو هو، پر پوءِ به موجود ماڻهن جي زور ڀرڻ تي اسان "اينٽي ٻهاري ڪاميٽي" قائم ڪري ورتي.

بهرحال اسان تحريڪ هلائڻ جو مڪمل پروگرام طئي ڪري

اٿيا سين. جيتوڻيڪ پليجي صاحب ۽ سنڌ جي ممتاز اديب ۽ دانشور تاج جويي مون کي چيو ته، ”تون به تي ڏينهن حيدرآباد ۾ ترسي پئه!“ پليجي جو چوڻ هئو ته ”لاهور ۾ آءُ سنڌ جو ڪيس وڙهي آيو آهيان، ان جي وڊيو ڪيسٽ اڄ رات ڏسجي.“ مون پليجي کي چيو ته ” تو اتي پنهنجي خطابت جا ڪيترائي جوهر چونه ڏيکاريا هجن، پر مجيب الرحمان شاميءَ جي هڪڙي ئي ڳالهه توکي اتي بي هٿيار ڪري ڇڏيو هو. جنهن ۾ شاميءَ چيو هئو ته بهاري جيڪڏهن پنجاب ۾ آباد ٿين ته سنڌين کي پنجاب جي معاملي ۾ مداخلت نه ڪرڻ گهرجي، چو ته سنڌين جو پنجاب سان ڪجهه به ڪونه ٿو وڃي!“ پليجي مون کان پُڇيو ته ” اُتي تون هجين ها ته ڪهڙو جواب ڏين ها؟“ مون چيو ته ” آءٌ چوان ها ته سنڌي پاڪستان جا خالق آهن، سنڌ اسيمبلي پاڪستان جي مڙر اسيمبلي آهي، سنڌ اسيمبلي پاڪستان کي قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجين بهترين پيٽن ۽ ڏيئرن کي ڏکي ڏار ڪيو پئي، ته ان وقت پنجاب اسيمبلي يونينسٽ پارٽيءَ جي قيادت ۾ گڏيل هندستان لاءِ ڪوشش ڪري رهي هئي. ان ڪري پاڪستان جا وارث اسين آهيون، ۽ ڪنهن به صوبي ۾ ڪابه زيادتي ٿئي ته ان کي روڪڻ جا حقدار به اسين آهيون– ان کان سواءِ، بهاري ڪٿي به هجن، ايندا سنڌ ۾.“ پليجي مون کي جواب ڏنو ته ”مون ان کان وڌيڪ دليلن سان ڳالهايو هو، پر پاڪستان جي قرارداد، سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊيل نمائندن پاس ڪئي هئي، ۽ اڄ اسان ۽ توهان چونڊيل نمائندا نه آهيون.“ مون کيس جواب ڏنو ته ”پُروفيسر جان ڊيويءَ لکيو آهي ته دانشور، اديب ۽ شاعر، ڪنهن به قوم جا غير تسليم ٿيل قانون ساز هوندا آهن. تسليم ٿيل قانون ساز پنهنجي قانونن تي عمل ڪرائڻ لاءِ انتظاميا ۽ عدالتون استعمال ڪندا آهن، پر قومون غير تسليم ٿيل قانون سازن جي ڏسيل فڪر هيٺ پنهنجو سفر ڪنديون آهن.“ ان تي پليجي چيو ته ”بلڪل ٺيڪ ! سنڌ جا اصل نمائندا پاڻ آهيون!“

پروگرام وغيره طئي ڪرڻ کان پوءِ آءٌ ۽ يوسف لغاري واپس ميرپورخاص موٽيا سين، ته ٽنڊي الهيار شهر ۾ دودو مهيري اسان کي مليو. اتي دودي سان گڏجي چانهه پيئڻ دوران اڪيلائيءَ ۾ مون پڇيو ته

”توهان جي همراهن جي بيانن کان پوءِ صورتحال ڪٿي بيٺي آهي؟“ دودي مون کي چيو ته ” اڄوڪي ڏينهن تائين منهنجي معلومات مطابق جيڪا ڪارروائي ٿي آهي،.سا ڏوهاري ماڻهن خلاف ٿي آهي.“ ان وقت سڀ کان گهڻا ڏوهاري ترقي پسند پارٽيءَ ۽ جڪراڻي گروپ جا گرفتار ٿيا ها ، ان ڪري هُن چيو: ” اوهان کي ۽ مون کي گهٻرائڻ جي ضرورت ناهي.“

تنهن الهيار مان اسان جدا ٿيا سين. هُن کي چمبڙ وڃڻو هُئو، ۽ مون کي ميرپور خاص! هڪ ٻه راتيون ميرپورخاص ۾ رهيس. ارڙهينءَ جي صبح جو عمرڪوٽ روانو ٿيس، ڇو ته اتي پرائمري ماسترن جا انٽرويو ٿيڻا هُئا ، ۽ اسان جي ڪافي واسطيدارن جا نالا ڄاڻي واڻي انٽرويو لسٽ مان خارج ڪيا ويا هئا. عمرڪوٽ پهچي واسطيدار اميدوارن سان مليو، نالا داخل ڪرائي، اڇي ” ملڪ گڊز“ جي مالڪ جي جاءِ تي سمهي رهيس. اڌ ڪلاڪ مس گذريو ته هڪ ماڻهوءَ، (جنهن جو نالو نٿو لکان) اچي اٿاريو، ۽ مون ڏانهن ڏسي چيائين: ” سائين! توهان آهيو، معاف ڪجو! مون اوهان کي ڊسٽرب ڪيو.“ ائين چئي هليو ويو.

جيئڻ ته منهنجي سياست ۽ سياسي تربيت، جرائم پيشه ۽ سازشي ماڻهن جي ذريعي نه ٿي آهي، اُن ڪري آءٌ هميشه ان خيال جو رهيو آهيان، ته آزاديءَ جي جدوجهد هجي يا سوشلسٽ انقلاب، اُن ۾ عام راءِ يا اوپينين (Openion) ضروري آهي. غفار خان، گانڌيءَ ۽ سائين جي ايم سيد جو اهو چوڻ آهي. ان ڪري، مون کي موجوده آپريشن ۾ پنهنجي ذات يا جيئي سنڌ محاذ لاءِ خطرو محسوس نه ٿي ٿيو، تنهنڪري منهنجي وهم ۽ گمان ۾ به اُها شيءِ نه هئي ته آپريشن اٿارتي، سنڌ ۾ هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي ڳچيءَ ۾ به ڦاهو وجهڻ جي ڪوشش ڪندي، جنهن سڄي عمر تشدد ، دهشتگرديءَ، تخريبڪاريءَ ۽ ڌاڙي بازيءَ جي نه صرف مخالفت ڪئي هئي، پر سنڌ جي تعليمي ادارن کان وٺي ڳوٺن ۽ واهڻن تائين، اهڙين حرڪتن جي مخالفت سان گڏ مزاحمت به ڪئي هئي. ان ڪري مون نه ٿي سمجهيو ته هيءُ آپريشن، ڏوهاري ماڻهن بدران شريف سياسي ڪارڪن خلاف ڪو قدم هوندو.

پر منهنجي اها پُل هئي، ڇو ته اها ڪارروائي حقيقت ۾ ٿي ئي سياسي ڪارڪنن جي خلاف هئي.

آءٌ بنا ڪنهن ڪٽڪي جي چور مان ٽيڪري تي چڙهي ڳوٺ لاءِ روانو ٿيس. واٽ ۾ مون سيد مظفر شاهه جي ٻن ورڪرن کي چيو ته "اينڊڙ اليڪشن ۾ توهان جيڪڏهن مظفر شاهه جي جيپ ۾ چڙهو ٿا، ته آءٌ توهان ٻنهي سميت جيپ کي باهه ڏيئي ڇڏيندس." اهو ٻوڳ ڪندي ڳوٺ پهتاسين.

جيئن ته رات جو انين ڪان يارهين وڳي تائين منهنجو وقت صرف سنڌ، ڪائنات ۽ انسان جي لاڳاپي تي سوچ لاءِ وقف ٿيل هوندو آهي، ان ڪري ڳوٺ پهچي، ڪجهه وقت اندوءَ سان ڳالهيون ڪرڻ ڪان پوءِ، آءٌ عمر خيام جي شاعريءَ جي عملي تشريح ۾ لڳي ويس.

رات جو يارهين وڳي مون آخري سگريٽ دکايو، ۽ آسمان ڏانهن ڏٺو. آڪٽوبر جي ٿر جي ٿڌيءَ رات ۾، ستارا ڏاڍيءَ سخاوت سان پنهنجيءَ مرڪ جي روشني ڌرتيءَ جي من تي نڇاور ڪري رهيا هئا، ۽ ٿر جي واريءَ ستارن جي مُرڪ جهٽڻ لاءِ پنهنجو ڪشادو سينو کولي ڇڏيو هو. مون چوطرف پنهنجي ڪڪائين ڳوٺ تي نظر وڌي، ۽ سوچيو ته آمريڪين لاءِ دنيا جي شروعات وائيٽ هائوس(White House ) کان ٿئي ٿي، پر منهنجي پوري ڪائنات جي شروعات منهنجي ڳوٺ ۽ ڳوٺ ۾ منهنجي گهر جي اڳڻ تان ٿئي ٿي، جنهن اڳڻ تي منهنجي ڌيءُ اندرا ۽ سندس ماءُ، ماضيءَ ۽ حال جي هيجانن کان بي پرواهه ٿي، ٿر جي ٿڌڙيءَ هوا ۾ ننڊ ۾ الوٽ هيون. اهو سوچيندي سوچيندي مون کي به ننڊ اچي وئي ۽ خواب - دنيا جي وادين ۾ گم ٿي ويس. منهنجي اک ان وقت کُلي، جڏهن مون پنهنجي سيني تي ڪنهن سخت شيءِ جو دٻاءُ محسوس ڪيو- ان دٻاءُ تي اٿيس ته سامهون هڪ همراهه، انسانن کي قتل ڪندڙ هڪ هٿيار هٿ ۾ڪنيو، پوزيشن سنڀاليو بيٺو هو. ان وچ ۾ ڳرن بوٽن جي نڪائن سان ڪافي ماڻهو اڳڻ تي هليا آيا. انهن آوازن تي منهنجي زال به سجاڳ ٿي پئي، ۽ پوزيشن ورتل ماڻهن تي نظر پوڻ شرط رڙيون ڪندي، منهنجي کٽ تي هلي آئي، ۽ مون کي بچائڻ لاءِ پنهنجن ياڪرن ۾ مون کي ائين پڪوڙي ورتائين، جيئن شايد هوءَ

سهاڳ رات به نه ڪري سگهي هئي- چو ته هن سمجهيو هو ته گهر ۾ ڏاڙيل يا دهشتگرد گهڙي آيا آهن، جيڪي يا ته مون کي قتل ڪرڻ ٿا چاهين، يا اغوا. پر ٽيستائين پيا ماڻهو به، ڊي ايس پي عمرڪوٽ مسٽر الطاف قادريءَ ۽ هڪ ٻئي اداري جي ڪيپٽن جي سربراهيءَ ۾ پهچي ويا، ۽ پوزيشن وٺي بيٺل سپاهي، اسان جي ڪٽن جي وچ ۾ ويهي رهيا. منهنجي زال ان وقت به روئي رهي هئي، ڪجهه نه سمجهندي بي حس ٿي هئي ۽ آءٌ سندس پاڪرن ۾ پيو هئس. انهيءَ منظر کي ڏسندي، مسٽر قادريءَ چيو ته "پيڻ! ڪوبه مسئلو ناهي، اسين تنهنجي مڙس کي گرفتار ڪرڻ لاءِ آيا آهيون. هيءُ اڳي به گرفتار ٿيندو رهيو آهي. اسين ڪيس ڪوبه نقصان پهچائڻ نٿا چاهيون. تون ته هڪ انقلابيءَ جي گهر واري آهين، توکي ته بهادر هئڻ گهرجي."

ان وچ ۾ اندرا به سجاڳ ٿي، مون ڏانهن ڊوڙندي آئي، پر مون اندرا جي ماءُ کي چيو، "اندرا کي سندس ڏاڏي ڏانهن وٺي ڇڏي اچ." ڪيسر، اندرا کي ڏاڏي وٽ ڇڏڻ لاءِ وٺي وڃڻ لڳي ته اندرا دانهون ڪيون. ان وقت مون سوچيو ته اجوڪي رات ته منهنجي ڌيءُ دانهون ڪري رهي آهي، پر هن ساڳئي وقت عزيز آباد، ناظم آباد، پريت آباد، بدين ۽ مٽياريءَ جي گهرن ۾ به معصوم ٻارن جون ڊنل ۽ هراسيل دانهون هونديون، جيڪي اڄ منتشر آهن، پر ڪاش! قدرت مون کي اهڙي سگهه ڏئي، جو آءٌ انهن سيني دانهن کي گڏي، سنڌ ۾ هڪ اهڙي ڪيڏاري کي جنم ڏيان، جيڪو سنڌ جي هر رهواسيءَ جي اندر جو آواز بنجي سگهي. (هتي آءٌ هڪ غير واسطيدار جملو لکڻ چاهيان ٿو، ته مون پنهنجيءَ ڌيءُ جو نالو اندرا رکيو هو، پر آئون نهرو نه ٿي سگهيس، چو ته نهروءَ جي اندرا پنهنجي بابي کي ڪڏهن به ائين گرفتار ٿيندي نه ڏٺو هو، جيئن مون کي ڪيو ويو هو.) ان ڪارروائيءَ هلندي، ڊي ايس پي عمرڪوٽ مسٽر قادريءَ هڪ ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ڪيو ۽ چيو ته "هيءُ ايف. سي. ايم آهي، ان جي نگرانيءَ ۾ اسان تنهنجي گهر جي تلاشي وٺنداسين." مون چيو- "بيشڪ توهان تلاشي وٺي سگهو ٿا!" منهنجي گهر ۾، منهنجي وجود کان سواءِ رياست لاءِ ڪا به خطرناڪ قسم جي شيءِ موجود نه هئي، پوءِ به انهن منهنجا بريف

ڪيس، ڪبٽ ۽ پيٽيون ڪوليون، ۽ ٻي هر قسم جي تلاشي ورتي، پر ڪين ڪابہ شيءِ نہ ملي. منهنجن ڪبٽن ۾ رڳو چار ڪتاب هيا، (۱) سنڌ: اسلام ڪان اڳ ۾ (۲) ڊفينس ڊائجسٽ (۳) اختر رضويءَ جو ڪتاب، "سنڌي مهاجر مسئلي جو حل" ۽ (۴) سيد عطاءُ الله شاهہ بخاري- جيڪي هنن پنهنجي قبضي ۾ ورتا. انهيءَ سان گڏ منهنجي بيگ ۾ پيل منهنجي ڊائريءَ ۾، مخدوم بلاول تي گڏ ڪيل مواد پڻ ڪنيائون. عطاءُالله‌شاهہ بخاريءَ جي ڪتاب تي ڇپيل فوٽوءَ کي ڪيپٽن صاحب گرو رجنيش جو فوٽو سمجهيو، ۽ پنهنجي ٻئي ساٿيءَ کي سڏي ان کي ڏيکارڻ لڳو. جيئن تہ اهو وقت ساڍي چئين وڳي رات جو هو، ۽ منهنجي گهر ۾ لالٽين بہ ڪانہ هئي، تنهنڪري فوٽوءَ جي هيٺيان لکيل عطاءُ الله شاهہ بخاري هو پڙهي نہ پئي سگهيو، ان ڪري ڪتاب کي اٿلائڻ پٿلائڻ لڳو. مون سندس حيراني ڏسي، ڪيس چيو تہ "اها عطاءُ الله شاهہ بخاريءَ جي سوانح عمري آهي." پنجابي هئڻ جي ناتي سان هن ڪتاب واپس ڪبٽ ۾ رکي ڇڏيو. شايد ڪيس خبر نہ هئي تہ شاهہ صاحب لاهور کي " پاڪستان جو ڪوفو" ۽ پاڪستان کي "شيطان جي مڪروہ اسڪيم" سڏيندو هو. پر جنهن ايجنسيءَ سان هن جو واسطو هيو، تنهن جا سربراهہ شايد علم ۽ عقل جي پاسي مان گذرڻ کي بہ اهڙو گناهہ سمجهندا هيا، جهڙو گناهہ هڪ پرهيزگار مسلمان.چڪلي جي پرسان گذرڻ کي سمجهندو آهي.

تلاشيءَ دوران ڪبٽ تي وڏا ويڙهيل اشتهار رکيل هيا، انهن کي ڏسي ڪيپٽن صاحب چيو تہ "يہ اتارو نقشے هونگے." سپاهين ڏاڍيءَ ڦڙتيءَ سان اهي چار پنج ڪاغذ لاٿا، ۽ کولي ڏٺائون تہ اهي واري جي بيماريءَ متعلق اشتهار هيا، جيڪي ٿر جي هر ڳوٺ ۾ ورهايا ويندا آهن.

انهيءَ سموريءَ ڪارروائيءَ دوران انهن مَٽَ اونڌا ڪري ڏٺا، پاٽيءَ جا دلا ڀڳا ۽ لوڙهي جا ڏنگر هٽايا ۽ اوطاق جي تلاشي ورتي، پر پوءِ بہ هنَن کي مقصد جي ڪابہ شيءِ ملي نہ سگهي، سواءِ "ڊپلو ميٽ وسڪيءَ" جي خالي بوتل جي، جيڪا هنن پنهنجي قبضي ۾ ورتي. ان کان پوءِ هنن منهنجي زال جو رئو ڪٽي منهٰنجون اکيون ٻڌڻ جي ڪوشش

ڪئي، جنهن تي مون کين چيو ، "هيءُ منهنجو بريف ڪيس آهي، ان ۾ ڪجهه ڪاغذ آهن، آءٌ چاهيان ٿو ته ڪپڙن جو هڪ وڳو، شيونگ جو سامان، ٽوٿ پيسٽ ۽ برش وغيره ان ۾ ڪٽان." اهو مون ڊي ايس پي عمرڪوٽ کي چيو. غلام ملڪ جي ڪامورن جي ذهنيت جو مظاهرو ڪندي، هن ايجنسيءَ جي ڪيپٽن کان پڇيو ته " سائين! هي پاتل ڪپڙن سان گڏ واسڪوٽي پائڻ ٿو چاهي، ڇا اجازت آهي؟" هن چيو "ڪوئي هرج نهين، انا لين." مون به جوڙا ڪپڙن جا ۽ ڏنڊڻ جو سامان بيگ ۾ وڌو، پر اونداهي هئڻ ڪري آءٌ شيو جو سامان ڏسي ڪونه سگهيس، ۽ مون بيگ بند ڪئي. هنن منهنجي اکين تي منهنجي گهر واريءَ جي رئي سان پٽي ٻڌي، ۽ ڪيپٽن چيو ته "اب چلين،يه اپنا بيگ خود اٿائے گا." مون بيگ کنئي ۽ هڪ سپاهيءَ منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وڌو. ڏڪا ٿاپا کائيندو، گهلبو، آءٌ پنهنجي گهر جي ڪنڊائين لوڙهي کان ٻاهر نڪتس. ٻاهر نڪرڻ وقت مون اندرا جون ڏانهون ٻڌيون ۽ محسوس ڪيو ته جنهن سلوڪ سان مون کي نيو پيو وڃي، ان ذريعي سان شايد اندرا جون ڏانهون ڪافي عرصي لاءِ سڄيءَ سنڌ جي سياسي ڪارڪنن جي ڏيئن ۽ پٽن جون گڏيل ڏانهون ٿي وڃن.

بهرحال هنن مون کي گاڏيءَ ۾ اچلايو ۽ گاڏي اسٽارٽ ٿي. مون کي پنهنجيءَ منزل جي ڪابه خبر نه هئي، بلڪل اهڙي طريقي سان جيئن پاڪستان جي نقلي محافظن کي ان جي مستقبل جي منزل جي ڪابه خبر ڪانهي. گاڏيءَ ۾ ويهڻ وقت ڪيپٽن پنهنجي ماتحت کي چيو ته "هن ماڻهوءَ جي باري ۾ توکي ڪابه معلومات نه هئي؟ اسان جو هيڏو سارو فورس ۽ پيٽرول سڀ ضايع ٿي ويو آهي." سندس ماتحت چيو ته "سائين! مون کي هن جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ آهي، پر مون احتياط ڪيو ته متان هن وٽ اپر سنڌ جا ڪي دهشتگرد مهمان ترسيل هجن." جنهن تي ڪيپٽن هن کي چيو ته "توهان کي اها به خبر ڪانهي ته ڪهڙيءَ رات هن وٽ مهمان اچن ٿا ۽ ڪهڙيءَ رات ڪونه ٿا اچن، ۽ اڄ آيل به آهن يا نه ؟" جنهن تي ماتحت خاموش ٿي ويو ۽ اسان جي گاڏيءَ هلڻ شروع ڪيو. مون محسوس ڪيو ته هنن هاسيسر وارو رستو نه ورتو آهي، پر ڇور وارو رستو ورتو آهي. ان جي تصديق ان وقت ٿي،

جڏهن چور ۾ هئن هڪ ماڻهوءَ کي گاڏيءَ مان اهو چئي لاٿو ته ” تنهنجو ڪم ختم.“ پوءِ مون کي سڌو عمرڪوٽ جي قلعي ۾ وٺي ويا، پر قلعي ۾ مون کي گاڏيءَ مان لاٿو نه ويو. مون پنهنجي پرسان ويٺل ايجنسيءَ جي ماڻهو کي چيو ته ” مون کي اُڃ لڳي آهي، آءٌ پاڻي پيئڻ چاهيان ٿو.“ ايجنسيءَ واري ٻئي کي چيو ته ”پاڻي به وٺي اچ ۽ چانهه به.“ چانهه ته ڪانه آئي، پر آڪٽوبر جي مهيني ۾ مَٽَ جي ٿڌي پاڻيءَ جو پريل گلاس مليو. گهر کان قلعي تائين پهچڻ وارو سمورو عرصو منهنجي دماغ ۾ منهنجيءَ گهر واريءَ ڪيسر جون دانهون، ۽ اندرا جا سڏڪا گونجندا رهيا، پر جنهن حالت ۾ آءٌ هُئس، ان ۾ ڪنهن ڳراٽي پائڻ ۽ اندرا کيَ هنج ۾ کڻڻ جي گنجائش ئي ڪٿي هئي! ان ڪري دل جون حسرتون مون قلعي ۾ ئي ڪٿي مارئيءَ جيَ قدمن ۾ دفن ڪري ڇڏيون، ۽ ايندڙ دؤر ۾ جيڪي ڪجهه ٿيڻ وارو هئو، ان کي منهن ڏيڻ لاءِ رٿابندي ڪرڻ لڳس.

تقريبن اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ساڳيءَ حالت ۾ مون کي عمرڪوٽ تعلقي اسپتال ۾ آندو ويو. اتي ننگي فرش تي هيٺ ويهاري، ميڊيڪل آفيسر کي گهرائي چيو ويو ته هن جو طبي معائنو ڪري ۽ فٽنيس(Fitness) جو سرٽيفڪيٽ ڏئي. ڊاڪٽر مون کي پَٽَ تان اٿاري، معائني واري ٽيبل تي سُمهاري، قيد ڪندڙن کي چيو ته ” آءٌ سائينءَ جو معائنو ڪندس ۽ علاج پڻ– ۽ ان سان گڏ اوهان جو به علاج ڪندس. شرط اهو آهي ته مون کي ليٽر ڪپي نه هن کي گرفتار ڪنهن ڪيو آهي، ۽ ڪير مون وٽ وٺي آيو آهي.“

اجا تائين شهر به ڪونه ڪليو هئو، انَ ڪري هڪڙي عملدار چيو ته ”سگريٽ نهين مليگي ؟“ ڊاڪٽر وراڻيو ته ” هيءَ اسپتال آهي پان ٻيڙيءَ جي ماڻدٽي نه!“ ان تي مون سگريٽ جو پاڪيٽ ڪڍي ماچيس سميت انهيءَ عملدار کي ڏنو، جيڪو هن وڏيءَ اتاولائي سان ورتو ۽ چيائين ”تو همين رشوت ديتا هے ؟“ وراڻيم، ” توهان جي پاڪستان ۾ رشوت جو ريٽ ايترو سستو نه آهي.“ سگريٽ پيئڻ کان پوءِ اهو چئي روانو ٿيو ته ” سر! آدهے گهنٹے مين ليٹر لے آتے هين–“

اڌ ڪلاڪ تائين آءٌ معائني جي ٽيبل تي سـتو رهيس، پر هو ڪوبه

ليٽر وٺي نه ايا ۽ ڊاڪٽر کي چيائون ته "في الحال هم اس کو لے جاتے هين، بعد مين ليٽر کے ساٿ لے آئين گے." مون کي وري به قلعي ۾ وٺي ويا ۽ هڪڙيءَ جاءِ ۾ هٿڪڙي هٽي ويهاري ڇڏيائون. ان وچ ۾ هنن مون کي هٿڪڙي نه هنئي هئي. آءٌ اکين تي پٽي ٻڌل، ننگي فرش تي عمرڪوٽ جي ان ريسٽ هائوس جي هڪڙي ڪمري ۾ ويٺو هئس، جنهن ريسٽ هائوس ۾ مون ڪجهه سال اڳ سنڌ قومي اتحاد جي جنرل سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾، سنڌ جي قومپرست اڳواڻ رئيس عبدالحميد خان جتوئيءَ جي دعوت ڪئي هئي، ۽ ڪيس عمرڪوٽ جي تاريخي " لانبي گرائونڊ" ۾ تاريخي جلسو ڪرايو هو. انهيءَ جلسي عبدالحميد خان جتوئيءَ تي ايڏو اثر ڇڏيو هو، جو جڏهن اسلام آباد ۾ هن منهنجو تعارف قومي اسيمبليءَ جي ميمبر، مسٽر ايم حمزه سان ڪرايو، تڏهن چيو هُئائين ته " هيءُ ماڻهو عبدالواحد آريسر آهي، جنهن ايجنسين ۽ آرميءَ جي ڳڙهه ۽ پي پيءَ جي بظاهر فتح ڪيل شهر عمرڪوٽ ۾ منهنجو جلسو ڪرايو هو، ۽ حيرت انگيز ڳالهه اها هئي ته انهيءَ جلسي ۾ ٿر جهڙي پوئتي پيل علائقي ۾ جيترا مرد هئا، اوتريون ئي عورتون هيون، ۽ ڪن ڇوڪرين جي سياسي شعور، مون کي لاڙڪاڻي جي سياسي شعور کان وڌيڪ متاثر ڪيو هو." ان تي مسٽر حمزه چيو، "آريسر صاحب جي نالي کان آءٌ تمام گهڻو اڳ ئي واقف آهيان، پر آءٌ سمجهان ٿو ته پنجاب جو شايد ڪو ايم. پي. اي يا ايم . اين. اي سندس نالي کان ناواقف هجي." اُن تي مون مسٽر حمزه کي چيو ته " آءٌ اوهان جي نالي کان ان وقت کان واقف آهيان، جڏهن مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ايوب جي آمريت خلاف صرف ٽي آواز بلند ٿيندا هئا، خواجه صفدر، باقي بلوچ ۽ توهان جو- ۽ توهان تنهي کي، سواءِ "چٽان" جي، ڪابه اخبار ڪوريج نه ڏيندي هئي." بهرحال اهو جملو اٿين ئي وچ ۾ اڇي ويو.

مون لانبا گرائونڊ کي تاريخي گرائونڊ ان ڪري چيو آهي، جو هڪڙي "چارڻ" جا دوها عمرڪوٽ جي سڃاڻپ لاءِ چيل آهن؛ جيڪي اڄ ڪلهه جئه پور يونيورسٽيءَ جي راجستاني ٻوليءَ جي نصاب ۾ شامل آهن. انهن مان هڪ جو مفهوم اهو آهي ته:

” لانبو ميدان، گهاٽا نم جا وڻ، ڏگهيون ڳچيون واريون ڪاٺيون، توڪي جتي نظر اچن ته پڪ سمجهه ته اهو ڳڏ امراڻو آهي.“

ٻئي دوهي ۾ چيل آهي ته:

” لڪون ختم ٿين، اتر کان ٻڪرال (وچ) ڀڪا ڪري، رستن تي نازبوءَ جا ٻوٽا پنهنجي سرهاڻ پکيڙڻ شروع ڪن، ۽ محبوبائون پنهنجي محبن سان ائين ٻکجي وڃن، جيئن گولاڙو ڪبڙ جي تارين سان ٻکجي ويندو آهي، ۽ قلعي جي برجن تي بيٺل هر سپاهي ارجن لڳي، ته پڪ سمجهه، اهو امر ڪوٽ آهي. پر اهو نه وسارجانءِ ته اهي سپاهي لانبي ۾ لوڏون لڏندڙ سهاڳڻين جي حفاظت لاءِ بيٺل آهن!“

انهيءَ ماحول ۾ آءٌ پنهنجي مستقبل کان بي خبر ٿي، عمرڪوٽ جي تاريخ ۾ گم ٿي وڃان ٿو. هيءُ ئي قلعو آهي، جنهن ۾ اسان جيءَ سنڌ جيءِ سورمن، همايون جي زال کي اڪبر ڄڻڻ جي اجازت به ڪانه ڏني هئي، ۽ هندستان جو اهو ناليرو بادشاهه. قلعي کان اڌ ميل پري نمن جي ڇانوَ ۾ ڄائو هو. ان کان به اڳي عالمي تاريخ جي ٽن مقدس عورتن هيلن، سيتا ۽ مارئيءَ مان هڪ ”مارئيءَ“ هتي ئي قيد هئي، صرف پنهنجي اُرهن جي تقدس بحال رکڻ لاءِ – ۽ هيءُ ئي قلعو آهي، جنهن تي خان قاسم خان ارغون حملو ڪري، منجهس موجود سڀ مندر، مقدس مورتيون، ۽ جايون ڊهرائي ڇڏيون هيون. هيءُ قلعو اسان جي پرمار سوڍن اُن لاءِ ٺهرايو هو ته جيئن ان جي ذريعي هو ولهار جي وسڪارن تي ڌارين جي يلغارن کي روڪي سگهن، پر ڪين شايد اها سُڌ نه هئي ته اهو قلعو ايندڙ ڪنهن صديءَ ۾ ولهار جي واهُرن لاءِ قيدخاني ۾ تبديل ٿي ويندو.

آءٌ انهن ئي سوچن ۽ عمرڪوٽ جي تاريخ ۽ سونهن جي گهيري ۾ هُئس، ته مون کي ٻن آفيسرن جي پاڻ ۾ بحث ڪندي، سندن آواز ٻڌڻ جو موقعو مليو. هڪ چئي رهيو هو: ” بندوق جي زور تي غريب سنڌي ورڪرن سان زيادتيون ڪري، نفرت جي باهه کي وڌيڪ تيز ڪري رهيا آهيو........ توهان بزدل آهيو. جيڪڏهن همت اٿوَ ته آريسر جي بدران جي ايم سيد ۽ ممتاز ڀُٽي جي اڪين تي پٽي ٻڌي، ڪين هن حالت ۾ ويهاري ڏسو ته توهان جي پنهنجي ۽ سنڌ جي حيثيت سامهون اچي.

ويندي." ان تي ٻئي چيو: " هن علائقي جي ٻئي ماڻهوءَ ڄام ساقيءَ سان ٻه اهو ورتاءُ ڪري چڪا آهيون." ان تي پهرئين چيو: " توهان جو دستور رهيو آهي ته غريب ڪارڪن سان اهڙي طريقي سان هلجي، جو سنڌ جي سياست ڪنهن غريب جي هٿ ۾ نه اچي وڃي."

انهيءَ بحث مباحثي کان پوءِ هٿڪڙيون لڳل ۽ اکيون ٻڌل حالت ۾، مون کي عمرڪوٽ جي ايس ڊي ايم وٽ ريمانڊ لاءِ پيش ڪيو ويو. ان وقت مون کي خبر نه هئي ته ريمانڊ وٺندڙن ۾ پوليس ۽ ايجنسيءَ، ٻنهي جا ماڻهو شريڪ هئا، يا صرف پوليس جا. بهرحال انهيءَ حالت ۾ مون کي ايس ڊي ايم عمرڪوٽ وٽ پيش ڪيو ويو، جيڪو ڪلرڪيءَ کان ترقي ڪندي ايس ڊي ايم تائين رسيو هو. اُن هنن کان پڇيو ته " هن جون اکيون ڇو ٻڌيون اٿوَ؟"

هنن چيو ته " قيدي آهي."

ايس ڊي ايم چيو، "مون قيدي اڳي ناهن ڏٺا ڇا؟ بهرحال هن کي ڪٿان گرفتار ڪيو اٿوَ؟"

چيائون، " سنڌس ڳوٺان، رات چئين وڳي."

"ڪجهه نڪتو؟" هُن وري پڇيو.

" ها! اينٽي اسٽيٽ لٽريچر."

ايس ڊي ايم چيو ته : " لسٽ پيش ڪريو!"

" اسان اڃا تيار ناهي ڪئي." هنن وراڻيو.

بهرحال وڏيڪ پڇا ڳاڇا ڪرڻ بدران ٽن ڏينهن جو ريمانڊ ڏنو ويو. مون کي وري ٻه اچي ريسٽ هائوس جي ان ساڳئي ڪمري ۾ ويهاريو ويو. ان وچ ۾ آءُ سگريٽ مسلسل پيئندو رهيس، جو مون وٽ ٻه پاڪيٽ هئا، پر چانهن ۽ ناشتي واري شيءِ مون کي نه ڏني ويئي. آءُ هت اهو اعتراف ٿو ڪريان ته اُن سموري عرصي دوران هنن مون تي جسماني تشدد نه ڪيو، سواءِ اکيون ٻڌڻ جي. ڪنهن وقت مون کي چيو ويو ته "ماني کاءُ!" مون چيو ته " ماني نه کائيندس، ان ڪري جو صبح کان وٺي مون کي نه پيشاب ڪرڻ ڏنو ويو آهي ۽ نه ئي ڪاڪوس – ۽ جنهن پوزيشن ۾ آءُ آهيان، اهي شيون نه ٿو ڪري سگهان." اُن تي اتي موجود عملدار، سپاهين کي چيو ته "هن کي ليٽرين ۾ وٺي وڃو ۽ اندر

داحل ٿيڻ وقت اڪيڻ تان پٽي کولي ڇڏجوس.“ بهرحال، هو مون کي ليٽرين اندر وٺي ويا. آءُ ضروري حاجت مان واندو ٿي ٻاهر نڪتس، ته سنڌي سپاهيءَ منهنجون اکيون اڳي کان به زور سان ڇڪي ٻڌي ڇڏيون! مون ڪيس چيو ته ”مون کي تڪليف ٿي رهي آهي، ان ڪري پٽي ڍري ڪر.“ ان تي هن جواب ڏنو ته ”توکي آرام لاءِ نه، پر تڪليف لاءِ آندو ويو آهي، ان ڪري تُنهنجي اکين جي پٽي ڍري نه ٿيندي.“ پوءِ مون کي واپس ساڳئي ڪمري ۾ وٺي آيا. اتي ايجنسيءَ جو ماڻهو آيو ۽ چيائين: ”کانا کائو!“ مون چيو ته ”ماني نه کائيندس.“ هن چيو ته ”ماني نه کائيندين ته جسم ۾ غذا پهچائڻ جا اسان وٽ بيشمار طريقا آهن، ۽ اسين اهي استعمال ڪندا سين.“ ٿوريءَ دير لاءِ مون سوچيو ته ”مزاحمت جو ميدان اجا اڳتي آهي، ان ڪري هتي مزاحمت ٺيڪ نه آهي.“ مون چيو، ”ٺيڪ آهي، آءُ ماني نه کائيندس، باقي کير پيئندس.“ هو کير جو گلاس ڀري آيا. آءُ اهو پي ويس.

ان کان پوءِ مون کي عمر ڪوٽ مان منتقل ڪرڻ وارو مرحلو شروع ٿيو. اتي هڪ حيرت انگيز ڳالهه ٿي ته چور جي G. O. C (جنرل ڪور ڪمانڊر) کي هڪ خطرناڪ قيديءَ کي منتقل ڪرڻ لاءِ گارڊ ڏيڻ لاءِ چيو ويو، پر هن انڪار ڪيو - ته پوءِ اتان ٽيليفون ڪندڙ چيو ته ” آپ ڪو گارڊ دينا پڙيگا، ڪيون ڪه يه ڪور ڪمانڊر صاحبؔ ڪا حڪم هي.“

بهرحال ان ڏينهن هنن کي گارڊ ڪونه ملي سگهيو. رات جو نائين وڳي کان پوءِ هنن مون کي پنهنجي تحويل ۾، عمرڪوٽ لاڪ اپ ڏانهن ڏياري موڪليو. موڪلڻ کان اڳ ايجنسيءَ جي ماڻهوءَ منهنجي جسم جي تلاشي ورتي، جيڪا گرفتاريءَ کان هن وقت تائين نه ورتي وئي هئي. تلاشيءَ دوران هنن منهنجيءَ نظر جو چشمو، پرس، جنهن ۾ نوَ سؤ ۽ ڪجهه روپيا پيل هئا، ڪن صحافين ۽ دوستن جا وزيٽنگ ڪارڊ، ڪجهه اديبن جا خط، مُنهنجو اصل شناختي ڪارڊ ۽ ان جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي، ۽ پارڪر پين منهنجي کيسي مان ڪڍي ورتا، ۽ مون کي پوليس جي حوالي ڪيو ويو. جڏهن عمرڪوٽ لاڪ اپ ۾ پهتس، ان وقت قومپرستيءَ تي منهنجو ايمان اڳي کان به پختو ٿي ويو، جو

ايجنسيءَ جي ماڻهن جي رواني ٿيڻ شرط، هڪ ماڻهو سڌو مون وٽ آيو. هو سول ڊريس ۾ هو ۽ منهنجي اکين تان پٽي کولي، مون کي ڏسي اکين ۾ ڳوڙها آڻيندي، پنهنجي کيسي مان رومال ڪڍي، منهنجون اکيون اُگهيائين، ۽ مون کي ايس ايچ او عمرڪوٽ جي آفيس ۾ ڪرسيءَ تي ويهاري، ٻن سپاهين ڏي مخاطب ٿي چيائين ته "هن دؤر جي پاليسي اها آهي ته جيڪي تيز نظرون سنڌ جي اغوا جون مجرم آهن، انهن اکين ۾ اکيون ملائي پير ڪٽندڙ نظرون ٻڌيون وڃن، ته جيئن مُجرمن جا پير هميشه لاءِ لڪي وڃن!" - ۽ مون کي چيائين ته "سائين! توهان ماني نه کاڌي هوندي، ماني کائو، ۽ جڏهن به آءٌ باهر گهنٽي وڄايان، ته پٽي ٻڌي ڇڏجو. توهان تي اها پٽي ٻڌڻ واري پابندي ڏهين وڳي تائين رهندي، ڇو ته ڏهين وڳي کان پوءِ پاڪستان جا نام نهاد محافظ بيرڪن کان باهر نه نڪرندا آهن." مون هن کي چيو" آءٌ ماني نه کائيندس، مون کي صرف چانهه ۽ ٻه ڪارا بسڪيٽ آڻي ڏيو ته جيئن آءٌ رات سولي گذاري سگهان. ماني آءٌ جاڻي واڻي ٺڪرائي ڪاوان ته جيئن انهن ظالمن جي تشدد دوران منهنجي جسم مان ڪا اهڙي شيءِ خارج نه ٿئي، جيڪا سمورن سنڌي ورڪرن لاءِ داغ جو نشان بڻجي وڃي." هن منهنجي انهيءَ جواب تي منهنجي پيشانيءَ تي چمي ڏني ۽ چيائين، "ڪاش ! سيئي سنڌي. آريسر واري سوچ جا پوئلڳ ٿي وڃن."

مون کي ان کان پوءِ ايس ايچ او آفيس مان ڪڍي گڏيل لاڪ اپ ۾ رکيائون، جتي سڀ تَر جا ڄاتل سڃاتل، نوحاڻي، سيد ۽ ٻيا قيدي هئا، جن پنهنجن بسترن مان چادرون، فراسيون ۽ وهاڻا ڪڍي منهنجي لاءِ هنڌ ناهيو ۽ ماني به گهرائي، پر مون ماني نه کاڌي ۽ سمهي رهيس. صبح جو پنجين وڳي مون کي اٿاريو ويو. مون لاڪ اپ جي شيخن مان باهر ڏٺو ته آرميءَ جا ڪجهه جوان چاڪ و چؤبند بيٺا هئا. لاڪ اپ جي انچارج منهنجيءَ زال جي پوتيءَ سان منهنجون اکيون ٻڌيون ۽ مون کي انهن جي حوالي ڪري ڇڏيو. مون کي وري ساڳئي ريسٽ هائوس ۾ آندو ويو، جتي مون کي موقعو ڏنو ويو ته ضروري حاجت کان فارغ ٿيان ۽ چانهه پي وٺان.

آءٌ فارغ ٿي باهر نڪتس ۽ عمرڪوٽ جي قلعي تي حسرت ڀريل

نگاهن سان ڏکي ڳچيءَ واريون ڪامڻيون، گهاٽا نم جا وڻ ۽ پرمار سوڍن جا اهي شينهن مڙس ۽ مارويءَ جي قدمن جا نشان ڏسڻ جي ڪوشش ڪيم، پر منهنجون اکيون پڌل هيون. مون سوچيو: اي سنڌ! اڄ تو اهڙي ماٺوءَ جون اکيون بند ڪرائي ڇڏيون آهن، جنهن چاچري جي روهيڙن، ننگر جي پٿرن، جيڪب آباد جي چانورن، بدين جي تاريخي ميدان، ٺٽي جي شهيدن جي رت ڦڙن، سکر جي ڪرڙيءَ جي ميدان، خيرپور جي گولن جي بهادريءَ، دادوءَ جي دليريءَ ۽ استاد بخاريءَ جي شاعريءَ، مورڙي جي ماڪ، بچو بادشاهه جي پناهه گاهه ۽ سموري ساهتي سيتا ڪي، پنهنجين نديڙين اکين جي ماٽڪين ۾ هميشه لاءِ محفوظ ڪيو، پر اهي اڄ ڪجهه به نه ڏسي رهيون آهن. الوداع اي امراڻا! الوداع اي هاسيسر! جتي مون کي دعائون به مليون ۽ ڪڪوريل ٻانهن جو پناهون به مليون، ته گلابي چپن جون چاهنائون به مليون.

آءٌ جيپ ۾ چڙهي وينس ۽ الائي ڇو ان وقت اقبال جي سٽ منهنجي ذهن ۾ تري آئي:

"اے لالئہ صحرائي! بتا تيري منزل کهان هے؟"

۽ منزل جو ڏس شايد اقبال کان وڌيڪ فيض احمد فيض واضح طرح ڏئي ڇڏيو هو:

مقامِ فيض کوئي راهہ ۾ جچا هي نهين،
جو کوئے يار سے نکلے تو سوئے دار چلے.

اتي منهنجي حالت اها هئي، جو سيني ڪمزورين، بيمارين ۽ وسيع سنگت ساٿ هوندي به آءٌ اڪيلو هئس، ۽ مون کي اياز ڏاڍو ياد آيو:

آءٌ اڪيلو، سامهون سٽ،
خنجر خنجر ڪيئي هٿ!

وچ ! هاٿي مقابلو اياز جي اڪيلي پوئلڳ ۽ لکن وِچُن جو هو! هڪڙي طرف اهڙو ماٺهو هو، جنهن پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ گانڌيءَ کان به وڌيڪ عدم تشدد جو ثبوت ڏنو هو، ڇو ته گانڌيءَ پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ هڪ دفعو پنهنجيءَ زال کي ڌڪو ڏنو هو، پر اڇوکي قيديءَ پنهنجيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سموريءَ زندگيءَ ۾ ڪنهن بار جي ڳل تي زور سان چهنڊڙي به نه هنئي هئي– ۽ ان جي سامهون اهي ماڻهو هئا، جن وٽ بهادريءَ جي علامت صرف مارڻ ۽ تشدد ڪرڻ آهي. اتي مقابلو هو تشدد ۽ عدم تشدد جو! قيدي بنائيندڙن منهنجون اکيون اُن لاءِ ٻڌيون هيون، ته جيئن مون کي خبر نه پئجي سگهي ته آءٌ ڪٿان ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهيان. هنن کي خبر نه هئي ته جيئن مون سنڌ سان محبت ڪئي آهي، تيئن سنڌ جي سر زمين به مون سان محبت ڪئي آهي – ۽ آءٌ جتان جتان گذرندو ويس، سنڌ جي ذرتي محبوبه وانگي منهنجي ڪن ۾ سرگوشي ڪندي ويئي ته هيءَ ميرپورخاص آهي، هيءَ سلطان آباد آهي، هيءُ خواجه اسٽئنڊ آهي، هيءُ الهيار جو ٽنڊو آهي، ۽ هيءَ حيدرآباد ! توهان يقين ڪريو ته جڏهن گاڏي حيدرآباد ۾ گاڏي ڪاٽي وٺان موڙ ڪاڏو ته مون کي يقين ٿي ويو ته هيءُ ”حيدر چوڪ“ آهي. حيدر چوڪ، جتان مون پنهنجيءَ سياسي زندگيءَ جو آغاز ڪيو هو، جتي مون سڀ کان پهرين سنڌ جي لافاني انسان حيدر بخش جتوئيءَ سان ملاقات ڪئي هئي. جتي ون يونٽ خلاف سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ، بنگلن مان نڪري ٻاهر اچي چُڪي هئي – ۽ اڄ مون کي رسول الله صہ جي پوئلڳيءَ جي دعوا ڪندڙن ۽ هٽلر جي حقيقي پوئلڳن جي حوالي ڪيو ويو هو.

حيدرآباد پهچي منهنجي باقي تلاشي ورتي ويئي، ۽ منهنجي اکين تان منهنجيءَ گهر واريءَ جو رئو لاهي، هڪ سائي پٽي ٻڌي ويئي، ۽ هڪ ڪُڪڙن جي کُڏيءَ جهڙي جاءِ ۾ داخل ڪيو ويو. هتي منهنجي کيسي مان سگريٽن جو پاڪيٽ ۽ ماچيس به ڪڍيو ويو. اَمرڪوٽ کان وٺي ايندڙ ايجنسيءَ واري همراهه، دبيل لفظن ۾ احتجاج ڪيو ته قيديءَ کان سگريٽ ۽ ماچيس نه ڦربو آهي، پر نون عملدارن چيو ته اهو توهان جو قانون هوندو، اسان وٽ خطرناڪ شيءِ ماچيس آهي.

– ۽ ان کان پوءِ منهنجي جسم تان پنهنجي ٽري پيس جوڙي جي واسڪوٽي به لاٿي ويئي– ايتري قدر جو، جُوتو (بوٽ) به لهرايو ويو. هاڻي منهنجي جسم تي صرف شلوار ۽ قميص هئي – نه منهنجي کيسي ۾ پين هئي، نه بٽڻ هو، ۽ نه منهنجي هٿ ۾ واچ هئي. پوءِ مون کي چيو ويو ته توهان هن ڪوليءَ ۾ آرام ڪريو. هاڻي مون کي وقت جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس نہ رهيو هو تہ رات آهي يا ڏينهن ! انهيءَ ڪيفيت دوران مون کي ماني آڻي ڏني ويئي. مون مانيءَ جو چوٿون حصو کاڌو ۽ باقي ٿانوَ آٽينڊنڊ کي واپس ڪيم. هن مون کي چيو: ”ان ڪو صاف تمهارا باپ ڪري گا؟ اٿو! اور چل ڪر برتن صاف ڪرو!“

– ۽ آءٌ اڪين تي پٽيءَ بڌل صورت ۾ سپاهيءَ هٿان گهليو، نلڪي تي پهتس ۽ دال واريءَ پليٽ کي ڌوتم، ۽ وري ساڳئي طريقي سان گهليو ڪوليءَ تي پهتس. پاسي ۾ آفيسر رينڪ جا نوجوان ويٺل هئا. اهو اندازو مون سندن گفتگوءَ مان لڳايو، تہ هي آفيسر رينڪ جا نوجوان آهن، نڪي انگريز دؤر جا مقرر صوبيدار.

” ڀچا ڳاچا لاءِ تيار ٿيءُ!“ مون کي چيو ويو.

هڻ مون کي پٽ تي ويهارڻ بدران بئنچ تي ويهاريو، ۽ بنا ڪنهن ايجنڊا جي مون کي چوڻ لڳا تہ ” آريسر صاحب ! توهان ائين سمجهو تہ اسان صحافي آهيون، ۽ توهان جي سموري زندگيءَ جو انٽرويو وٺڻ چاهيون ٿا ÷ توهان هن وقت تائين پنهنجيءَ پوريءَ زندگيءَ، جدوجهد، طبيعت جي لاڙن، ۽ سياسي تحريڪن ۾ حصي وٺڻ جو سمورو احوال ٻڌايو آهي، پر هڪڙي ڳالهہ اسين اڳ ۾ ئي اوهان تي واضح ٿا ڪريون تہ جنهن آزاديءَ جي لاءِ توهان جدوجهد ڪريو ٿا، سنڌ جا ماڻهو ان کي پنهنجي جدوجهد سمجهن ئي ڪونہ ٿا، ۽ اهي پوريءَ ريت پاڪستاني آهن.“ مون کين چيو تہ ” سرا (Sir) ان ڳالهہ سان آءٌ متفق آهيان تہ سنڌ جو ماڻهو اسان جي جدوجهد سان لاڳاپيل ناهي، پر هو پوريءَ ريت پاڪستاني بہ ناهي. هن کي نہ سنڌ کپي، نہ پاڪستان گهرجي، پر هن کي ذوالفقار علي ڀٽو گهرجي!“ منهنجيءَ انهيءَ ڳالهہ تي ميجرجڻ بدران هڻ ٻنهي چيو تہ ” آريسر صاحب! توهان صحيح آهيو. اسان شهر کان وٺي ڪچي جي علائقن تائين ويا آهيون، هر جاءِ تي اسان کي صرف ڀٽو نظر آيو آهي. بهرحال، هاڻي توهان پنهنجي آتم ڪهاڻي شروع ڪريو!“ مون چيو تہ ” منهنجي سامهون سگريٽ ۽ ماچيس رکو تہ آءٌ پنهنجي آتم ڪهاڻي شروع ڪريان . اهو سفر جيڪو منهوڙي کان شروع ٿي، گيٽ وي آف انڊيا (Gate way of India) کان ٿيندو، وري سنڌ جي سر زمين تي موٽي ايندو، پر ايترو سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ مون کي سگريٽ جي

شديد ضرورت محسوس ٿيندي، ڇو ته منهنجا سگريٽ منهنجي کيسي مان توهان جي سپاهين کڍي ورتا آهن." ان تي هن وراڻيو "توهان کي ڳالهه ڪندي، جنهن وقت به سگريٽ جي ضرورت محسوس ٿئي، ته اسان جو ماڻهو دکايل سگريٽ توهان جي هٿ ۾ ڏيئي ويندو. پر پورو پاڪيٽ ۽ ماچيس اسين توهان کي ڏيئي نٿا سگهون. هيءُ پهريون سگريٽ وٺو، ۽ پنهنجو داستان شروع ڪيو."

مون ڪانئن سگريٽ ورتو ۽ پهريون ڪش هڻي، ان جو دونهون ڪمري جي فضا ۾ ڦٽو ڪيم. مون کي خبر ناهي ته اهو دونهون مخدوم طالب المولىٰ جي خيالي محبوب جي وارن وانگر چلڙا چلڙا ٿي ويو يا نازيه حسن جي وارن وانگر سڌيون ليڪون ناهيندو هليو ويو.

پوءِ مون پنهنجي پيدائش کان 18 آڪٽوبر 1992ع جي آڌيءَ رات تائين جي آتم ڪٿا ٻڌائڻ شروع ڪئي. داستان ٻڌندي ٻڌندي ٻنهي آفيسرن کي ننڊ اچي ورايو ۽ مون کي چيائون "آريسر صاحب! باقي آئنده، آپ اب جا کر آرام سے سوجائيں." ان تي مون چيو ته "مون کي اردوءِ جو شعر ياد پيو اچي، جيڪو آءٌ پنهنجي حال لاءِ چوان ته وڌيڪ بهتر آهي، پر اهو اوهان لاءِ ٺهڪي اچي ٿو:

زمانه بڑے غور سے سن رہا تھا،
ھم ھي سو گئے داستان کھتے کھتے!"

پوءِ هن مون کي وري به سپاهين جي حوالي ڪري، منهنجي آرام جو ڪين تاڪيد ڪندي،.مون کي اتان اٿاريو ۽ سپاهي مون کي وري به ساڳيءَ ڪوٺيءَ ۾ وٺي ويا، جتي مون کي ٻه ڪمبل ڏنا ويا، هڪ وڇائڻ لاءِ ۽ ٻيو اوڍڻ ۽ مڇرن کان بچڻ لاءِ – پوءِ وري ٽيون ڪمبل به ڏنائون ته جيئن وهاڻي طور وڇائي سمهي رهان!

آءٌ سمهي رهيس. ڪلاڪ ڪن مس گذريو هوندو ته مون کي اٿاريو ويو، ۽ ٻاهر ڪليل ميدان ۾ آندو ويو ۽ چيو ويو ته "هاڻي توکي سمهڻو ناهي. عام طرح اسين قيدين کي اوجاڳو ٻيهاري ڏيندا آهيون، پر تون جيئن ته پوڙهو آهين ۽ جسماني طرح ڪمزور پڻ – ان ڪري توکي ويهي اوجاڳو ڪرڻو پوندو–" ۽ پوءِ آءٌ ويهي رهيس. اهڙي حالت مون سان به ڏينهن لڳاتار رهي. اُتي ٻيا ڪيترائي قيدي هُئا، جيڪي مختلف سيلن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ بند هئا، جن تي ٽيندڙ مارڪيٽ جا ڏڪ ۽ سندن رڙيون اڃ لڳاتار ٻڌندو رهيس.
ان وچ ۾ مون کي سگريٽ به نه ڏنا ويا. نتيجي طور مون نالي ماتر ماني کائڻ ۽ چانهه پيئڻ صفا ڇڏي ڏني. ٽئين ڏينهن ان حالت ۾ مون کي هڪ ايجنسيءَ جي آفيسر جي سامهون پيش ڪيو ويو، جنهن مون کي بي تحاشا گاريون ڏنيون ۽ ڌمڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن تي مون کيس چيو ته "آئون هڪ ڪمزور پر محب وطن سنڌي آهيان. گهٽ پڙهيل هئڻ جي باوجود مون انساني تاريخ جو بي پناهه مطالعو ڪيو آهي، ۽ توهان جهڙي اندر جي ڪمزور ۽ جسم جي مضبوط ماڻهن کي مون ماڻهن جي لتن ۽ نوڪرن ۾ ليلڙهائيون ڪندي ڏٺو آهي. توهان شهنشاهه ايران کان وڌيڪ مضبوط نه آهيو."
مون کي خبر نه هئي ته انهيءَ آفيسر جي شڪل ۽ صورت ڪهڙي هئي، ۽ سندس مذهبي نظريو ڪهڙو هئو، پر شهنشاهه ايران جي لفظن ٻڌڻ تي مون کي ايڏي زوردار چماٽ هنيائين، جو آءُ فرش تي ڪري پيس، ۽ وري جڏهن اٿيس ته پوڙهي خمينيءَ سان گڏ سليمان لائق جي لفظن ۾ هن، پوڙهي، پر دلي طرح جوان جي ايم سيد کي به گار ڏني.
مون هن وقت تائين پنهنجيءَ ماءُ تي گاريون ته برداشت ڪيون هيون، پر سائين جي ايم سيد تي گار آءُ برداشت نه ڪري سگهيس، ۽ نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ مون اُن سوئر پنجابيءَ کي هٿڪڙيءَ جو ڌڪ هڻي ڪڍيو، جيڪو هو پاڻ ته کُسائي ويو، پر هٿڪڙيءَ لڳڻ سان سندس اردليءَ جو مٿو ڦاٽي پيو – پوءِ مون کي صرف ايترو ياد آهي ته هڪ ماڻهو ڪٽ ۾ ٻڌو بيٺو آهي، ۽ ان جا هٿ پويان ٻڌل آهن ۽ هن جي مٿي مان بي تحاشا رت وهي رهيو آهي، پر پوءِ به هو بيٺو آهي ۽ سپاهين کي اهو چئي رهيو آهي ته نيٺ توهان کي به مون سان شامل ٿيڻو پوندو، هن بي رحم، سفاڪ ۽ انسانيت جي ويرين جي خلاف، جيڪي نالو ته محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جو وٺن ٿا، پر آهن چنگيز خان جا به ڏاڏا. اهو سڀڪجهه ائين پئي محسوس ڪيم ڄڻ ته منهنجو روح، منهنجي جسم کان الڳ ٿي، ان ٻڌل ماڻهوءَ جي ڪيفيت جو نظارو ڪري رهيو آهي ۽ اِهو ٻڌل، ڦٽيل ۽ زخمي ٿيل ماڻهو آءُ پاڻ

نہ آهيان. آءٌ اڄ محسوس ڪريان ٿو تہ شايد ان وقت مخدوم بلاول جي روح مون کي پنهنجي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو هو.

پنجن ڏينهن تائين لڳاتار مون تي سخت تشدد ٿيندو رهيو ۽ سخت اوجاڳا بہ ڏنائون. پر ان تشدد جو ان وقت مون تي ڪو اهڙو خاص اثر ڪونہ ٿيو، بلڪہ اوجاڳن ڏيارڻ واريءَ حالت ۾ جهڙوڪر آءٌ ننڊ ۾ هوندو هئس، ۽ پنهنجن پيارن ماڻهن سان ڪچهريَ ڪندو رهندو هئس. مون تي سمورو ڏينهن اها ڪيفيت رهندي هئي ۽ رات جو نائين وڳي وري مون کان منهنجي آتم ڪٿا ٻڌي ويندي هئي. ان وقت ٻن قسمن جا ماڻهو ايندا هئا: هڪڙا، جن جي هٿن ۾ سچ پترا، ڏنڊا ۽ چپن تي بيشمار گاريون هونديون هيون، ٻيا اهي هوندا هئا، جيڪي چوندا هئا تہ: "نهين نهين، ايسے نهين ڪرو، شريف آدمي هے، سب ڪچهہ بتا دے گا."

بهرحال انهيءَ سموري عرصي دوران منهنجي آتم ڪٿا اُها رهي، جيڪا 19 آڪٽوبر تي ٻن نوجوان آفيسرن جي سامهون بيان ڪئي هئم. هڪڙي رات مون کي پڇا ڳاڇا لاءِ وٺي ويا. آفيسر، سپاهيءَ کان پڇيو تہ، "گهٽا ڏينهن هن کي ننڊ نہ ڪرڻ ڏني اٿوَ.؟" سپاهيءَ چيو تہ "پنج ڏينهن ۽ پنج راتيون." آفيسر حيران ٿيندي چيو، "هن کي تہ پڇا ڳاڇا لاءِ اسان وٽ جڏهن بہ آندو ويو آهي، اسان ائين محسوس ڪيو آهي تہ اجا هاڻي ڀرپور ننڊ ڪري اُٿيو آهي!"

حقيقت هيءَ آهي تہ ان ۾ منهنجو ڪو ڪمال يا بهادري وغيره نہ هئي، پر منهنجي مدرسي جي تعليم ۽ تربيت جو اهو نتيجو هيو، جو آءٌ ويٺي ويٺي ننڊ ڪري وٺندو هئس ۽ هنن کي خبر ئي نہ پوندي هئي، تہ هيءُ ننڊ پيو ڪري يا جاڳي پيو!

انهيءَ رات مون کان ڊاڪٽر گهنشام پرڪاش جي باري ۾ پڇيو ويو، تہ "هو انڊيا گهٽا دفعا ويو آهي." مون کين چيو تہ " مون کي اها خبر ناهي تہ هو انڊيا ويو بہ آهي يا نہ، پر ماسڪو ضرور ويو هو، جڏهن ڪميونسٽ پارٽي اقتدار ۾ هئي." پوءِ مون کي هڪ يت جي پر ۾ ويهاري هڪ اک تان پٽي هٽائي، هڪ تصوير ڏيکاري ويئي ۽ پڇيو ويو، "هن کي سڃاڻين ٿو؟" مون چيو: "ها! هيءُ ڊاڪٽر گهنشام

پرڪاش آهي." جنهن تي مون کي چيو ويو تہ "هن اعترافي بيان ۾ چيو آهي تہ آءٌ سنڌ قومي اتحاد جو ميمبر رهيو آهيان، جنهن جو جنرل سيڪريٽري عبدالواحد آريسر هو." مون ڪين چيو تہ ’بلڪل صحيح، نہ صرف گھنشام پرڪاش، پر سنڌ جو گورنر محمود هارون ۽ پاڪستان جي مرڪزي حڪومت ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو وزير الاهي بخش سومرو بہ منهنجي ماتحت رهيا آهن، ڇو تہ اهي بہ سنڌ قومي اتحاد جا ميمبر رهيا آهن. - ۽ اهو اگر ڏوهہ آهي تہ مهرباني ڪري الاهي بخش سومري ۽ محمود هارون ڏانهن اگر جو اشارو تہ ڪري ڏسو!" ان تي آفيسر مون کي چيو تہ "آپ چائے پيئين گے يا وهسڪي؟" مون جواب ڏنو تہ "باهر آءٌ وسڪي پيئندو هئس ۽ وري باهر نڪتس تہ ضرور پيئندس، پر هن وقت آءٌ چانهہ بہ پيئڻ نٿو چاهيان، ڇو تہ چانهہ کان پوءِ سگريٽ جي طلب ٿيندي آهي، ۽ آءٌ رات جي هن وقت، توهان کي سگريٽ لاءِ سوال ڪرڻ نٿو چاهيان."

بهرحال آفيسر مون کي چانهہ جو ڪوپ بہ ڏنو ۽ ڊڪايل سگريٽ پڻ - ۽ ان کان پوءِ ماتحت کي چيائين تہ "آريسر کي ڀرپور ننڊ ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي." مون کي هڪڙو ڪمبل وڇائڻ لاءِ ۽ ٻيو مٿي اوڍڻ لاءِ ڏنو ويو. مون ڪين چيو تہ "ڪا سرَ آٿي ڏيو."

"ڇو مٿو ڦاڙيندين ڇا!؟"

مون چيو تہ "نہ پنهنجو، نہ ٻئي ڪنهن جو مٿو ڦاڙڻ جي تعليم مون کي ملي آهي، آءٌ سِر صرف وهاڻي طور استعمال ڪرڻ چاهيان ٿو."

ان کان پوءِ هنن مون کي وهاڻي لاءِ بہ ڪمبل آڻي ڏنا ۽ آءٌ مزي سان سمهي رهيس- ۽ مون کي اهڙي ننڊ آئي، جهڙي مولانا آزاد کي 1920ع ۾ علي پور جيل ۾ آئي هئي.

وري ٻئي ڏينهن کان ڇپا ڳاڇا جو سلسلو ٻيهر شروع ٿيو، ۽ مون کي وري بہ مسلسل اوجاڳا ڏنا ويا. ان عرصي دوران منهنجو شعور سمهي رهيو ۽ لاشعور حرڪت ۾ اچي ويو. مون سمجهيو تہ منهنجا سمورا دوست مون سان گڏ آهن، ۽ منهنجي طبيعت ڏاڍي خراب آهي. بلڊ پريشر 180 کان وڌي ويو آهي ۽ دوستن جا نالا وٺي چوڻ لڳس تہ

”گاڏي ڪاهي وجي ڊاڪٽر وٺي اچو.“ مون اهو پڻ پڇيو ته ”ناز سهتو هتي آهي؟“ ان تي هڪڙي سنڌي سپاهيءَ چيو ته ”اهو هتي ناهي.“ اها رات ڏياريءَ جي رات هئي، مون سوچيو ته ”اڄ ڏياريءَ جي رات آهي، منهنجي پونءِ جي هر پٽ تي ڪونه ڪو ڏيئو روشن هوندو، پر منهنجيءَ زندگيءَ جو ڏيئو اجهو اجهامڻ تي آهي. پر اي حيدرآباد جي هوا! تون ناز سهتي کي اهو پيغام ضرور پهچائجانءِ ته منهنجي موت جا ذميوار صرف هي ٻه سپاهي آهن، ۽ منهنجو روح هنن سپاهين ۽ انهن جي آقائن کان هر صورت ۾ انتقام وٺندو، پر عدم تشدد جي ذريعي.“

هيءَ حيرت انگيز ڳالهه آهي ته وڏيون هڪلون ڪندڙ، ۽ جمن دربدر جي لفظن ۾ ”تلها ڦتاڪا ڇوڙيندڙ“، منهنجن انهن لفظن کان ايترو ته مرعوب ٿي ويا، جو هنن فوراً ڊاڪٽر جو انتظام ڪيو.

منهنجي مڪمل چڪاس ڪرائي، تحقيقاتي سيل مان فرحتي ڪمري ڏانهن منتقل ڪيائون. پر انهيءَ سموري عرصي دوران منهنجي اکين تي ڊبل پٽي ٻڌل هوندي هئي. هتي هڪ عجيب ڳالهه اوهان کي ٻڌايان ته جنهن قيديءَ جي اکين تي ٿارچر دوران ڊبل پٽي ٻڌي وڃي ته ان لاءِ اها ڳالهه طي ٿيل آهي ته اهو دشمن ملڪ جو پڪو ايجنٽ آهي، پر هنن مون کي ڊبل پٽي صرف اِن لاءِ ٻڌي هئي، ته جيئن سامهون وينل کي ڏسي ۽ ڏک هٽي نه وٺان.

پڇا ڳاڇا جو اهو سلسلو هلندو رهيو، ۽ ان وچ ۾ مون کي ياد ناهي ته هنن مون کي ڪيترا پيرا الله ۽ رسول جي نالي ۾ گاريون ڏنيون، ۽ ڪيترا ڏينهن اوجاڳو ڪرايو، ۽ الائي ڪيترا پيرا بيهوش ٿيس، ۽ ڪيترا پيرا نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾، پنهنجي چوڌاري پنهنجن پيارن ماڻهن کي ٿهل تڪور ڪندي محسوس ڪيم.

انهيءَ دوران ماني کائڻ کان پوءِ مون کي مٺائي آڻي ڏني ويئي، ۽ جيل کان ٻاهر ڦٽاڪن ڇٽڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. مٺائي آڻيندڙ کان مون پڇيو ته ” اڄ ٢٧ رجب آهي يا ١٥ شعبان جنهن کي ڦٽاڪن واري عيد چيو وڃي ٿو“ ته سپاهيءَ مون کي چيو، ”نهين صاحب! آج سالون ڪافرون ڪي ديوالي هے اور انگريزون ڪے دؤر سے لے ڪر آج تڪ هماري فوج مين يه روايت چلي آ رهي هے.“

ڏياريءَ جو تصور اچڻ سان منهنجو ذهن تارچر سيل مان پتنگ بڻجي، امر ڪوٽ جي پٽ تي ڪنهن ڪامڻيءَ جي اُرهن مان ٻرندڙ ڏيئن تي پاڻ کي جلائڻ لاءِ اڏامي ويو، ۽ اتي مون کي ڪيترن ئي ڏيهي پرڏيهي ڪاهوڙين ۽ راجستاني ڪامڻين ۽ ڪوين جا مهاندا ياد اچڻ لڳا، ۽ سوچيم تہ رنگ ۽ نور جي هن بارش ۾ آءٌ بہ انهن کي ياد هوندس يا نہ! ۽ پوءِ مايوسيءَ جي شدت ۾ لطيف جو هيءُ بيت بي ساختہ منهنجي زبان تي اچي ويو، ۽ مون ڳائڻ شروع ڪيو:

مارو ملڪ مليرجا، سيئي پرڪيا سون،
سوڪيءَ ويلي سيڪو، اوڪيءَ ويلي تون،
مولا متان مون، ڀُڄو مَ لاهج ڀاڄهہ جو!

پهريَ تي بيٺل سپاهيءَ مون کي ڏنڊو هٿندي چيو، ”توکي خبر ناهي تہ هتي زور سان ڳائڻ ۽ ڳالهائڻ جي بندش آهي.“

چيم، ”مون تہ نہ ڳالهايو آهي، هيءُ تہ لطيف ڳالهايو آهي، جيڪو سنڌ جو ازلي ۽ ابدي روح آهي. جيڪو توهان جا پهرا ۽ پابنديون تہ نهيو، پر سنڌ جي جاگيردارانہ سماج جي اڏيل سٿن ڪوٽن ۾ پوريل، ڪنوارين جي دلين ۾ بہ پنهنجا آکيرا اڏي چڏيندو آهي. آءٌ پنهنجا سياسي نظريا ۽ سوچون وقتي طرح توهان جي تشدد جي ڪري روڪي سگهان ٿو، پر پتائيءَ کي ڳائڻ وساري نہ ٿو سگهان. پٽائي تہ ڪاري ٿي ڪسجندڙ سنڌي عورت جي وات مان آخري حسرت طور بہ اُيري ايندو آهي.“

انهيءَ گفتگو هلندي ڪي سپاهي آيا، جن مون کي چيو تہ ”توکي صاحب گهرايو آهي.“ آءٌ انهن سان گڏجي، ”کهري“ آواز واري هڪ آفيسر وٽ پهتس. هن مون کان ساڳي ڪهاڻي دهرائي پُڇي، ۽ ڪجهہ ٻين سياسي ڪارڪنن جي باري ۾ پڻ معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جن ۾ سيد غلام شاهہ ۽ گهنشام پرڪاش سرفهرست هُئا. مون کين ٻڌايو تہ گهنشام پرڪاش سابق ڪميونسٽ ۽ موجوده وقت ۾، پاڪستان ۾ جمهوريت لاءِ هلندڙ تصوراتي گروهہ، جيئي سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ ۾ شامل آهي. پر آءٌ ايترو ضرور چوندس تہ هڪ سابق ڪميونسٽ جي حيثيت ۾، هو ڪنهن بہ غير ڪميونسٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪ جو ايجنٽ نٿو ٿي سگهي.“ بس ايتري پڇا ڳاڇا کان پوءِ اُن آفيسر ڀيريون دفعو مون سان هٿ ملايو، ۽ چيائين، ” آريسر صاحب! توهان جي مهرباني!“

مون کي وري آتي ساڳيءَ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيو ويو، ۽ منهنجي سامهون اسٽيمپ پيڊ ۽ ڪجهه ڪاغذ آندا ويا، جن تي منهنجي آڱرين ۽ آڱوٺن جا نشان ورتا ويا، ۽ پوءِ مون کي ٻاهر ميدان ۾ وهاريو ويو. ان وقت تلاءَ نمبر ٿي، حيدرآباد جا ٻه ايم ڪيو ايم جا دهشتگرد آندا ويا، جن جي بنا ڪنهن پڇا ڳاڇا جي سڄ پٽرن سان مرمت شروع ٿي وئي. ڏکن دؤران ٻنهي همراهن چيو ته ”سائين! جو چؤندو مڃئون ٿا. خدا جي واسطي اسان کي ماريو نه!“ پر هنن مارڪٽ بند نه ڪئي. نيٺ هنن مان جيڪو مضبوط ۽ ٿلهو هو. تنهن چيو ” آپ همين بتائين ڪه آپ ڪيا چاهتے هين!؟“ آفيسر چيو ته ”حيدرآباد جي فلاڻي ٿاڻي تي قتل جون يارهن ايف آءِ آرس ڪٽيل آهن، جن مان ڪن به ڀن جو تون اقرار ڪر، ۽ ٽن قتلن جو اقرار تنهنجو ساٿي ڪري، ته پوءِ توهان کي اسين هن سيل مان جيل ڏانهن موڪلي ڇڏينداسين.“

اُن وقت آءٌ پنهنجي ڪُڏيءَ ۾ ڪنگهيس ته آفيسر، سپاهيءَ کان پڇيو ته ” اهو ڪير آهي؟ “ هن منهنجو نالو ٻڌايو. آفيسرُ در کولرائي اچي مون سان مليو، ۽ چيائين ته ” مسٽر آريسر! ان ڏينهن پڇا ڳاڇا دوران تو صوبيدار سان جيڪو رويو رکيو، ان کان آءٌ ڏاڍو متاثر ٿيو آهيان. انقلابي ماڻهو ائين ئي هوندا آهن.“ مون ڪيس لطيفو ٻڌايو ته ”هڪڙو ماڻهو ڪنهن سمنڊ ۾ ٻڏي رهيو هو ته ٻئي ڊوڙي وڃي ان کي ٻاهر ڪڍيو. جنهن تي ڪناري تي بيٺل سيني ماڻهن اُن ماڻهوءَ جي تعريف ڪئي ته انساني ايثار جو ان کان وڌيڪ ڪو جذبو نٿو ٿي سگهي. تنهن تي اُن ماڻهوءَ چيو ته توهان جي تعريف جي مهرباني، پر مهرباني ڪري مون کي اهو ٻڌايو وڃي ته ان کي ڪڍڻ لاءِ مون کي سمنڊ ۾ ڌڪو ڪنهن ڏنو؟ سو مون سان به اهائي حالت آهي – ۽ آءٌ ايڏو بهادر مڙس ناهيان، ان ڪري آءٌ بهادريءَ، همت ۽ جرائت جي ڪا به دعوىٰ نٿو ڪريان. اوهان پاڻ منهنجي رهبر خلاف گهٽ وڌ ڳالهائي، مون کي ان عمل لاءِ مجبور ڪيو. آءٌ هميشه عدم تشدد جو پوئلڳ رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان، آءٌ پنهنجي انهيءَ عمل تي شرمسار آهيان ۽ ان عملدار کان معافي ٿو گهران، ۽ ڪيس مڪمل اختيار ٿو ڏيان ته هو پنهنجي دائره اختيار ۾، جيڪا سزا مون کي ڏيڻ چاهي سا ڏئي، ڇاڪاڻ ته زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو نه چاهيندي به مون تشدد تي عمل ڪيو آهي. نه ته ، مون پنهنجي جوانيءَ ۾ ڪنهن به عورت جي ڇاتيءَ کي به زور سان نه ڇپياٽيو آهي، ڇو ته ان کي آءٌ، تشدد جو عمل ٿو سمجهان. مهاتما گانڌي ته ٻڪرين ۽ ٻڪري ڏهڻ مهل، ٿڻن کي زور ڏيڻ کي به تشدد سمجهندو هو." آفيسر چيو ته "مون ان ڳالهه کي ايترو محسوس نه ڪيو آهي، اسان وٽ اهڙا ڪيس ٿيندا رهندا آهن."

انهيءَ رات جو پيٽ وڳي مون کي چانهه ۽ سگريٽ پياري چيو ويو ته، " آريسر صاحب! توهان جي مهرباني" - ۽ مون کي وري ساڳيءَ ڪڏيءَ ۾ وني ويا. ڪڏيءَ ۾ پهچڻ وقت ڪنهن ٻيءَ ايجنسيءَ جو ماڻهو مون وٽ ڇتي ڪتي وانگر رڙ ڪري پهتو، ۽ چيائين: "آريسر ! سال ۽ تاريخ مون کي ياد ڪونهي! تنهنجيءَ قيادت ۾ ڄامشوري- دادوءَ وچ ۾ تيرهن سؤ پنجابي مسافرن کي قُربو ويو هو، ۽ اهو تو تي اسان جو قرض رهيل آهي." مون انتهائي سُڪون سان هن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، "مون کي، خبر ناهي ته تنهنجو تعلق ڪهڙي محڪمي سان آهي، پر تنهنجيءَ سوچ تي مون کي ڏاڍي حيراني ٿي آهي، ته توکي اِهو احساس ته ٿيو آهي ته تيرهن سؤ پنجابي مسافر قرجي ويا ، ۽ ان جاءِ تي اگر سنڌي قرجن ها ته تنهنجي اها پاڪستانيت ڪهڙي درجي تي هجي ها؟ ۽ پوءِ دادو ريلوي اسٽيشن تي رينجرز ۽ آرمي وارن جي بقول، تنهنجن سيني مسافرن کي قورن آزاد ڪري ڇڏيو." هُن مون کي چيو، " آريسر ! سچ سچ ٻڌاءِ، نه ته آءٌ تنهنجي کل لاهي ڇڏيندس!" مون کيس چيو ته، "تنهنجي ڪلهي تي لڳل بئج توکي اها اجازت نٿو ڏئي سگهي ته تون منهنجي کل لاهين. هي سڀ اسان جي سياستدانن جون نا اهليون آهن، جن جي آڌار تي تون سنڌ جي هڪ اهڙي ليڪڪ سان گستاخي ۽ تذليل سان پيش اچي رهيو آهين، جيڪو پير جي آڱوٺي سان قلم جهلي لکي ته سنڌ جون اخبارون انهيءَ لکٽيءَ کي به هوند پنهنجي هيڊنگ بنائين."

يقين ڪريو تہ هن جي انهن دڙڪن جو مون تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو، ۽ اڪيون ٻڌل هئڻ جي باوجود آواز جو طرف سڃاڻندي، هن کي ڪلهي تي زور سان هٿ هڻي چيم تہ، "هيءَ حيرت انگيز ڳالهہ آهي تہ آءٌ سنڌ جي ڳالهہ ڪريان تہ قيدي بڻجان، ۽ تون پنجابين جي تحفظ واري ڳالهہ ڪرين تہ محب وطن پاڪستاني بڻجين!" مون ڪيس اهو بہ چيو تہ "تنهنجي حب الوطني تيستائين آهي، جيستائين نوڪريءَ ۾ آهين، ۽ منهنجي وطن دوستي ۽ منهنجو عوام سان پيار، ان وقت بہ قائم رهندو، جڏهن آءٌ توهان جي پيرن ۾ ذلت سان وينو آهيان ۽ ان وقت بہ قائم رهندو، جڏهن آءٌ هوائن جيان آزاد هوندس." ان تي هن جي اندروني درندگيءَ تي شايد بُلهي شاهہ جي انسانيت جو ڪو پرتو پئجي ويو. جو سپاهين کي حڪم ڏنائين تہ " آريسر صاحب کي انهن ٻن قيدين سان گڏ اُن جاءِ ۾ ويهاريو، جنهن جاءِ ۾ پنکو لڳل آهي."

جڏهن مون کي ان ڪمري ۾ وٺي ويا ، ان وقت ان ۾ ٽي قيدي هُئا! هڪڙو بنگالي "ابوالڪلام آزاد" ، ٻيو هندستان جو سمگلر "مهتاب سنگهہ" ، جيڪو پاڪستان جي ڳجهن ادارن جي وڏن عملدارن جي تعاون سان سمگلنگ ڪندو هو، ۽ حيرت انگيز ڳالهہ هيءَ آهي تہ اهو سمگلر هندستان ۾ منهنجن مائٽن جي ڳوٺ "وڄڙار" جو رهاڪو هو، جنهن ڳوٺ جا اسان جي عمرڪوٽ تعلقي ۾ بہ مشهور ماڻهو آهن: هڪڙو ابراهيم آريسر، جيڪو پي پي عمر ڪوٽ تعلقي جو جنرل سيڪريٽري آهي، ۽ ٻيو شريف آريسر. ان نڪر، جنهن جا سٺ هزار روپيا پاڪستان ۾ ايجنسين جو هڪ عملدار عمر راهمون (جنهن کي هاڻ عمران راهمون سڏيندا آهن) کائي ويو هو، ۽ ايف آءِ يو جي ذريعي گرفتار ڪرائي ڇڏيائونس.

هتي آءٌ حيدرآباد ۾ مون تي ٿيل تارچر جو تفصيل ٻڌائڻ سان گڏ، ٽي ڳالهيون ٻڌائڻ چاهيان ٿو- پهرين ڳالهہ:

## ابو الڪلام آزاد سگريٽ لاءِ محتاج:

اها تہ سڄي دنيا کي خبر آهي تہ مولانا آزاد، نفيس سگريٽ، نفيس چانهہ ۽ نفيس ماڻهن جي صحبت کي پسند ڪندو هو. پر هو جڏهن پهريون دفعو علي پور جيل ۾ ويو، تہ جيل جي ماڙيءَ ۾ پنهنجا

سمورا سگريٽ جيل جي عملي ۾ ورهائي اندر هلي ويو. ٻه ٻن سالن تائين هن سگريٽ کي هٿ به نه لاتو. پر جنهن ڏينهن هن کي آزاد ڪرڻ جي سلسلي ۾ سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ آندو ويو، ته ان وقت جيل سپرنٽينڊنٽ کيس ڊبل ڪرائون سگريٽ پيش ڪيو. مولانا لکيو آهي ته جيتري همت سان ٻن سالن لاءِ سگريٽ ڇڏيا هُئم، اوتري ئي شوق سان جيل سپرنٽينڊنٽ کان سگريٽ ورتم ۽ ڏاڍي ذوق سان پيتم. اهو ان ڪري، جو مون شروع کان ئي پنهنجيءَ زندگيءَ کي ٻن خانن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي، جن مان هڪ ترڪ جو، ۽ ٻيو لذت جو- اندر پئي ويم ته مون کي "ترڪ" جي ضرورت هئي، ۽ مون پنهنجي واحد عياشي ترڪ ڪري ڇڏي، ۽ جڏهن ٻاهر نڪتس ته " لذت" کي به ايتري والهانه شوق سان قبوليم. بنيادي شيءِ اها آهي ته ماڻهو "ترڪ" ۽ " لذت" تي ڪيترو قادر ٿي سگهي ٿو. باوجود مولانا جي پوئلڳ هئڻ جي، آءٌ ڪنهن به شيءِ جي طلب ڪرڻ کان سواءِ سگريٽ بار بار گهرندو هُئس، پر اهو دائم مرڙاٽيءَ وانگر نه! اتي هڪ بنگالي قيدي به هو، جنهن جو نالو ابو الڪلام آزاد هو، ۽ هو به سگريٽ جو ايترو ئي عادي هو، جو بار بار عملدارن کان سگريٽ گهرندو هو ۽ موٽ ۾ ڪيس گاريون ملنديون هيون. انهيءَ ماجرا تي مون سوچيو ته تاريخ جي ڪيڏي نه ستم ظريفي آهي، جو ابوالڪلام آزاد هڪ سگريٽ جي ٽوٽي لاءِ محتاج آهي!

ٻي شيءِ جيڪا مون محسوس ڪئي سا هُئي:

**پاڪستاني ايجنسين جي ٽارچر سيل ۾،**
**ڪنور ڀڳت جو ڪاهي پوڻ:**

اسان تي چوڪي ڏيندڙن ۾ هڪ چرياڻ قسم جو سپاهي دادوءَ جو پنهور به هو، جيڪو صبح جو سوير ڇهين وڳي آل انڊيا ريڊيو تي سنڌي سروس لڳائيندو هو، جتي مڌ ۽ ماڪيءَ جي ميلاپ واري وينا شرنگيءَ جي آواز کان پوءِ، ڪنور ڀڳت جو منڙو آواز ڀرپور طريقي سان گونجڻ لڳندو هو:

دنيا سپ درياءَ، ڪو ڪو تارو تنهن ۾،
هڪ لالچ لوڀ جي، ٻيو آتش جو آڙاهه......

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيسيٰ کان گهٽ نہ هوندو آهي. اتي مون کي سوئيڪارنو جو مشهور قول ياد آيو تہ ” محبت ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو اسان کي ڪيلي جي سڙيل ڦري آڇيندو آهي، تہ اُهو اسان جون سموريون محبتون خريد ڪري وٺندو آهي، پر نفرت ۽ بالادستيءَ جي ذريعي ڪوئي ماڻهو اسان کي اربين ڊالر بہ آڇيندو آهي، تہ اسين ڪيس هڪ ئي جواب ڏيندا آهيون تہ تون ۽ تنهنجا ڊالر جهنم ۾ وڃو!“ ان ڪري مون کي اُن سپاهيءَ سان بي انتها اُنس ٿي ويو، ۽ چاهيندو هُئس تہ جڏهن منهنجو باٽ روم ڏانهن وڃڻ جو وارو اچي تہ ڪاش! اهو سپاهي هجي. پر انسان جون سڀ خواهشون پوريون ٿين، ۽ ڪيس سموريون محبتون ملن، تہ پوءِ انسان ۽ خدا ۾ فرق ڪونہ رهندو. مون سان تہ زندگي موڙ موڙ تي سنگين مذاق ڪندي رهي آهي. جيڪڏهن ڪجهہ لمحا مون کي خوشيءَ جا مُيسر ٿيا آهن، تہ اُنهن جي پنيان هڪدم ڏک ۽ بيوسيءَ جا ڪلاڪ ايندا رهيا آهن. ان ڪري ٿوري خوشي ملڻ وقت بہ آءٌ گهٻرائيندو آهيان، تہ متان ان جي پنيان غم جي لهر نہ اچي وڃي!

بهرحال، انساني زندگي ڏکن جو طويل داستان آهي. سموريءَ ڪائنات جي سموريءَ تاريخ ۾، سمورن انسانن جا ڏک، سمورين خوشين کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ وزنائتا ۽ دل ڏاريندڙ هوندا آهن – ۽ انسان کي بقول سائين جي ايم سيد: ” قدرت وسر جي عجيب نعمت ڏني آهي، جيڪا انساني خوشيءَ جي هڪ لمحي ۾ ڏکن جا سال وساري ڇڏيندي آهي. جيڪڏهن انسان کي اها نعمت ميسر نہ هجي، تہ شايد انسان جيئرو رهي ئي نہ سگهي.“

اسان سان بہ ساڳي حالت هوندي هئي. هڪڙي ڏينهن هڪڙا سپاهي ايندا هئا تہ ٻئي ڏينهن ٻيا. جن جو رَويو هڪ ٻئي کان مختلف هوندو هو. بهرحال هُو انسان هئا. ۽ انساني وجود جو احساس بہ ٻئي ماڻهوءَ جي لاءِ آٿت جو ڪارڻ بڻجي ٿو.

هڪ ڏينهن هڪ سپاهي مون کي باٽ روم ڏانهن وٺي ويو. اتي بيٺل ٻين سپاهين چيو تہ ” تُو بڑا بے غيرت ہے.“ مون چيو، ” ها سائين! ڪوئي ٻيو غيرتمند هجي جاين تي اچڻ پسند نہ ڪندو آهي.“ مون کي خبر ناهي تہ منهنجي انهيءَ جملي جي گهرائي، هو سمجهي سگهيا يا

نه!

هاڻي اسان جو معمول اِهو هوندو هو ته سيل ۾ اسان کي ڇنگهن ۾ ڪڙيون هڻي، ڪُتي وانگر ٻڌي ڇڏيندا هئا. مانيءَ جي ٽائيم ماني ڏيڻ ايندا هئا ۽ پيشاب جي وقت باٿ روم ڏانهن وٺي ويندا هئا. هفتي ۾ هڪ دفعو وهنجڻ ۽ ڪپڙن ڌوئڻ جي اجازت ڏيندا هئا. هر پندرهين ڏينهن ايجنسيءَ جو ڪو ماڻهو ايندو هو، ۽ اسان جي شيو ڪري ويندو هو. باقي ٽوٿ پيسٽ يا برش جو سوال ئي پيدا نه ٿي ٿيو. هڪ ڏينهن صبح جو چانهه کان پوءِ ڪمبل جي پرسان مون هٿ هنيو، ته هڪ تازو گُل هٿ کي محسوس ٿيو، جيڪو سيرانديءَ کان رکيو هو. گل کي سنو سنؤڻ سمجهي، مون پنهنجي کيسي ۾ رکيو ۽ منهنجو ذهن ماضيءَ ڏانهن پندرهن سال پوئتي موٽي ويو. جڏهن منهنجو هڪڙو دوست مون کي هر هفتي هڪ خط موڪليندو هو، ۽ ان خط ۾ گلاب جو گل ضرور پيل هوندو هو. پر هن کي خبر ڪانه هئي ته آءٌ گلاب جو گل پسند نه ڪندو آهيان، ڇو ته گلاب جو گل، قبر ۽ لاش تي رکيو ويندو آهي. اُن جي پيٽ ۾ مون کي موتيو وڻندو آهي، جنهن جي خوشبوءِ تيز ۽ رنگ اَمن جو هوندو آهي. پر الائي ڇو، ان ڏينهن اُهو گل ڏسندي شرط مون اُن کي سنو سنؤڻ سمجهيو ۽ ان دوست جي ياد ۾ محو ٿي، ساڻس پريت اينترو ڳالهايم ته" اي منهنجا پيارا! منهنجو ڏٻرو جسم تشدد جي ڪري چڪناچور ٿيل آهي، منهنجو روح تنهنجيءَ محبت جي ڪري ڪشمير جي چنار وانگر يا ڪارونجهر جي ڳاڳيليءَ وانگر تازو ۽ توانو آهي." مون کي الائي ڇو يقين ٿي ويو ته گلاب جو تحفو موڪليندڙ دوست سان منهنجي وري به ملاقات ٿيندي، ۽ اسين موٽي ۽ گلاب تي بحث ڪنداسين.

ان کان پوءِ ڏينهن گذرندا رهيا ۽ اسان، جيڪي هن سر زمين جي تاريخي تقاضائن جا فطري فرزند هُئاسين، سي ايشيائي ڪتن وانگر گهليا رهياسين.

سلسلي کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ آءٌ هتي ڪجهه اعتراف ڪرڻ جاهيان ٿو، ته جيئن پڙهندڙن ۽ ڪارڪنن ۾ ڪا غلط فهمي نه رهي. اٺاويهين آڪٽوبر تي هڪ آفيسر جي سامهون مون کي پيش ڪيو ويو.

جنهن چيو تہ، ”تون پنهنجن نظرين تان هٿ کڻ ۽ دهشتگرديءَ جي خلاف اسان جي مدد ڪر، تہ اسين توکي آزاد ٿا ڪريون.“ مون کي اکين ٻڌل صورت ۾ هن جي سامهون پيش ڪيو ويو هو. پر مون کي وٺي وڃڻ لاءِ هڪ سنڌي آفيسر آيو هو، يا سنڌي ڳالهائيندڙ هو، جنهن مون کي هن آفيسر جي سامهون پيش ڪيو هو. پيش ڪرڻ کان اڳ ۾ منهنجي جسم تي سينٽ جو ڦوهارو ڪيو هئائين تہ جيئن آءٌ ڪجهہ تازگيءَ سان ڳالهائي سگهان. جڏهن مون کي پيش ڪيو ويو، تڏهن مون کي هُن دل کولي گاريون ڏنيون ۽ خاص ڪري ٽن شين (۱) سنڌوديش (۲) منهنجيءَ ڌيءُ جي نالي اندرا ۽ (۳) منهنجي سياست ۾ هجڻ تي چوٽ چنڊيائين.

مون هن کي چيو تہ: ” سنڌوديش نئين ڳالهہ ناهي، اها 1973ع کان اسان ڪندا پيا اچون. جيستائين ”اندرا“ نالي جو تعلق آهي تہ منهنجي نظر ۾ نالا هندو يا مسلمان نہ ٿيندا آهن، پر پوءِ بہ منهنجيءَ ڌيءُ جو نالو اسپتال جي رجسٽر ۾ مائٽن نسيم لکائي ڇڏيو آهي. ٽيون تہ بيماريءَ سبب آئون هن وقت عملي طرح سياست ۾ ڇڻ آهيان ئي ڪونہ، ۽ صرف پنهنجن گهريلو ڪمن ڪارين ۾ مصروف آهيان.“

هن چيو تہ ”توهان هن ڌرتيءَ جا گندا ڪيڙا آهيو. صرف راجيوَ گانڌيءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ تو پنهنجي ڌيءُ جو نالو اندرا رکيو آهي، ۽ گهر ۾ هندن جي تهذيب واريون مورتيون رکيون آهن. تنهنجو ليڊر جيڪو پاڪستان جي باني منجهان آهي، سو صرف چيف منسٽري نہ ملڻ تان ان جو مخالف ٿي پيو.“ پوءِ چيائين تہ ”ڌرتيءَ جا گندا ڪيڙا! تون اسان کي ڪٽي ظالم سمجهين، پر سنڌ جي مٽيءَ جو ڪجهہ خيال ڪر، جنهن تي سپاٽي هندو قبضو نہ ڪري ويندا! جي ايم سيد هاڻي ڪجهہ بہ نہ رهيو آهي. اسان جي نظر ۾ تون ان جو نظرياتي پُٽ آهين ۽ غريب پڻ. هن ملڪ ۾ ڪنهن غريب کي ايڏي وڏي برانگهہ کڻڻ جو سوچڻ بہ نہ کپي. مون کي غريبن سان محبت آهي. آءٌ توکي ٽي شيون چوان ٿو:! تون سياست ڇڏي ڏي، ڌيءُ جو نالو اندرا تبديل ڪر ۽.... گهر ۾ ڪنهن بہ هندو مورتيءَ کي داخل ٿيڻ نہ ڏي. وڃ! مون توکي معاف ڪيو. تو منهنجي شڪل نہ ڏٺي آهي ۽ خدا ڪندو ڏسندين بہ

۾ ڪو گناھ نہ آهي. گنهگار اُهي آهن، جيڪي توهان تي وحشيانہ تشدد ڪري رهيا آهن ۽ هڪ مسلمان جي حيثيت ۾ آءٌ الله سائينءَ آڏو اهو اقرار ٿو ڪريان تہ جيڪي الزام هو مون تي هڻن ٿا، سي منهنجيءَ نظر ۾ گناھ ناهن. اهي شاھ لطيف ۽ مخدوم بلاول جي قوم جا حق آهن، جن جي حاصلات لاءِ مون جدوجهد ڪئي آهي، ۽ ڪندو رهندس ۽ انهن لاءِ ڪڏهن بہ توبهہ تائب نہ ٿيندس!"

پر الذوالفقار جا جيڪي بہ ڇوڪرا، ان سيل ۾ مون سان گڏ هئا، تن مان مون کي متاثر صرف هڪڙي نوجوان اندر جيت لوهاڻي ڪيو، جيڪو مار کائي اچڻ کان پوءِ بہ ڳائيندو ايندو هو.

هتي آءٌ توهان کي هڪ عجيب ڳالهہ ٻڌايان تہ اندرجيت هڪ ڏينهن مون کان پڇيو تہ: "آريسر صاحب خدا آهي؟"

مون چيو تہ: " ها."

هن چيو تہ: " هاڻي آءٌ بہ سمجهان ٿو تہ آهي."

مون پڇيو: " ڇو؟"

وراڻيائين، "سائين! پتائيءَ بہ ڪوڙي شاعري ڪئي آهي ڇا؟"

مون چيو تہ، " اهو تہ آءٌ سوچي بہ نٿو سگهان."

پوءِ چيائين تہ، " پتائيءَ چيو آهي–

"اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي–! معنيٰ تہ الله آهي."

– ۽ حقيقت اها آهي تہ انهيءَ ننڍڙي ڇوڪري جي ان دليل منهنجو سڄو وجود لوڏي ڇڏيو. اهڙو دليل اڄ تائين ڪو دانشور نہ ڏيئي سگهيو آهي. اتي آءٌ پتائيءَ کي تمام گهڻو زباني طرح پڙهندو هُئس، ۽ هن منهنجيءَ ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي اهو دليل ڏنو هو.

هڪ ڏينهن اندر جيت سي. آءِ. اي سينٽر کان موٽي آيو، ۽ چيائين تہ "سائين! توهان جي لاءِ تہ سڄي سنڌ ۾ باھ ٻري رهي آهي ۽ سنڌي پريس توهان جي مسئلي کي اُن حد تائين کڻي ويئي آهي، جو ذوالفقار علي ڀٽي جي مسئلي کي بہ ايترو نہ کنيو ويو هو. ميرپورخاص بار ايسوسيئيشن اوهان جي گرفتاريءَ جي خلاف مذمت جو ٺهراءُ پاس ڪيو آهي. اوهان لاءِ هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ٿي چڪي آهي، ۽ سنڌ جو ناميارو وڪيل يوسف لغاري اُن جي پيروي ڪري رهيو آهي–

۽ پهريون دفعو ڪنهن ماٺهوءَ لاءِ پٽيشنر، هڪ وڪيل علي حسن چانڊيو ٿيو آهي.“ اهو احوال ٻڌڻ کان پوءِ مون ٻڌائيءَ جو اهو بيت پڙهڻ چڏي ڏنو ته:

”سوڪيءَ ويلي سيڪو، اوکيءَ ٿون ئي ٿون.“

پر ان جي جاءِ تي هيءُ بيت پڙهڻ شروع ڪيم:

ٿر وٺا ٿاڏيل ٿي، وٺا مينهن ڳڙا،
پوپاڙيءَ جو پٽن تي، چونڪارين چڙا،
قادر ڀڄ ڪڙا ته ملان مارووڙن سان!

– ۽ اهو بيت جڏهن آءٌ پڙهندو هُئس ته مون کي ننگر پارڪر جو سفر ياد ايندو هو، جيڪو وسندڙ مينهن ۾ مون ۽ منهنجي دوست اڪبر پنهنجن ٻارن سميت ڪيو هو، ۽ اُن سفر دوران پالوا ۾ مارئيءَ جي کوهه تي به ويا هئاسين. ان وقت ساڙڏڙي تي اسان جون ڪينچلون ياد ڪري آءٌ روئي پوندو هُئس، ۽ اهي لڙڪ ڊبل پٽيءَ ۾ جذب ٿي ويندا هئا. اُن وقت آءٌ گهٽ سنڌ جي غاصبن کي اهو موقعو نه ڏيندو هُئس ته، هو منهنجي ڳوڙهن مان ڪو ناجائز فائدو وٺي سگهن. حقيقت هيءَ آهي ته مون سمورو ٿر ڏٺو آهي، مون سمورو پاڪستان ڏٺو آهي، مون هندستان جا ٿي خوبصورت ترين صوبا مهاراشٽر، گجرات ۽ راجستان ڏٺا آهن، پر مون کي جيڪو مزو ۽ سرور، وسندڙ مينهن ۾ پنهنجن ۽ دوست اڪبر جي ٻارن سان گڏ ننگر جي سير ۾ آيو هو، سو شايد ڪٿي به نه آيو. جيتوڻيڪ مون ڪارونجهر جي سفر جو باقائدي احوال نه لکيو آهي، پر فرنٽيئر پوسٽ اخبار جي سنڌ جي بيورو چيف کي مون چيو هو ته، ”وسندڙ مينهن ۾ جڏهن اسان جي جيپ ننگر ۾ داخل ٿي، ته اتي جيڪا آسان خوشبوءِ محسوس ڪئي، سا دنيا جي ڪنهن به پرفيوم ۾ ناهي.“

اُهي سڀ خوشگوار لمحا ۽ يادون، ٿارچر سيل اندر منهنجي ڏٻري جسم ۾ توانائي پيدا ڪنديون هيون – ته اهڙيءَ سنڌ لاءِ هڪ زندگي ته ڇا، پر هزار زندگيون ۽ بي پناهه محبتون به قربان ڪري سگهجن ٿيون. ڪاش ! سنڌ تي سائين جي ايم سيد جي ڪنهن حقيقي پوئلڳ جي حڪومت هجي، ته ڪرنل تروٽ جي انهن لفظن کي حقيقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ ملي وڃي ٿي تہ: ”سموريءَ ايشيا جو حسن مون ڪارونجهر جي چوٽيءَ تي ڏٺو آهي.“

1953ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ سائين جي ايم سيد اپوزيشن جو ليڊر، ۽ ستار پيرزادو قائد ايوان هو. ان وقت ڪارونجهر جي حسن ۽ خوبصورتيءَ کي وڌائڻ لاءِ سائين جي ايم سيد ”ڪارونجهر ڊيم“ ٺاهڻ جي تجويز ڏني هئي، جيڪا اتفاق راءِ سان منظور ڪئي ويئي هئي، پر سڪ‍ـهو ئي پوءِ پنجابي حڪمرانن نہ رڳو ڪارونجهر ڊيم رٿا کي هڙپ ڪري ويا، پر انتهائي جبر ۽ وحشانيت سان پوريءَ سنڌ کي ڳڙڪائي ويا- ۽ اها رٿا اتي ئي رهجي ويئي.

ڪارونجهر جي پرسان اسان کي هڪ تلاءُ ڏيکاريو ويو هو، جنهن جو نالو ڪجلاسر هو. اهو نالو ٻڌندي شرط مون دوستن کي چيو، تہ انهيءَ نالي جي پس منظر جي جيڪڏهن اوهان کي خبر ناهي تہ آءٌ اوهان کي ٻڌايان تہ ، گهٽو اڳي پاري ننگر جو بندرگاهہ، آمد رفت ۽ جهازن جي اچ وڃ جو مرڪز هو. ان وقت ”ويرا واهہ“ جو شهر انتهائي آباد هو، ۽ صبح جو سوير، ”ويرا واهہ“ جون ناريون، منهن ۽ هٿ تلاءَ تي اچي ڌوئنديون هيون. سندن اکين ۾ جيڪو ڪجل پيل هوندو هو، سو منهن ڌوئڻ سان تلاءَ ۾ وڃي پوندو هو، ۽ سڄو تلاءُ ڪجل هاڻو ٿي پوندو هو، ان ڪري هن تلاءَ تي اهو نالو ”ڪجلا سر“ پيو آهي.

ٿارچر سيل جا ڏينهن ۽ راتيون اسان لاءِ هڪجهڙيون هيون، ڇو تہ اسان جي اکين تي ڪاري رنگ جون پٽيون ٻڌل هونديون هيون، ان ڪري رات ۽ ڏينهن جي حسابن کي اسان دل جي قربيءَ تان ميساري ڇڏيو هو. ان ڪري، نہ رات اسان کي ڏائڻ وانگي لڳندي هئي ۽ نہ وري ڏينهن شينهن. عجيب ڳالهہ هيءَ هئي جو اسان کي ماني کارائڻ کان پوءِ نہ هٿ ڌوئڻ ڏنا ويندا هئا ۽ نہ گرڙي ڪرڻ جي موڪل هئي. صرف نماز جي وقت کو نماز پڙهڻ چاهيندو هو تہ ان کي نلڪي تي وٺي ويندا هئا وضو ڪرائڻ لاءِ، پر ان وقت بہ منهن ڌوئڻ جي اجازت نہ هوندي هئي، ڇو تہ منهن ڌوئڻ جي صورت ۾ اکين تان پٽي لاهڻي پوي ها ، جيڪا ايجنسين جي قانون جي خلاف ورزي هئي. هيءَ ڪيڏي نہ

پوءِ انچارج صاحب موٽي آيو ۽ خالد کان پڇڻ لڳو: ” اب طبيعت ڪيسي هي، ڪُجهہ سڪون و قرار آيا؟“ خالد بيوسيءَ وارا ڳوڙها ڳاڙيندي وراڻيو: ” ها سائين، ڏاڍو قرار آيو آهي.“ سنتري ۽ انچارج جي هٿي وچڻ کان پوءِ خالد مون کي چيو تہ ” آريسر سائين! هي ڏينهن اسان کي اسان جي ڪهڙن ليڊرن ڏيکاريا آهن؟“ مون ڪيس چيو تہ ” هونئن تہ لسٽ ڊگهي آهي، پر مختصر طرح هيئن سمجهہ تہ ٻنهي پارٽين ۾ وينل ايجنسين جي پگهاردارنِ اسان کي هي ڏينهن ڏيکاريا آهن. ٻيو ايم ڪيو ايم جي موقعي پرست ليڊر شپ، جيڪا پنهنجي برادريءَ کي آڙاهہ ۾ اڇلي پاڻ پڃي ويئي آهي.“ هن چيو تہ ” ايم ڪيو ايم لاءِ تہ اها ڳالهہ سؤ فيصد سچ آهي، پر سنڌ جي ليڊر شپ تہ هتي موجود آهي.“ مون چيو تہ ”سنڌ جي حقيقي قيادت تہ تو ۽ مون وانگر جيل ۾ آهي. باقي جيڪي ٻاهر آهن، سي بالاتر طاقتن جي بُوٽن صاف ڪرڻ ۾ مصروف آهن، تہ اسان کي اقتدار ۾ شريڪ ڪريو.“ اُن تي هو خاموش ٿي ويو ۽ پوءِ چيائين تہ، ” آئون سمجهان ٿو تہ منهنجي حيثيت ڪجهہ بہ نہ آهي، پر پوءِ بہ هي مون کي جلدي آزاد ڪن، تہ تنهنجو احوال ميرپورخاص ۾ ڪنهن کي ٻڌايان؟“ مون چيو تہ ” علي حسن چانڊيي کي، جنهن کي تون سڃاڻين الائي نہ!“ چيائين تہ، ” آئون هن کي چڱي طرح سڃاڻان ۽ آئون ڪيس ضرور ٻڌائيندس.“واقعي هو 25 نومبر 1992ع تي آزاد ٿي ويو ۽ مون کي خبر ناهي تہ هن علي حسن کي ڪجهہ ٻڌايو بہ يا نہ.

حيدرآباد ۾ اهو اسان تي آخري ٽارچر هو ۽ پوءِ ڏينهن معمول مطابق گذرندا ويا. اوچتو اسان جي سيل ۾ الذوالفقار جو هڪ نوجوان آيو، جيڪو مختلف ايجنسين کان ٿيندو اتي پهتو هو. ان کي ان وقت ڏاڍو پيشاب لڳو ۽ هن سنتريءَ کي سنڌ ڪري چيو تہ، ”مون کي پيشاب لڳو آهي ۽ مون کي پيشاب ڪرائي اچ.“ جيئن تہ اهو وقت پيشاب ڪرائڻ جو نہ هو، انهيءَ ڪري سنتريءَ ڪيس چيو تہ، ” انهيءَ ڊٻي ۾ پيشاب ڪر.“ هتي واضح ڪندو هلان تہ سيل ۾ هر قيديءَ کي هڪ ڊٻو مليل هوندو هو. جيڪڏهن مقرر ٽائيم کان اڳ ڪنهن کي پيشاب لڳندو هو تہ اُهو اُن ڊٻي ۾ ڪري، مقرر وقت تي اهو ڊٻو ڪٽي ٻاهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڪوس ۾ خالي ڪري ايندو هو. هن نوجوان ڏٻي ۾ پيشاب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جيئن ته سندس اکيون ٻڌل هيون، ان ڪري پيشاب ڏٻي ۾ وڃڻ بدران ٻاهر فرش تي ڪري پيو. جنهن تي سنتريءَ کيس گاريون ڏيندي چيو: " سالا! يہ پيشاب ڪرنے کا طريقہ هے ؟ اب يہ پيشاب تم زبان سے چاٽو!"

هن نوجوان انهيءَ ڳالهہ کي سنجيدگيءَ سان نہ ورتو، تہ سنتري وڃي انچارج کي ٻڌايو. جنهن ڪمري ۾ اچي منظر ڏٺو ۽ سنتريءَ کي انتهائي دٻڙاٽ ڪڍيائين تہ، "توهان هتي ڊيوٽي چالاڪ تا ڪريو؟ ٽائيم ٽيبل کان سواءِ بہ ڪنهن ماڻهوءَ کي شدت سان ضرورت محسوس ٿي سگهي ٿي." بهرحال ڪجهہ ڳوٺين ۽ ڪمبلن جا ٽڪر نوجوان کي آڏي ڏنا ويا، تہ پيرن ۽ هٿن جي ذريعي ڳوٺين جي ٽڪرن سان اهو پيشاب خُشڪ ڪَري، ۽ هن ائين ڪيو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ هڪ آفيسر آيو، جنهن اچي تقرير ڪئي تہ "توهان ڪهڙي بہ ڏوهہ جا ڏوهي هجو. بهرحال هتي توهان هڪ پاڪستانيءَ جي حيثيت سان مهمان آهيو. ليڪن جيڪڏهن پاڪستاني حيثيت ڏکي ٿي لڳيوَ، تہ هڪ انسان جي حيثيت سان، انساني رشتي جي حوالي سان اسان جا ڀائر آهيو. توهان پاڻي جام پيو، گهٽ پاڻي پيئڻ سبب يرقان (سائيءَ) جي بيماري ٿيڻ ۽ دل ٻيهي وڃڻ جو امڪان آهي. توهان ان ڳالهہ جي پرواهہ نہ ڪريو تہ توهان کي پيشاب روڪڻ واري تڪليف مان گذرڻو پوندو. آءٌ سنترين کي حڪم ٿو ڏيان تہ ڏينهن ۾ ڏهہ دفعا اوهان کي پيشاب لڳي، تہ بہ هو توهان کي پيشاب خاني تائين وٺي وڃڻ لاءِ ٻڌل رهندا." ائين چئي هو مون ڏانهن وڌيو ۽ انتهائي همدرديءَ واري نموني سان ڪلهي تي هٿ رکي چوڻ لڳو: "آريسر صاحب! آءٌ عمرڪوٽ ۾ رهيو آهيان. تنهنجي هر چرپر کان واقف آهيان. توکي هتيٰ هن حال ۾ ڏسي يقيناً مون کي افسوس ٿيو آهي. شايد تو اهي گناهہ نہ ڪيا هجن، جن ۾ توکي ٻڌو ويو آهي، پر ڪي ٻيا گناهہ ڪيا هجن،" جن جي سزا توکي ملي رهي آهي. بهرحال ڪا تڪليف توکي نہ ڏني ويندي، ڪو تشدد توتي نہ ٿيندو." ڪلندي پڇيائين، " سگريٽ گهٽا ملندا اٿئي؟" مون چيو " ڏينهن ۾ ٽي، هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح جو چانهہ وقت، ٻيو ٻن پهرن جي مانيءَ وقت، ۽ ٽيون رات جي مانيءَ وقت“ - چيائين تہ ”آءٌ تنهنجا سگريٽ وڏائي سگهان ٿو، جيڪڏهن توکي ضرورت هجي.“ مون چيو تہ ” مون لاءِ هتي سڀ کان وڏي خوشي اها آهي، جو منهنجي سامهون هڪ اهڙو ماڻهو ويٺو آهي، جنهن جي ٻوٽن تي امر ڪوٽ جي رڻ جي ريتيءَ جا ذرا آهن. بهرحال، توهان جي مهرباني، آءٌ ٽن سگريٽن تي ئي مطمئن آهيان ۽ ٻن ٻنپهرن واري چانهہ واري موقعي تي چوٿون سگريٽ وڏائڻ نٿو چاهيان. باقي جيستائين گارين جو تعلق آهي تہ مون کي حيرت آهي تہ جيڪي ماڻهو هر وقت الله ۽ رسول جي باري ۾ ٻڌائيندا آهن، تن جي ڳالهين ۾ الله ۽ رسول جي نالن کان وڌيڪ گاريون هونديون آهن. شايد جنهن اداري جي تحويل ۾ آءٌ آهيان، مون کي خبر ناهي تہ ڪهڙي اداري جي تحويل ۾ آهيان، شايد اُن اداري جي ڪلچر جو حصو گار بہ آهي.“

ان ڏينهن کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ اسان جي سيل ۾ گار مڪمل طرح بند ٿي وئي، ۽ اسين حال سارو خوش گذارڻ لڳاسين. مون کي پڪ ٿي وئي تہ هاڻي مون کان پڇا ڳاڇا ڪانہ ٿيندي، پر اوچتوئي اوچتو 28 نومبر جي رات جو سنتريءَ مون کي اٿاريو، ۽ هڪڙيءَ جاءِ تي وٺي ويو، جتي بہ آفيسر ويٺا هئا. جن مون کي بينچ تي ويهاريو ۽ انتهائي مهذباڻي طريقي سان پڇيو تہ: ” آزيسر صاحب ڪيا حال هے ؟!“ مون چيو، ”نيڪ هون.“ هڪ چيو، ” نيڪ انهيءَ کي چوندا آهن! ؟ تہ ڪپڙا انتهائي ميرا ٿي ويا هجن، ننهن حد کان وڌيل هُجن، وارن جو ڪلر لٿل ۽ بي ترتيب هجي. اها بہ خبر اٿئي تہ جيڪا سياست تون ڪرين ٿو، سا توکي ڪوئي ڦل نہ ڏيندي. خواہ مخواہ خود ساختہ شهيد ٿيڻ جي ڪوشش ڪرين پيو. پنهنجي حالت ڏٺي اٿئي؟ پوءِ بہ ذهني طرح ٺُٺين نٿو!“ مون کين چيو تہ ” پنهنجي هيءَ حالت مون پاڻ نہ ڪئي آهي. آئون ڪپڙي لٽي جو شوقين تہ نہ، پر ڪنهن حد تائين صفائي پسند ضرور آهيان، ۽ مون کي اها بہ ڄاڻ آهي تہ سنڌ جو ماڻهو، آزاديءَ جي تصور کان اڻ واقف ۽ آزاديءَ جي ميوي جي لذت کان ناآشنا آهي، ۽ اهو ئي سبب آهي جو آءٌ ٻن سالن کان سياسي طرح غير متحرڪ ٿي ڳوٺ ويهي رهيو آهيان. پارٽيءَ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جي ميٽنگس ۾ بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صرف اعزازي طرح ڪڏهن ڪڏهن شريڪ ٿيندو آهيان. باقي سائين جي ايم سيد ۽ سنڌ جي آزاديءَ سان جيڪو ناتو مون ڦوهه جوانيءَ ۾ ڳنڍيو هو، ۽ جنهن ناتي کي پنهنجي تحرير ۽ تقرير ذريعي سڄي سنڌ ۾ پڪيڙيو اٿم، هن وقت جڏهن جوانيءَ جو سج پيريءَ جي زوال ڏانهن وڃڻ شروع ٿيو آهي، ان وقت آءٌ سياست ته ڇڏي سگهان ٿو، پر سنڌ جي نئين نسل ۾ دم عيسيٰ ڦوڪيندڙ جي ايم سيد ۽ اُن جي آزاديءَ واري نظريي کان الڳ نه ٿو ٿي سگهان. توهان ڀلي صحافي گهرايو ۽ انهن جي سامهون آءٌ اهي ويچار پڌرا ڪري سگهان ٿو."

منهنجي انهيءَ چوڻ تي نوجوان آفيسر چيو ته "اسان ايترا ٻالا ڀولا ناهيون، جو تنهنجيءَ انهيءَ ڳالهه تي يقين ڪريون ۽ صحافي گهرايون، ڇو ته مون کي يقين آهي ته تون جيڪي ڪجهه اسان کي ٻڌائين پيو، سو صحافين کي نه ٻڌائيندين."

ان تي وڏي آفيسر چيو ته "اسان پنهنجي پر ۾ پڇا ڳاڇا ختم ڪري ڇڏي هئي، پر اسان کي اڄ ڪراچيءَ مان نئين رپورٽ ملي آهي، ان ڪري نئين سلسلي ۾ اسان اوهان کان وري به پڇا ڳاڇا ڪرڻ چاهيون ٿا."

هن گهنٽي وڄائي ته هڪ سپاهي ڊوڙندو آيو، جنهن کي آفيسر چيو ته، "آربسر صاحب ڪے ليے ايڪ سگريٽ جلا ڪر لے آئو!" سنتري سگريٽ دکائي ڪٽي آيو. مون محبوب جي چُميءَ وانگر سگريٽ جو تمام وڏو ڪش هنيو، ۽ چيم ته، "آءٌ سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

هُن سوال ڪيو ته "علي حسن چانڊيي کي سڃاڻين؟"

مون چيو" ها، ڪنهن وقت ٽائون ڪميٽيءَ ميرواهه گورچاڻيءَ جو سيڪريٽري هو. انهيءَ عرصي دوران هن ميرواهه ۾ "يوم لطيف" ملهايو. مارشل لا جو دؤر هو، ان ڪري ڪيس جلسي ڪرڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو ويو، ۽ ملٽري ڪورٽ ڪيس هڪ سال سزا ۽ پنجن ڪوڙن هڻڻ جو حڪم ڏنو. اهو سڀ سهڻ کان پوءِ هو جڏهن ٻاهر آيو ته هن جيئي سنڌ محاذ ۾ شموليت اختيار ڪئي. اڄ هو جيئي سنڌ محاذ ٿرپارڪر جو سيڪريٽري، ميرپورخاص بار ايسوسيئيشن جو اهم

عهديدار ۽ زميندار پڻ آهي.“
مون کان پڇيائون تہ ” شاديون گهڻيون اٿس؟“
مون چيو” هڪ، جيڪا ڳوٺان ڪئي اٿس.“
آفيسر چيو تہ ”مون ٻڌو آهي تہ هن جي ٻي ناجائز زال ميرواهہ ۾ رهي ٿي.“
ان تي مون چيو تہ ” اسين سنڌ ۾ سچائي ئي انهيءَ حوالي سان وچون ٿا تہ پنهنجن نظرين، دوستين ۽ رشتن ۾ بيوفائي نہ ڪندا آهيون. ان ڪري آءٌ علي حسن لاءِ ائين سوچي ئي نٿو سگهان.“
وري سوال ٿيو تہ ” ڊاڪٽر مظهر ميمڻ کي سڃاڻين؟“
مون چيو تہ ” ها.“ تنهن تي هنن چيو، ” جيڪو خيرپور جو آهي.“
مون چيو ”هو خيرپور جو ناهي، پر هو بدين جو آهي.“ وڏيڪ مون چيو تہ ”مون نالو ٻڌو آسي، ميرپورخاص ۾ ڊاڪٽري ڪندو هو.“
” يلا جلال ولد صديق چچر سڃاڻين؟“
مون چيو: ” ها، اهو منهنجو مائٽ آهي ۽ منهنجي جيپ جي ڪڏهن ڪڏهن ڊرائيوري بہ ڪندو آهي. سياسي وابستگي ان جي، ڳوٺ جي چڱي مڙس جي ڪري، پير صاحب پاڳاري سان آهي.“
ان کان پوءِ آفيسر صاحب چيو تہ ” 3 اپريل 1991ع تي علي حسن چانديو، ڊاڪٽر مظهر ميمڻ، ڊاڪٽر حسن، محمد راهمون ۽ ٻيا ڏهہ ٻارهن ماڻهو تنهنجيءَ اوطاق تي رات جو رهيا هئا، ۽ اتي هندستان جي هڪ حساس اداري جو ماڻهو بيرسنگهہ ڪلون بہ موجود هو. سڄي رات اوهان کاڌو پيتو ۽ صبح جو تون پنهنجي جيپ تي ڪلون کي ڪٽي چور وٺين. اتي تو پنهنجي جيپ جي ذريعي ڪلون بيرسنگهہ کي اهم جايون ڏيکاريون. اهم جايون ڏيکارڻ مان منهنجو مطلب تون سمجهي سگهين ٿو؟“
مون چيو تہ ” اها رپورٽ سراسر ڪوڙ، دوکيبازيءَ ۽ قبيلائي دشمنيءَ تي مبني آهي. ان ڪري جو، ڊاڪٽر مظهر ميمڻ ۽ ڊاڪٽر حسن آڪٽوبر 1988ع کان جيل ۾ آهن، توهان جيل انتظاميا کان اهو معلوم ڪري سگهو ٿا. محمد راهمون جيئي سنڌ ۾ ضرور آهي، پر منهنجي مخالف گروپ گل محمد جکراڻيءَ وارن سان گڏ آهي، جنهن

ڪڏهن به منهنجو ڳوٺ ناهي ڏٺو. ۽ تين ڳالهه ته بيرسنگهه نالي وارو ماڻهو مون اڄ تائين ناهي ٻڌو ۽ نه ئي ڏٺو آهي. پر جيتري قدر مون کي معلوم آهي ته اهو نالو ويرسنگهه تي سگهي ٿو. بير نه ! چو ته بير عربيءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”کوهه“.

تنهن تي هٿن مون کي چيو ته ” جلال ته اسان سان اقرار ڪيو آهي، ته اهي سڀ ماڻهو، هتا ۽ اسان اهي جڳهيون ڏيکاريون هيون.“

مون چيو ته ” جلال جيڪڏهن اعتراف ڪيو آهي ته اها هُن جي ذميواري آهي.“

وري چيائون ته ”پلا جلال جي آمدنيءَ جو ذريعو ڇا آهي؟“

مون کين چيو ته ” تر جو هو سڀ کان وڏو زميندار آهي ۽ پنهنجي قبيلي ڇچڙن جو سردار آهي. هن کي بئراج ايريا ۾ به سٺ ايڪڙ کن بني آهي.“

وري پڇيائون ته ” جلال انڊيا ويو آهي؟“

مون چيو ” نه.“

ان تي چوڻ لڳا ته ” چور مان اسان کي اطلاع مليو آهي ته توهان هن کي انڊيا موڪلڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.“

مون چيو: ”اها سڀ ڪجهه بڪواس آهي ۽ قبائلي دشمنيءَ جو نتيجو آهي-“ ۽ اهو به چيم ته: ”توهان اهو ڪيئن تصور ڪري ورتو ته آءٌ پنهنجي تر جو ايڏو طاقتور ماڻهو آهيان، جو هندستان مان غير قانوني طور تي آيل ماڻهوءَ کي پنهنجي جيپ تي ويهاري حساس جايون ڏيکاريندو وتان!“

تنهن تي آفيسر مون کي چيو: ” سوچي وٺ! ڇو ته هن وقت تائين تو اسان سان نه ڪوڙ ڳالهايو آهي، ۽ نه ئي گمراهه ڪرڻ لاءِ ڪا غلط رپورٽ ڏني آهي.“

مون چيو ته ”مون کي ڪوڙ ڳالهائڻ ايندو ئي ناهي، ان ڪري جو هڪ ڪوڙ کي لڪائڻ لاءِ سوَ ڪوڙ ٻيا به ناهڻا ٿا پون، ۽ گمراهه ڪرڻ جي سلسلي ۾ آءٌ اهو چوندس ته غلط رپورٽون، برصغير ۾ اهڙي باهه ڀڙڪائي ڇڏينديون، جن کي وسائڻ، نه توهان جي وس ۾ هوندو ۽ نه ئي منهنجي وس ۾.“

اُن تي آفيسر گهنٽي وڄائي ۽ سنتريءَ کي چيائين ته، ” هڪ سگريٽ آريسر صاحب کي پيار!“ مون سگريٽ پيتو ۽ اسين هيڏانهن هوڏانهن جي عام گفتگوءَ ۾ مصروف ٿي وياسين. سگريٽ ختم ٿيڻ کان پوءِ هن مون کي وري چيو: ” سوچ !“ مون ڪيس چيو: ” جناب والا! جيترن مهمانن جا توهان نالا ورتا آهن، ايترا مهمان مون وٽ صرف منهنجي ڌيءَ اندرا جي سالگره تي گڏ ٿيندا آهن، جيڪا ته آءٌ اُن سال ملهائيندو آهيان، جڏهن ٿر ۾ برسات پوندي آهي.“ آفيسر کلي چيو ته، ”1991ع ۾ برسات ڪانه پئي، ان ڪري اهو سڀ ڪجهه ڪوڙ آهي!“ ۽ هن مون کي آخر ۾ وبندي چيو: ” تون سوچ ! سڀاڻي وري ملنداسين.“ ۽ سنتريءَ کي چيائين: ”هن کي سندس سيل ۾ ڇڏي اچ.“

رات جو هڪ ڪن ٿيو ته مون کي ڏاڍو پيشاب لڳو، پر هنن کي مون پيشاب ڪرڻ جي درخواست ڪانه ڪئي. موٽي سيل ۾ آيس ۽ پهريون دفعو سيل ۾، دٻي ۾ پيشاب ڪيم، ۽ سمهي رهيس.

ڏينهن گذرندا ويا ۽ مون کي اُن آفيسر ٻيهر پڇا ڳاڇا لاءِ نه گهرايو. پر انهيءَ عرصي دوران آءٌ ٻارهين وڳي کان اڳي سمهندو نه هُئس، ڇو ته پڇا ڳاڇالاءِ سڏُ ٻارهين وڳي تائين ٿي سگهندو هو. هن چور واري ڪوڙيءَ رپورٽ جي باري ۾ ايجنسيءَ جو هڪڙو ماڻهو ٿر واري علائقي مان آيو هو، پر جيئن ته منهنجون اکيون ٻڌل هيون، ان ڪري آئون سندس شڪل ڏسي نه سگهيو هئس. آوازن جي ذريعي آءٌ تمام گهٽ ماڻهو سڃاڻي سگهندو آهيان. اُن ايجنسيءَ واري مون کي چڱيءَ طرح سڃاتو ٿي ۽ موڪلائڻ وقت چيائين ته، ” آريسر سائين! آءٌ چور وڃان ٿو ۽ اتي ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ سلام ڏيڻا هجن ته مون کي ڏيئي ڇڏيو.“ جيئن ته انهن سلامن جو مطلب آءٌ خوب سمجهيس ٿي، ان ڪري مون سندس ٿورو مڃيو ۽ ڪنهن کي به سلام نه ڏيڻ لاءِ چيو.

ان کان پوءِ هڪ دفعو وري مون کي پڇا ڳاڇا واري ڪمري ۾ پيش ڪيو ويو، ۽ مون کان ادريس رند جي باري ۾ پڇيائون. مون کين چيو ته ”جيئي سنڌ جي مختلف ڌڙن ۾ جڏهن اختلاف عروج تي هئا، تڏهن ادريس، زند، گل محمد جکراڻيءَ جي گروپ سان هو، ۽ هن هڪ پيرو هشيارن جي زور تي اسان جو جلسو ٽڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان

ڪان وڏيڪ آءُ هن کي نہ سڃاڻان."

اها تاريخ 9 ڊسمبر جي هئي. ان ڏينهن مون کي فٽنيس (Fitness) جي سرٽيفڪيٽ لاءِ سي ايم ايچ (ڪمبائينڊ ملٽري هاسپيٽل)وٺي ويا ، جتي ڊاڪٽرن منهنجي بلڊ پريشر ۽ گڙدي جي تڪليف جي باري ۾ خطرناڪ قسم جون رپورٽون ڏنيون. سي ايم ايچ جي چڪاس ڪان واپسيءَ تي هڪ گن بردار مون کي گار ڏيندي، ٻئي کي چيو تہ، " اس دلے ڪي گردن سے رائيفل لگا ڪي رکو!" سي ايم ايچ ڪان واپسيءَ تي اسان کي وري سيلن ۾ وٺي آيا ، جتي اڙد جي دال ۽ سڪل ماني ڏني وئي، جنهن مان مون بہ چار گرهہ پريا ۽ سنتريءَ ڪان سگريٽ گهريو، ڇو جو ٻن پهرن وارو سگريٽ رهيل هو. اڃا مون سگريٽ ئي مس پيتو تہ هڪ ماڻهوءَ دروازي تي زورائتي هڪل سان چيو تہ "ڪڙے هو جاؤ!" آءُ اٿي بيٺس تہ منهنجي راجستاني دوست مهتاب سنگهہ پنهنجي چادر مون کي ڏني ۽ چيو تہ ، "خبر ناهي توکي ڪٿي وٺي وڃن. سرديءَ ۾ هيءَ چادر توکي ڪم ايندي." آءُ چادر ڪٺي ٻاهر آيس. اتي جي آفيسر جي ڊرائيور مون کي چيو: " آپ ڪي چيزين جو همارے يهان جمع ڪي گئي تهين، ان مين نو سؤ روپے ، پارڪر پين، نظر ڪا چشمہ، ايراني ليٽرپيڊ اور ڪچهہ خطوط تهے. ان مين سے ڪوئي ڀهي چيز آپ ڪي ساتهہ نهين جا رهي هے ، اور آپ سمجهہ لين کہ هر ادارے مين هر قسم ڪي آدمي هوتے هين."

مون کي ۽ مولانا ابو الڪلام کي سوزوڪي وين جي فرش تي ويهاريو ويو، ۽ گاڏي هلڻ شروع ٿي. مولانا صاحب کي چيو ويو تہ " اسين توکي بارڊر پار ڇڏيو ٿا اچون." ان مان مون کي بہ اندازو ٿيو تہ شايد مون کي هاڻي عمرڪوٽ وٺيو پيا وڃن. پر وقت جيئڻ تہ ڇهين وڳي جو هو، ۽ اسان جي وين جي ونڊ اسڪرين جي شيشي مان سچ جا ڪرڻا سامهون پئي آيا ، ان ڪري مون جاتو تہ مون کي عمرڪوٽ نہ، پر ڪراچيءَ نيو پيو وڃي. رات جو تقريبن اٺين وڳي اسان کي ڪراچيءَ جي ٽارچر سيل ۾ داخل ڪيو ويو. مون کي خبر ناهي تہ مولانا صاحب کي ڪيڏانهن وٺي ويا ، پر مون کي هڪڙي هال ۾ ويهاريو ويو.

حيدرآباد جي ابتڙ هتي نہ مون کي هٿڪڙي هنئي وئي، ۽ نہ پير

ڪڙي. صرف اکين تي ويڪري ۽ ٿلهي پٽي ٻڌي ويئي. ڪجهہ دير کان پوءِ هڪڙي آفيسر جي سامهون مون کي پيش ڪيو ويو، جنهن ڪڙاڪيدار آواز ۾ چيو، " عبدالواحد آريسر!" اهو آفيسر سي ايم ايچ کان پهتل ڪاغذ پڙهيو ويٺو هو. هن چيو تہ " ڪيا تڪليف هے ؟"

چيم: "بلڊ پريشر هاءِ آهي ۽ گردي ۾ پٿري اٿم."

هن چيو تہ، "بلڊ پريشر ٺيڪ هو جائے گا، جب گانڊ مين مرچون والا ڊنڊا ڪرين گے اور جب گردون پر لات مارين گے تب پٿهري ٽڪڙے ٽڪڙے هو ڪر نڪل جائے گي."

اتي بہ منهنجون اکيون ٻڌل هيون ۽ آءٌ پنهنجي معزز مخاطب جي شڪل ڏسي نٿي سگهيس. هن مون کي چيو تہ " وڃ اڄوڪي رات آرام ڪر، صبح جو تو سان خبرون ٿينديون."

مون چيو "ٿينڪ يُو سر!" آءٌ تہ هن وقت بہ خبرون ڏيڻ لاءِ تيار هئس.

تنهن کان پوءِ وري بہ مون کي ان هال ۾ وٺي آيا ۽ مانيءَ نالي ڪا شيءِ آڻي ڏنائون. اهو زندگيءَ ۾ شايد پهريون موقعو هو جو آءٌ ٻوڙ سجاڻي ڪونہ سگهيس تہ ڪهڙي شيءِ جو رڌل آهي. مون چوٿون حصو مانيءَ جو کاڌو ۽ قميص سان هٿ اگهي ويهي رهيس، تہ اوچتو ڪنهن ماڻهوءَ منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وجهي، ڪجهہ ٽپاسڻ جي ڪوشش ڪئي.

مون چيو تہ "ڇا ٿا ڪريو؟"

چيائين: " قميص مٿي ڪر بلڊ پريشر چيڪ ڪرڻ ٿا چاهيون."

مون قميص ٻانهن تان هٽائي، هن بلڊ پريشر ڏٺو ۽ سپاهين کي حڪم ڏنائين تہ " هن کي وٺي وڃو."

هو مون کي وري ساڳي وين ۾ ڪٽي روانا ٿيا. ان دوران ٽري نَڪُرَ جي ڏنل چادر مون کان ڦري چڪا هئا. ڊسمبر جو مهينو، سخت سردي ۽ منهنجي جسم تي صرف هڪ قميص هئي، ڇو تہ واسڪوٽي هو اڳ ۾ ئي مون کان ڦري چڪا هئا. مون وين ۾ ويٺل همراهہ کي چيو تہ منهنجي چادر ڪٿي آهي؟" سيني لا علميءَ جو اظهار ڪندي چيو تہ "اسان کي خبر ناهي." بهرحال وين ۾ ڪٽي مون کي روانا ٿيا. ڪيترائي موڙ ڪاٽي، وري بہ ان جاءِ جي ويجهو ٺهيل ڪجهہ سيلن مان

هڪ سيل ۾ مون کي بند ڪيو ويو.

ٻاهريون دروازو بند ڪرڻ کان پوءِ هڪ ڪارو ۽ بد زيبو ماڻهو منهنجيءَ ڪوليءَ جي سامهون دروازي تي آيو، ۽ حڪمي انداز ۾ مون کي چيائين ته، ”شلوار اتارو!“

مون هن کان پڇيو ته ”ڇو؟“ ته هن هڪدم ٻي سلوار مون کي ڏئي چيو ته، ”هيءَ پاءِ، ۽ پنهنجي سٿڻ مون کي ڏي.“ اهو انهيءَ ڪري ڪيو پئي ويو، جو منهنجيءَ سٿڻ ۾ اڳڻ پيل هو، ۽ هنن تصور ڪيو ٿي ته متان ان اڳڻ جي ذريعي آءٌ خودڪشي نه ڪري وٺان. مون کي جيڪا سلوار ڏني ويئي هئي، تنهن ۾ ٻارن جي ڪڇي ۾ پيل ربڙ جهڙو ربڙ پيل هو. انهن احمقن کي شايد اها خبر نه هئي ته اسين ماڻهو نه صرف پنهنجي زندگيءَ کي خوبصورت بنائڻ لاءِ جيئندا آهيون، پر ڪروڙها ماڻهن جي زندگيءَ کي خوبصورت بنائڻ لاءِ پڻ جيئندا آهيون، سي ڪيئن ٿا خودڪشي ڪري سگهون! پر پوءِ به پاڪستاني حڪمرانن (منهنجي نظر ۾ اصل حڪمران اهي ايجنسيون آهن) خوبصورت ۽ پياري زندگيءَ کي پنهنجن سيلن ۾ ايڏو ڪڙو ۽ ڪسارو بنائي ڇڏيو آهي، جو اتي ماڻهو، زندگيءَ کان وڌيڪ موت کي محبوب سمجهندو آهي.

بهرحال مون اها ربڙ واري سٿڻ پاتي. انهيءَ سٿڻ جي ساخت جي ڪري، مون کي سڄي رات ننڊ نه آئي. صبح جو سادي پنجين وڳي منهنجي ڪوليءَ جو در ڪليو ۽ هڪ تارا مسيح جي شڪل جهڙي ماڻهوءَ مون کي چيو ته، ” پٽي ٻانده ڪر ٻاهر آؤ!“ مون پٽي اکين تي ٻڌي،۽ ٻاهر آيس. هو مون کي ٻاٿ روم ۾ وٺي ويو. ڊسمبر جي سخت سرديءَ ۾ ٿڌي پاڻيءَ سان وهنجارپائين ۽ منهنجي توٿ پيسٽ ۽ برش مون کي آڻي ڏنائين، جنهن سان مون 18 آڪٽوبرَ کان 10 ڊسمبر تائين، هڪ مهيني ٽيرنهن ڏينهن ڪانپوءِ پهريون دفعو برش ڪيو. جيئن ته وهنجڻ کان پوءِ ٽوال نه مليو هو، ان ڪري آلي جسم تي ڪپڙا پائي ٻاهر آيس. هن مون کي ڪوليءَ ۾ بند ڪري شيو جو سامان آڻي ڏنو ته ڏاڙهي لاهيان. مون ڏاڙهي لاهڻ کان پوءِ چيو ته ”مون کي سگريٽ جي ضرورت آهي.“ هنن سگريٽ کان اڳ گيهه ۾ تريل اڦراٽو ۽ چانهه جو مگ آڻي ڏنو ته

نيرن ڪريو. اڦراتو مون واپس ڪيو، جو ان ۾ گيهه تمام وڌيڪ پيل هو، ۽ آءٌ بلڊ پريشر جو مريض هئس. انهيءَ ڪري مون چانهه پيتي ۽ سگريٽ پڻ، جيڪو مون کي خبر ناهي ته کهڙي برانڊ جو ڏنو ويو هو، پر مون کي ايڏو مزو ڏنائين، جيڏو جي ايم سيد جي هٿ کي چمي ڏيڻ ۾ ايندو آهي. ٿوري دير مس گذري ته مون کي ڪپڙن جو نئون استري ٿيل جوڙو آڻي ڏنائون، ته پاڻ. اهي ڪپڙا نه پاتم، پر آءٌ سمجهي نه پئي سگهيس ته هيءُ سڄو اهتمام جيئي سنڌ محاذ جي اڳوڻي چيئرمين جي اعزاز (Honour) ۾ ٿي رهيو آهي، يا چيف جسٽس ناصر اسلم زاهد جي بيباڪ قلم جو ڪرشمو آهي، يا سنڌ جي انهن بيوس نياڻين ۽ مائرن جي قرآن لوڏڻ جي مهابي هيءُ سڀ ڪجهه ٿي رهيو آهي.

بهر حال مون کي ٽارچر سيل جي ڪوٺيءَ مان ڪڍيو ويو ۽ اڪيون ڀڏي رات واري ٽارچرسيل هال ۾ آندو ويو. سڄو ڏينهن آءٌ اتي ئي ويٺو رهيس. ڏينهن واري ماني به مون کي اتي ئي کارائي ويئي ۽ ان کان پوءِ مون کي ڪورٽ بدران پي. اين. شفا ۾ وٺي ويا، جتي منهنجون هر قسم جون ٽيسٽون ڪيون ويون.

آءٌ مزيدار ڳالهه ٻڌايان ته جڏهن مون کي ايڪسري روم ۾ وٺي ويا ته اتي ٽيڪنيشن هڪڙو سنڌي ڇوڪرو هو. ان مون کي ڏسي منظور سولنگيءَ جو مشهور گيت ڳائڻ شروع ڪيو: ” فوج پوليس چوي، ڏاڙيل پيا ڳوليون!“ انهيءَ گيت ڳائڻ جي ڪري ڪيس ان روم مان ڪڍيو ويو. پوءِ بحريه جي ڪنهن مٿئين سطح جي آفيسر [مون کي آرمي ۽ بحريه جي عهدن جي خبرناهي هوندي] چيو ته ”هن جا گڙدا خراب آهن، اسين هن جو علاج نه ڪنداسين، توهان لاءِ بهتر آهي، ته هن کي سي ايم ايچ (C.M.H) حيدرآباد ۾ داخل ڪريو ۽ هن جو آپريشن ڪرايو.“ پوءِ چيائين ته ”هن جون اکيون ڪولينو، آئون هن جي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائڻ چاهيان ٿو.“ مون چيو ” ڊاڪٽر صاحب! آءٌ موت جي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائي سگهندو آهيان، پر توهان جيئڻ ته ڊاڪٽر آهيو ۽ زندگيءَ جا ضامن، ان ڪري مون ۾ اها توفيق ناهي ته حياتيءَ جي فرشتي جي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائي سگهان.“ منهنجي اها ڳالهه ٻڌي هن ٿڪ ڏئي منهنجي ڪلهي تي هٿ هنيو ته ”ياءَ! تون ناقابلِ

شڪست آهين.“ مون چيو ”ڊاڪٽر صاحب! ڪنهن جي لاءِ ناقابل شڪست آهيان؟ آءٌ تہ تو وٽ موت کي مات ڏيڻ آيو آهيان.“ ڊاڪٽر مون ڏانهن ڏسي چيو تہ ”زندگيءَ جي حقيقت ۾ ادب ڪونہ هلندو آهي. آئون وڃان ٿو، توهان بہ وڃو، توهان کي هي ڪجهہ نہ ڪندا،“ ۽ پوءِ وين ۾ چاڙهي، هو مون کي وري بہ سيل ۾ وٺي آيا. پهچڻ کان اڳ ۾ مون کي ٽارچر سيل ۾ وٺي ويا. اتي هڪ سپاهي آيو ۽ چيائين تہ ”اس بهن چوت کي مالش ڪرني هے کيا؟“ مون هن کي چيو تہ ”جنهن قسم جي گار تو مون کي ڏني آهي، ائين عملي طرح تنهنجي ڳوٺ ۾ ٿيندو هوندو. مون کي هي هتي ڇالاءِ وٺي آيا آهن؟ تہ جي علائقي جي ڏاڍي غلط ماڻهوءَ ۾ هٿ وڌو اٿن. هنن کي ڪجهہ بہ حاصل ٿي نہ سگهندو ۽ نہ ئي مون وٽ ڪجهہ آهي.“ پوءِ مون کي هو وري بہ سيل ۾ وٺي آيا.

هتي آءٌ هڪ ڳالهہ جي وضاحت ڪرڻ ٿو چاهيان تہ منهنجو ڇهون حواس نہ صرف سنڌ، پر پوري برصغير جي سياست جي باري ۾ تنبيهہ ۽ اظهار ڪندو رهندو آهي. ان جو هڪڙو مثال آءٌ توهان کي هتي ڏيندس:

1983ع ۾ منهنجو هڪ دوست سنڌ ڇڏي انڊيا پئي ويو. انهيءَ جي مانَ ۾ اسان الوداعي پارٽي ڏني هئي. ان ۾ تقرير ڪندي مون چيو هو تہ ”منهنجا دوست! انسانيت جي امن لاءِ ڏنل قربانيءَ تي تون گيندي جا گل ڪٺي مهاتما گانڌيءَ جي قبر تي رکجانءِ. جيڪڏهن اندرا گانڌيءَ سان تنهنجي ملاقات ٿي سگهي ٿي تہ ان کي چئجانءِ، سامراجي گولي تيزيءَ سان تنهنجي جسم ڏانهن وڌي رهي آهي.“ - ۽ واقعي 1984ع ۾ ائين ٿي ويو.

پوءِ بہ آءٌ ماڻهن ۽ عوام جي باري ۾ ڏاڍو پر اُميد رهندو آهيان. پر منهنجون اُهي اميدون ڪڏهن ڪڏهن خاڪ ۾ ملي وينديون آهن. سنڌ جا اهي ماڻهو جن کي آءٌ فولادي ماڻهو سمجهندو آهيان، سي پاڪستاني ايجنسين سامهون لومڙي ثابت ٿيندا آهن. ان ڪري آءٌ سمجهان ٿو تہ پاڪستان ۾ صحيح جمهوريت اچي نہ ٿي سگهي، جو ان جي راهہ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ انٽيليجنس ادارا آهن، جن تي

بيپناهہ پيسو خرچ ٿيندو آهي ۽ جنهن جو ڪوبہ حساب ڪتاب نہ ورتو ويندو آهي. ساڳي حالت هندستان ۾ بہ آهي. مون کي هينئر ياد ٿو اچي ”انڊيا ونس فريڊم“ (India wins Freedom) جي نئين ايڊيشن ۾ ابوالڪلام آزاد لکيو آهي تہ ”مذهبي منافرت جيڪڏهن آرميءَ ۾ مداخلت ڪري ويئي تہ پوءِ بر صغير ۾ ڪڏهن بہ امن قائم ٿي ڪونہ سگهندو، پر اها جنگ شايد هيرو شيما ۽ ناگاساڪيءَ واري جنگ ثابت ٿئي.“ مون پنهنجي قيد دوران محسوس ڪيو تہ جيتري منافرت پاڪستان جي ايجنسين ۾ هندستان جي خلاف آهي، اوتري اسرائيل ۽ آمريڪا جي خلاف فلسطين ۾ بہ ناهي - ۽ انهن ايجنسين کي شايد اها خبر ناهي تہ اڄ جي جنگ 1965ع يا 1971ع واري جنگ نہ هوندي. جنگ جي مخالفت آءُ ان ڪري ڪريان ٿو، جو جنگ جي هولناڪ شعلن جي زد ۾ سڀ کان پهرين مارئيءَ جو رئو ايندو، جيڪو هير جي گوڏ تائين پهچندي پهچندي، پنهنجو تاب وڃائي ڇڏيندو! انهيءَ ڪري آءٌ هندستان ۽ پاڪستان جي جنگ جي هميشه مخالفت ڪندو آهيان، ڪئي اٿم ۽ ڪندو رهندس.

ننگر جي دؤري تان موٽندي هڪ سنڌي رسالي کي مون انٽرويو ڏيندي، جنرل آصف نواز کي اپيل ڪئي هئي تہ، ” تون بر صغير جي ڌرتيءَ جو فرزند آهين ۽ برصغير جي ڌرتي توکان تقاضا ٿي ڪري تہ تون ابن قاسم جو وارث نہ ٿيءُ، راجا پورس جو وارث ٿيءُ. ان ڪري جو پنجاب جي ڌيءُ جي عصمت پورس جي وقت بہ اهائي هئي، اڄ بہ اهائي آهي.“ پر مون کي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي تہ مون جنهن رسالي کي اهو انٽرويو ڏنو هو، ان مان اهي لفظ ڪاتيا ويا هئا.

بهر حال اهڙي طريقي سان ڏينهن گذرندا ويا. هاڻي اسان جي اکين تان پٽيون کولي اسان کي هڪڙيءَ ڪڏيءَ نما سيل ۾ بند ڪيو ويو. جڏهن بہ پيشاب ڪرائڻ يا وضوءَ ڪرائڻ لاءِ وٺي ويندا هئا، ان وقت سيني سيلن جا دروازا بند ڪري قيديءَ جي اکين تي پٽيون ٻڌي، غسل خاني ۾ وٺي ويندا هئا. واپسيءَ تي بہ ساڳي ڪار ڪئي ويندي هئي، تہ جيئن اسين هڪٻئي کي ڏسي نہ سگهون، نہ ئي انهيءَ جاءِ جو محل وقوع ذهن ۾ ويهاري سگهون. اهي سيل جيئن تہ آفيسن کان پري

هئا، ان ڪري جڏهن پيچا ٻاچا يا ٽارچر ڪرڻ لاءِ وٺي ايندا هئا، تڏهن ڪارن شيشن واريءَ گاڏيءَ ۾ ويهاريندا هئا ۽ اکين تي پڻ پٽي ٻڌندا هئا.

اهو عمل مهينن تائين هلندو رهيو. هڪ رات تقريباً ڏهين مارچ واري رات هئي، مون کي سڄي رات اوجاڳو ڏيئي ويهاريو ويو ۽ صبح جو سوير پيچا ٻاچا ڪندڙ آفيسر وٽ وٺي ويا. جنهن مون کي چيو ته ”آريسر! آءٌ ميجان ٿو ته تون سياسي ماڻهو آهين، ۽ ڏاڍو مضبوط- پر ڳالهه صحيح ٻڌاءِ ۽ اسان کي تشدد ڪرڻ تي مجبور نه ڪر!“ مون چيو ته، ”جناب! آءٌ سياسي ماڻهو ضرور آهيان، پر هڏڪاٺ جو مضبوط نه آهيان. مختلف بيمارين ۾ جڪڙيل آهيان. مون کي جيڪي ٻڌائڻو هو، آءٌ ٻڌائي چڪو آهيان. آءٌ ڪي ڪوڙيون ڳالهيون ٺاهي، نه پاڻ کي بچائڻ ٿو چاهيان ۽ نه ئي توهان کي گمراهه ڪرڻ چاهيان ٿو. توهان ڏاڍا ذهين آفيسر آهيو، برصغير جي هر گوشي ۾ ٿيندڙ حرڪت تي توهان جي گهري نظر هوندي آهي. ان ڪري آءٌ نه ٿو سمجهان ته ملڪ جي خلاف ٿيندڙ ڪا سازش توهان جي تيز نظرن کان ڳجهي رهندي هوندي.“ تنهن تي هن مون کي چيو ته ”اهڙي به ڪا ڳالهه ڪانهي. پيا به آفيسر آهن، ۽ اسان جڙتو ڳالهين جي ڪري گمراهه ٿيڻ وارا ناهيون، ۽ اسين ماڻهوءَ جي ڳالهائڻ مان ئي سمجهي ويندا آهيون ته هي ڪوڙ ٿو ڳالهائي يا سچ!“ ايئن چئي هن سنتريءَ کي چيو ته ”هن کي واپس وٺي وڃ.“ سنتري مون کي واپس اُن هال ۾ ڇڏي ويو، جنهن ۾ مون رات جاڳي گذاري هئي. ڪجهه دير بعد وري ساڳيو سنتري آيو ۽ مون کي غسل خاني ۾ وٺي ويو، جتي هن مون کي شيو جو سامان ڏنو ته ڏاڙهي لاهِي وٺ! مون ڏاڙهي لاٿي ته مون کي ڪپڙن جو ڏوتل وڳو آڻي ڏنائين، ۽ چيائين ته، ”هي پاءِ! وارن کي تيل هڻ ۽ هن ڦڻيءَ ذريعي وارن کي بلڪل ائين سيٽ ڪر جيئن ٻاهر ڪندو هئين.“ مون سندس سيني هدايتن تي عمل ڪيو- ۽ اکين تي پٽي ٻڌي وري به ساڳئي هال ۾ ويهاريو ويس. تقريباً يارهين وڳي سنتري آيو ۽ ڏاڍي مهذب لهجي ۾ چيائين: ”جناب چلين!“ آءٌ اٿيس. هو مون کي هڪ آفيسر وٽ وٺي آيو. آفيسر صاحب منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ ڪنهن طرف هلڻ لڳو. واٽ

تي مون ڪان پڇيائين، ”آپ ڪس سے ملنا پسند ڪرين گے؟“ مون چيو ”نہ!“ چيائين تہ ”آخري خواهش؟“ مون چيو تہ، ”ڪا بہ ڪانهي.“

ٻهر حال هو، مون کي گھليندو گھليندو، هڪ ڪمري جي پرسان پهتو. اتي هن منهنجون اکيون کوليون ۽ مون کي ڪمري ۾ وٺي هليو. اتي هارون کي صوفي تي ويٺل ڏسي، منهنجا تاڪ لڳي ويا. مون سمجهيو تہ منهنجي پاڻ کي گرفتار ڪري وٺي آيا آهن، ۽ ان سان گڏ خبر ناهي ڪيترن کي بہ پر هارون پنهنجي روايتي مرڪ سان اُٿي، مون کي ڀاڪر وڌو. تڏهن مون سمجهيو تہ منهنجو پهريون انديشو غلط هو. هو واقعي بہ منهنجيءَ ملاقات تي آيو هو. جيڪو آفيسر مون کي وٺي آيو هو، سو بہ اتي ويٺو رهيو ۽ اسين ٻئي ڀائر خاموش رهياسين- هن آفيسر چيو تہ ”ڪجهہ ڳالهايو، وقت محدود آهي ۽ وري ملاقات ٿئي نہ ٿئي. ڪجهہ گھر ٻار جون ڳالهيون ڪريو.“ ان تي هارون کان مون پُڇيو تہ ” پنهنجي مرچن جو فصل ڪيئن ٿيو، ۽ مرچن جو اگهہ اڄڪلهہ ڪيئن آهي؟“ هارون چيو، ”سڀ مرچ ڪُل ٽيهہ مڻ ٿيا ۽ آخري اگهہ هزار روپيا رهيو“ . اسان سنڌيءَ ۾ پئي ڳالهايو ۽ آفيسر پناڻ هو، جنهن کي مون اردوءَ ۾ ٻڌايو: ”اسان وٽ مرچن جو فصل ڏاڍو سٺو ٿيندو آهي ۽ ايشيا جي وڏي ۾ وڏي مرچن جي مارڪيٽ اسان جي ضلعي ۾ ڪُنري شهر ۾ آهي.“ هن چيو تہ ”ڏاڍي سٺي ڳالهہ آهي، پر ڪجهہ توهان گھر ٻار جي باري ۾ ڳالهايو.“ اتي مون هارون کان پهريون سوال ”اندوءَ“ جي باري ۾ پڇيو، ۽ منهنجون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي آيون، ۽ مون لڙڪن کي ضبط ڪندي، محبت ۽ درد جي انهن موتين کي پنهنجي ماڻڪين مان هيٺ ڪرڻ ڪونہ ڏنو، ۽ چيم تہ، ”هن کي شيءِ شڪل وٺي ڏيندو آهين؟“ هارون چيو تہ ”هر شام ڪيس شيءِ وٺي ڏيندو آهيان.“ ٻيو سوال ڪيم تہ ”ساجن ۽ گلشن ڀاڀيءَ کي ماستري ملي يا نہ!؟“ هارون چيو ”ساجن کي تہ ڪانہ ملي، باقي گلشن جي مون کي خبر ڪانهي.“

ايتري ڳالهائڻ کان پوءِ گھنٽي وڄائي، اردليءَ کي گهرائي، اُن کي آفيسر سٺي قسم جي چانهہ جو آرڊر ڏنو ۽ گولڊ ليف جو پاڪيٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماچيس سميت ٽيبل تي رکيائين، ۽ چيائين: ”چانھ پيئو ۽ ضرورت آھر گولڊليف جو پورو پاڪيٽ به پي سگھو ٿا. آءُ وڃان ٿو، ان ڪان اڳ ۾ ايترو ضرور چوندس ته پڇا ڳاڇا سان منهنجو واسطو ناهي، پر جيڪي توکان پڇا ڳاڇا ڪن ٿا، تن کي سچ سچ ٻڌائجان، جو ته اهو سچ شايد تنهنجيءَ آزاديءَ لاءِ مددگار ثابت ٿئي، جو ته هتي ڪا به رشوت يا سفارش نه هلندي آهي.“ مون چيو ته ”رشوت ڏيڻ جي مون ۾ توفيق ئي ڪانهي، آءُ غريب ماڻهو آهيان ۽ سفارش جو مون وٽ ڪو ذريعو ئي ڪونهي.“ هن چيو ته ”اهو مڃڻ لاءِ آءُ تيار ناهيان ته تون غريب آهين، جو ته هندستان جي انٽر نيشنل ايئرپورٽ تي جڏهن تون لٿو هئين، ان وقت سوين عورتون ۽ مرد تنهنجي استقبال لاءِ موجود هئا- ۽ جڏهن تون ڊاڪٽر نجيب جي دعوت تي افغانستان ويو هئين، ته ڊاڪٽر جا خاص نمائندا تنهنجي استقبال لاءِ ايئرپورٽ تي موجود هئا.“ مون چيو ته ”اهو سڀ ڪجھ منهنجي ذهني شاهوڪاريءَ جو نتيجو هو، نه ڪي مادي خوشحاليءَ جو.“ هن چيو ته ”سچ ڳالهائجانءِ، جو ته منهنجي خيال ۾ تو ڪو به جرم ناهي ڪيو، ۽ جيڪي الزام تو تي هنيا پيا وڃن، سي به منهنجي نظر ۾ جرم ناهن. چڱو آءُ هلان ٿو. توهان ٻئي پيائر گھر جون ڳالهيون اڪيلائيءَ ۾ ڪري سگھو ٿا.“ ائين چئي هُو هليو ويو ۽ هن جي وڃڻ ڪان پوءِ مون هارون کي ٻڌايو ته ”آءُ اڄوڪي رات اوجاڳي جي حالت ۾ بينل رهيو آهيان، ۽ مون کي دڙڪا به ڏنا اٿن ته تون تسليم ڪر ته آئون انڊيا جو ايجنٽ آهيان، ۽ مون هندستاني جاسُوسن کي امرڪوٽ ۽ ان جي پرپاسي جون حساس جايون ڏيکاريون آهن. جيڪڏهن تون اقرار نه ڪندين ته اسين تنهنجيءَ ڳُڇيءَ ۾ مرچن وارو ڏنڊو ڪنداسين، بجليءَ جا شاڪ به هٽنداسين ۽ اذيت جو ٽيون طريقو به آهي، بجليءَ جي باھ جي ذريعي انساني جسم کي ساڙڻ ۽ ڳارڻ جو- اهي سڀ شيون استعمال ڪنداسين-“ ۽ بيون به ڪجھ ڳالهيون مون دوستن جي حوالي سان هن کي ٻڌايون- ۽ بقول هارون جي ته نورالدين سرڪي صاحب چيو آهي ته ”جيڪي ڪجھ وهيو واپريو آهي، سو اچي مون کي ٻڌائجان.“ ڪيس چيم ته ”اهي ڳالهيون حرف به حرف نورالدين سرڪيءَ کي ٻڌائجانءِ ۽ اهو پڻ چئجانءِ ته آءُ تنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڳهان ٿو.“ هن چيو تہ ”ڪهڙي ضرورت آهي؟“ مون چيو تہ ” آءُ بيمار آهيان ۽ ايمرجنسيءَ ۾ ڪنهن دوا جي ضرورت پئجي سگهي ٿي، جو تہ ان حالت ۾ اوهان جي لکپڙهہ ايترو وقت وٺندي آهي، جنهن دوران يا تہ آءُ مري ويندس يا اها بيماري ختم ٿي ويندي. ٻيو سبب اهو آهي تہ ٻاهر آءُ ڪنهن اوچي برانڊ جي سگريٽ جو عادي هئس ۽ هتي جيڪي سگريٽ مون کي ڏنا ٿا وڃن، سي منهنجو ڊرائيور بہ نہ پيئندو آهي.“ آفيسر ان تي وراڻيو تہ ”سگريٽ توهان کي اهي ئي ملندا، جيڪي ڪوٽا مطابق منظور ٿيل آهن، باقي بيماريءَ جي حالت ۾ اسان جو عملو هر وقت چاڪ ۽ چؤبند رهندو آهي. ان ڪري توهان علاج جي معاملي ۾ بي فڪر رهو. ۽ پيسا جمع ڪرائڻ نہ ڏينداسين.“ موڪلائڻ وقت هارون مون کي چيو تہ ”تنهنجو دوست وڏيرو عبدالواحد سومرو گذاري ويو آهي.“ هو سدائين مون کي نالي ڀائي ڪري سڏيندو هو، ۽ وسڪيءَ جي عادت بہ ان ئي مون ۾ وڌي هئي. آءُ جڏهن بہ جيل مان ڇٽي ڳوٺ ويندو هئس تہ سواري نہ ملڻ جي صورت ۾ ٽريڪٽر تي بہ چڙهي ڳوٺ ملڻ ضرور ايندو هو. مون کي عبدالواحد سومري جي گذاري وڃڻ جو ڏاڍو ڏک ٿيو. مون هارون کي چيو تہ ”تون منهنجي پاران سندس پٽن سان تعزيت ضرور ڪجانءِ.“ هارون چيو تہ ”آءُ بہ ڏينهن لاڳيتو سندس تڏي تي ويهي آيو آهيان.“ ان تي مون کيس چيو تہ ”اهو تہ تون راجوٽي دستور مطابق ويو هوندين، پر هن دفعي منهنجي طرفان وڃجانءِ.“ ايتري ڳالهائڻ کان پوءِ اسان موڪلايو ۽ منهنجي اکين تي پٽي ٻڌي، مون کي وري بہ ان هال ۾ ويهاريو ويو.

هن موقعي تي آءُ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس محترم ناصر اسلم زاهد کي بہ وساري نٿو سگهان، جنهن ان ڏينهن ڪورٽ ۾ پيش ٿيندڙ اعليٰ اداري جي فرد کي چيو هو تہ ”توهان هن ڪورٽ ۾ اهو بيان ڏنو آهي تہ اسان عبدالواحد آريسر تي ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻ چاهيون ٿا؟“ جنهن تي منهنجي وڪيل مسٽر نور الدين سرڪيءَ چيو تہ ”سائين! آءُ هتي اهڙو مواد پيش ڪرڻ چاهيان ٿو، جنهن مطابق ڪنهن بہ سول ماڻهوءَ جو ڪورٽ مارشل نٿو ٿي سگهي.“ ان تي چيف جسٽس چيو تہ: ”آءُ ٻنهي ڌرين جا دليل نٿو ٻڌڻ چاهيان، مون وٽ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهريءَ جي زندگيءَ جو مسئلو اهم آهي! آيا قيديءَ سان سندس مائٽن جي ملاقات جي ائڊووڪيٽ جنرل اجازت ڏئي ٿو يا نه؟ اگر نٿو ڏئي ته آءٌ هن جي خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪندس، ۽ ڊفينس سيڪريٽريءَ کي ڪورٽ ۾ طلب ڪندس." ان تي ايڊووڪيٽ جنرل چيو ته! "سائين! اسان مائٽن کي ملاقات کان ڪڏهن به انڪار ناهي ڪيو. سندس پاڻ هن سان ملاقات ڪري سگهي ٿو." اُن بعد چيف جسٽس حڪمنامو جاري ڪيو ۽ چيف جسٽس صاحب جي انهيءَ ئي حڪم نامي تحت ٿي هارون مون سان ملاقات ڪئي هئي- ۽ منهنجي ٻڌايل حقيقت جي بنياد تي هن سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ قسم نامو داخل ڪيو هو. منهنجيءَ سمجهه مطابق اها تاريخ ڏهين ڊسمبر هئي، جنهن تي اسين ٻئي پاڻ ملي هئاسين، ۽ اُن موقعي تي مون اهو سمجهيو هو ته اها اسان جي آخري ملاقات آهي. ملاقات ڪانپوءِ هن منهنجي اکين تي پٽي ٻڌي، مون کي هال ۾ ويهاريو. شام جو پنجين بجي تائين آءٌ اتي ويٺو رهيس ۽ پوءِ هو مون کي منهنجي سيل ۾ وٺي ويا. جيڪو اهڙين حالتن ۾ اسان لاءِ فرينچ بيڊ کان به بهتر هو. جنهن ۾ هينان هڪ ٽوٽري وڇايل هئي، اُن جي مٿان هڪ ڪمبل ۽ فراسي ۽ وهاڻي جي جاءِ تي بدبوءِدار ڪپهه جو هڪ ڳوٿرو! اتي سيل ۾ اڪيلي هئڻ ڪري ڪنهن سان به گفتگو نه ٿي سگهندي هئي، پاڻي به اشارن سان گهربو هو ۽ ماني وقت تي، هو پاڻهي ڏئي ويندا هئا.

چوويهين ڊسمبر تي هنن مون کي وري تحقيقاتي سيل ۾ گهرايو ۽ پڇا ڳاڇا شروع ڪئي وئي. جنهن ۾ اهو سوال اهم هو ته "تون انڊيا گهڻا دفعا ويو آهين؟" مون کين ٻڌايو ته "ٽي دفعا."

پهريون دفعو 1973ع ۾ غيرقانوني طرح- ڀُٽي جي حڪومت جي سختيءَ کان گهٻرائجي مون ۽ منهنجي دوست علڻ خان ٽيبي بارڊر ڪراس ڪيو هو. پر بارڊر ڪراس ڪرڻ شرط اسان کي گرفتار ڪيو ويو، ۽ هڪ آفيسر اين. ايس ڀاٽي جي حوالي ڪيو ويو، جيڪو اسان کي اکين تي پٽي ٻڌي ٻاڙمير ڪٽي ويو هو. اتي اسان هن کي چيو ته " اسين جي ايم سيد جا نمائندا آهيون، ۽ آزاد سنڌو ديش لاءِ جدوجهد ڪريون ٿا. اسان ٻئي ڀُٽي جي حڪومت کي گهربل اهم ماڻهو آهيون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪري اسان سياسي پناهہ لاءِ هندستان آيا آهيون. توهان کي جيڪڏهن يقين نٿو اچي تہ برصغير جي آزاديءَ جي تحريڪ جي هڪ اهم ڪردار، فريڊم فائيٽر مسٽر ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کان، جيڪو بمبئيءَ ۾ رهي ٿو، اسان جي نالن ۽ نظرين جي تصديق ڪري سگهو ٿا.“ اسان کي اها بہ خبر هئي تہ سائين جي ايم سيد جو دوست لڇمڻ سنگهہ سوڍو بہ ٻاڙمير ۾ رهي ٿو، پر جيئن تہ هو فريڊم فائيٽر نہ هو، ۽ ساڳئي وقت 1971ع واري جنگ جو شرنارٿي بہ هو، ان ڪري اسان هن جو نالو نہ ڪنيو. هنن اسان کي هڪ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري اڪين تان پٽي کولي، ۽ هفتي تائين اسان ان حالت ۾ رهياسين. ان وچ ۾ هنن مسٽر ڪيرت ٻاٻاڻيءَ سان رابطو ڪري ورتو، ۽ نتيجي طور اسان تان سختي ختم ٿي ويئي. پوءِ بہ مسٽر ٻاڻيءَ چيو تہ ”جيتوڻيڪ توهان جي نظرين ۽ تحريڪ جي باري ۾ اسان کي مسٽر ڪيرت ٻاٻاڻيءَ سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ بہ اسين شملہ ناهہ تحت مجبور آهيون ۽ پاڪستان جي ڪنهن بہ فريڊم فائيٽر کي پاڻ وٽ رهائي نٿا سگهون. سياڻي آءٌ توهان کي ڪليل جيپ ۾ ويهاري هندستان جو هيءُ مختصر ٽڪرو ڏيکاريندي، باڏر تي ڇڏي ايندس. وڏيڪ اوهان جي قسمت.“ ٻئي ڏينهن هن اسان کي واعدي مطابق باڏر تي جيپ ذريعي پهچايو. مون کي اهو منظر اڃا تائين ياد آهي. سج لهڻ تي هو، ان جي لالاڻ سڄي راجستان تي ڦهلجي ويئي هئي. اسان جي چوڌاري سنڌ جو ٻيو نمبر خوبصورت جانور هرڻ، ٽولين جي صورت ۾ هلي رهيو هو. اسان اهو منظر سدائين لاءِ پنهنجي ذهن ۾ قيد ڪري ڇڏيو، ۽ الله جو نالو وٺي باڏر ڪراس ڪيو- ۽ وري اچي جالو چٺونري جي ريلوي اسٽيشن تان ريل ۾ سوار ٿياسين. ڪراچيءَ پهچي، علڻ خان ٽيبي، سائين جي ايم سيد کي چيو تہ ”هندستان ۾ تنهنجي راهي پوڪي ڏسي آياسين، هاڻي ٻڌاءِ تہ ڇا ڪريون؟“ سائينءَ چيو تہ علڻ خان وڃي سن ويهي ۽ آريسر نئين سنڌ پريس ڪراچيءَ جو ڪنٽرول سنڀالي- ۽ اسان ٻنهي سائينءَ جي حڪم موجب ائين ئي ڪيو.

ٻيو دفعو آءٌ انڊيا ”لطيف سيمينار“ ۾ شرڪت لاءِ پاسپورٽ ذريعي ويو هئس، جتي آئون ستاويهہ ڏينهن رهيس. ڪجهہ ڏينهن دهليءَ

۾، ڪجهه ڏينهن بمبئيءَ ۾ ۽ ڪجهه ڏينهن باڙمير ۾ پنهنجن مائٽن وٽ، جنهن جي باقائدي ويزا مليل هئي.

ٽيون دفعو آءٌ افغانستان جي صدر نجيب الله جي دعوت تي افغانستان ويو هئس، پر جيئن ته افغانستان ۽ ڪراچيءَ وچ ۾ هوائي پروازون بند هيون، ان ڪري وايا دهليءَ وڃڻو پيو. افغانستان آءٌ ان لاءِ ويو هئس، جو منهنجي دوست محمود خان اچڪزئيءَ جي والد عبدالصمد خان شهيد جي ورسي هئي. ان ورسيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ کان پوءِ ٽي ڏينهن مون کي دهليءَ ۾ ترسڻو پيو، جو ڪنهن به فلائيٽ ۾ سيٽ نه پئي ملي."

ان تي آفيسر چيو ته "توهان پاڪستان کان سواءِ صرف ٻن ملڪن جو دؤرو ڪيو آهي، جيڪي ٻئي پليٽ ملڪ آهن."

مون مذاق ۾ کيس چيو ته "هاڻي گهٽ ۾ گهٽ افغانستان ته پليٽ نه رهيو آهي، ڇو ته اتي گلبدن حڪمت يار پهچي چڪو آهي."

مون کان پڇيو ويو ته "ڊاڪٽر نجيب سان تنهنجي ملاقات ٿي؟"

مون چيو ته: " ڪنهن جي شخصي وجاهت کان جيڪڏهن آءٌ متاثر ٿيو آهيان، ته اُهي دنيا ۾ پهريون نمبر جمال عبدالناصر، ۽ ٻيو نمبر ڊاڪٽر نجيب آهن."

هن پڇيو: "ڊاڪٽر صاحب توهان کي ڇا چيو؟"

مون چيو ته ، "جيئن ته وضع جو قائل آءٌ هئس، ان ڪري مون هن کي سڀ کان پهرين شاهنواز تنائيءَ جي بغاوت کي ڪچلڻ تي منهنجي ليڊر، سائين جي ايم سيد طرفان مبارڪون ڏنيون ۽ کيس مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي پيشنگوئي ٻڌايم، جنهن ۾ هن چيو هو ته مزدور ۽ ڪچليل طبقي جي حڪومت آءٌ روس ۾ ڏسي آيو آهيان، اها جلد ئي ڏکڻ ايشيا جو رخ ڪندي ۽ ان جو پهريون ٽارگيٽ افغانستان هوندو. اهي لفظ مولانا صاحب 1943ع ۾ چيا ها، اڄ اسان فرش تي سمهندڙ هڪ فقير جي پيشنگوئيءَ کي عملي روپ ۾ ڏسي رهيا آهيون – ۽ آخر ۾ فارسيءَ جو هيءُ شعر پڙهيو هوم ته:

عمرت دراز باد ڪه تا دؤرِ مشتري،
ما از تو برخوريم وتو از عمر بر خوري.

يعني: ”تنهنجي عمر ايتري ڊگهي ٿئي، جيتري مشتري ستاري جي آهي، تہ جيئن اسين تنهنجي جدوجهد مان لاڀ پرائيندا رهون، ۽ تون پنهنجي عمر مان لاڀ پرائيندو رهين.“

انهيءَ شعر تي مون پنهنجي فارسيءَ ۾ ٿيندڙ گفتگو ختم ڪئي، ۽ ٻئي ڪنهن جي ڳالهائڻ کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب پشتو ۾ ڳالهائڻ شروع ٿيو، جيتوڻيڪ کيس خبر هئي تہ آءٌ فارسي سمجهان ٿو. هن ابتدا ۾ فارسيءَ جو هڪڙو شعر پڙهيو، جنهن جو مطلب هو تہ ”بي همت ماڻهو ٻين جي ناهيل واٽن تي هلندا آهن، ۽ باهمت ماڻهو پنهنجا رستا پاڻ ناهيندا آهن.“ پوءِ چيائين: ” سڄيءَ سنڌ ۾ پنهنجي واٽ ۽ رستو ٺاهڻ وارو هڪڙو ئي ماڻهو آهي، جي ايم سيد- جنهن کي شايد ياد نہ هجي، پر آءٌ ڪوئيٽا ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪيترا ئي دفعا ساڻس ملي چڪو آهيان. اڪثر سنڌ جا سياستدان بہ اسان جي پنهنجي سياستدانن وانگر مادرِ وطن سان غداريون ڪندا رهيا آهن. پر انهن غدارن، بي وقوفين گهٽ ڪيون آهن، پر بي نظير ٻنهي سڀ کان وڏي بيوقوفي اها ڪئي آهي، جو اسٽيبلشمنٽ ۽ آرميءَ جي چوڻ تي هن اقتدار قبول ڪيو آهي.“ ان تي اسان جي وفد ۾ شامل هڪ پنجابي مسٽر عبدالرحيم چيو تہ، ”جيڪڏهن بينظير هنن جي شرطن تي اقتدار قبول نہ ڪري ها، تہ هن جي پارٽيءَ جا ماڻهو پي پي کي ڇڏي، اقتداري ڌر ۾ شامل ٿي وڃن ها.“ ان تي ڊاڪٽر صاحب انتهائي ڪاوڙ ۾، اردوءَ ۾ ڳالهايو ۽ چيائين، ”لعنت هو ايسي پارٽي اور ايسے ميمبرون پر، جن کے ضميرون کي حالت يہ هے!“

منهنجي انهيءَ ڳالهائڻ کان پوءِ هنن مون کان پڇيو تہ، ”ڪابل ۾ گهٽا ڏينهن رهئين؟ “

مون چيو تہ ؛ ”ست ڏينهن - ۽ انهي عرصي دوران هنن ڪابہ بد ديانتي ڪانہ ڪئي. جنرل شاهنواز جي بغاوت دوران جن جاين کي نقصان پهتو هو، مون کي اهي جايون ڏيکاريائون، جن ۾ ڪابل جو عجائب گهر، وزارت دفاع جي عمارت، ۽ خان عبدالغفار خان جي جلاوطنيءَ دوران رهائش گاهہ بہ هئي، جنهن کي بغاوت دوران تباهہ ڪيو ويو هو.“

هڻ مون کان پڇيو ته ” نجيب جو جنگ جي باري ۾ نقطئه نظر ڇا هو؟“

مون کين ٻڌايو ته ” اهو سوال مون ڊاڪٽر صاحب کان ڪيو هو. ان جا هن مون کي ٻه جواب ڏنا هئا. هڪ اهو ته ڪابل جا رستا وچي ڏس، جن رستن جي چوراهي تي هڪ ٻار جي تصوير تنگيل هئي، جنهن جي هيٺان لکيل هيو: ”جنگ بس است“ ۽ – ٻيو هن چيو ته باغين کي جيڪڏهن خوش فهمي هجي، ته عوام ساڻن گڏ آهي، ۽ نجيب اڪيلو آهي ته يلي اقوام متحده جي نگرانيءَ ۾ ايئن اليڪشن ڪرائي وڃي، جيئن نڪارا گوا ۾ ٿي هئي، ته آءُ اُن لاءِ تيار آهيان، ڇو ته آءُ افغانستان کي بارود جو ڍير بنائڻ نٿو چاهيان.“

مون ڀيچا ڳاچا ڪندڙ آفيسر کي اهو به ٻڌايو ته ” موڪلائڻ وقت مون نجيب کي اجرڪ پيش ڪئي، ته هن پروٽوڪول تحت اها اجرڪ هٿ ۾ وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ته مون ڊاڪٽر صاحب کي چيو: ”اين روايت مانيست.“ هن ٺهڪ ڏيندي چيو ته ” دستوري مجلس ختم ٿي چڪي آهي. آءُ اردو سٺي ڳالهائي سگهندو آهيان ۽ هاڻي اردوءَ ۾ ڳالهائيندا سين.“ مون کيس اردوءَ ۾ چيو ته ” اسين اجرڪ هٿ ۾ نه ڏيندا آهيون، پر ڪلهن ۾ پارائيندا آهيون.“ هاڻي عجيب صورتحال پيدا ٿي ويئي، ڇو ته منهنجو قد پنج فوٽ ٻه انچ ۽ ڊاڪٽر صاحب جو قد ڇهه فوٽ اٺ انچ، ان ڪري اجرڪ پائڻ لاءِ هن پنهنجو ڪنڌ هيٺ جهڪايو ۽ مون اجرڪ سندس ڪلهي تي رکي – ۽ دل ۾ سوچيم ته جيڪو ماڻهو پاڪستاني حڪمرانن ۽ آمريڪي فاشسٽن جي سامهون نٿو جهڪي سگهي، سو سنڌ جي ڪلچر جي اڳيان جهڪي پيو آهي.“

ان بعد هڻ مون کان پڇيو ته ” واپسيءَ ۾ دهليءَ ۾ گهٽا ڏينهن رهئين؟“

مون کين چيو ته ”هڪ ڏينهن.“

”ويزا گهٽا ڏينهن جي هئي؟“

چيم ته، ”ٽن ڏينهن جي.“

” ان جو سبب ڇا هو، جو هڪ ڏينهن هئين، جڏهن ته ويزا ٽن ڏينهن جي هئي؟ “

پڇا ڳاڇا جو سلسلو شروع ڪيائون. سر فهرست جي ايم سيد جي سياسي جدوجهد هئي. ان ڪري مون هنن کي چيو ته جي ايم سيد جي سرگذشت ٻڌائڻ لاءِ جيترو وقت درڪار هجي، انهيءَ وقت کي لاءِ لائق يا ڪارائتو بنائڻ لاءِ ضروري آهي ته مون کي سگريٽ ڏيو. بهر حال مون کي ٽري فائيوَ جو سگريٽ ڏنو ويو ۽ مون سيد جي سموري سياسي سرگزشت هنن کي ٻڌائي، بنا ڪنهن مبالغي، مصلحت يا ڪوڙ جي.

تنهن کان پوءِ هنن مون کان دودي مهيريءَ جي باري ۾ پڇيو — مون کي ان وقت تائين خبر نه هئي ته دودو مهيري گرفتار ٿي چڪو آهي. مون کين چيو ته ”دودو مهيري جنهن پارٽيءَ ۾ شامل آهي، ان سموري پارٽيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو شريف ۽ سياسي ماڻهو آهي ته اهو فقط دودو آهي. بلڪ آءٌ ته چوندس ته مون سميت اوهان جو جيترن به سياسي قيدين سان واسطو پيو آهي، دودو انهن سڀني کان وڌيڪ شريف ماڻهو آهي.“

تنهن تي هڪڙي آفيسر مون کان پڇيو ته،” جيڪڏهن دودو ايترو ئي شريف آهي، جيترو تون ٿو چوين ته پوءِ هو توکي ڇڏي لوفرن جي پارٽيءَ ۾ ڇو وڃي شامل ٿيو آهي؟“

مون ڪيس وراڻيو ته ”اسان سياسي ڪارڪن، ۽ عورتن جي هڪڙي ڪمزوري آهي، اُها آهي گاڏي- جيئن ته ان جو انتظام آءٌ نه ٿي ڪري سگهيس، ان لاءِ هو مون سان هلي نه سگهيو.“

ميجر وچ ۾ ٽوڪيندي مون کي چيو ته ”ائين ڇو نٿو چوين ته سياستدانن جي ڪمزوري عورت ۽ گاڏي آهي.“

مون چيو ته ”اهو ان ڪري نٿو چوان، جو پوءِ انهيءَ مفروضي جي زد ۾ جناح، گانڌي، غفار خان ۽ ابوالڪلام آزاد به اچي سگهن ٿا.“

تنهن تي هن چيو ته ”آپ هر موقعے پر هماري ڪمزور زگ ڪيون پڪڙ ليتے هين. اور جناح اور گاندهي ڪو ڪيون ملا ديتے هين؟“

مون چيو ته ”اس ليے ڪه دونون وڪيل اور دونون گجراتي تهے.“

منهنجي انهيءَ جواب کان پوءِ هنن مون کي ڇڏيو، ۽ سپاهين کي حڪم ڪيائون ته هن کي سيل ۾ ڇڏي اچو.

ان دوران منهنجي طبيعت ڏاڍي ڪري چُڪي هئي. بلڊپريشر وڌي ويو هو، ڳڙدي ۾ سور رهڻ لڳو هو، ۽ ننڊ به گهٽ اچڻ لڳي هئي. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورتحال کي نظر ۾ رکندي، ڪو وڏو آفيسر منهنجي طبيعت ڏسڻ ايو. آءُ ڪوليءَ جي در جي سامهون ٿي بيٺس. هن مون کي چتائي ڏٺو، اسلام عليڪم چئي هٿ ملايائين ۽ ماتحت کي چيائين ته " هن کي دوا در مل به ڏيندا آهيو؟"

هن چيو: "ها سائين! ڊاڪٽر هن کي ڏينهن ۾ ٻه دفعا چيڪ ڪندو آهي."

ان تي آفيسر چيو ته، "مون هن جي بيماري سڃاتي آهي، هن کي پڙهڻ لاءِ ڪجهه ڏيو."

هن چيو ته "ها سائين!"

ان آفيسر جي وڃڻ کان پوءِ مون کان پڇيو ويو ته "ڇا پڙهڻ پسند ڪندين؟"

مون چيو ته: "مون کي في الحال ٻه شيون ڪپن. مولانا ابوالڪلام آزاد جو تفسير "ترجمان القرآن" ۽ "شاهه عبداللطيف جو رسالو."

ان وقت هنن واعدو ڪيو ته اهي ٻئي شيون آڻي ڏيندا، پر ٻئي ڏينهن چيائون ته "اهي ٻئي شيون اسان کي بازار ۾ نٿيون ملن."

مون کين چيو ته "هاڻي توهان پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪتاب آڻيو."

ٻئي ڏينهن مون کي هنن مولانا ابوالاعليٰ مودوديءَ جو تفسير "تفهيم القرآن"، ڇهن جلدن ۾ آڻي ڏنو. اهو پڙهڻ لاءِ مون شرط وڌو ته منهنجو چشمو توهان جون ايجنسيون کڻي ويون آهن، جنهن جو نمبر ٢ آهي، سو آڻي ڏيو." هنن انهيءَ نمبر جي چشمي جو انتظام ته ڪيو، پر ان جي هڪ تنگ تنل هئي، جنهن ۾ ڏاڍو ٻڏل هو. اوهين يقين ڪريو ته ان ئي چشمي سان مون مودوديءَ جا ڇهه ئي جلد پڙهيا، پر قرآن جي تفسير جي معاملي ۾ هو مون کي ابوالڪلام ۽ محمود الحسن کان تمام گهٽ نظر آيو.

ان مطالعي دوران مون اسان جي سيل جي انچارج کان، جيڪو باريش بزرگ هو، پڇيو ته " جناب! قرآن جي مطالعي دوران آءُ هڪ شڪ ۾ مبتلا ٿي ويو آهيان، اهو اهو ته قرآن شريف ۾ لکيل آهي ته فرعون يهودين جي پٽن کي قتل ڪرائيندو هو، ۽ ڌيئن کي جيئرو ڇڏيندو هو. جڏهن حضرت موسيٰ پيدا ٿيو ته ان جي ماءُ قتل جي خوف

ڪان هن کي صندوق ۾ بند ڪرائي، درياهه جي حوالي ڪيو، جيڪا صندوق وڃي فرعون جي محل جي سامهون پهتي- ۽ فرعون جي خدمتگارن اُها پيتي ڪڍي، ان معصوم ٻار کي پاليو. پر ساڳئي وقت، قرآن ۾ اهو لکيل آهي ته موسيٰ جو ڀيو ڀاءُ هارون هو ۽ اهو به نبي هو. ان جي مارائڻ لاءِ فرعون جتن ڇو ڪونه ڪيو؟ نه ئي قرآن ۾ اهڙو ڪو اشارو آهي. ان جو سبب ڇا آهي؟"

هن چيو ته "ميرے ڀائي! مين اتنا بڙا عالم نهين هون. اور اس مسئلے پر هم نے ڪڀي سوچا ڀي نهين."

ٻئي ڏينهن اهو ساڳيو شخص آيو ۽ اچي منهنجي سيل جي دروازي تي ويهي، صحت جي باري ۾ پڇڻ لڳو. مون ڪيس چيو ته "مولانا آزاد لکيو آهي ته احمد نگر قلعي جي جيل ۾ جڏهن ميڊيڪل آفيسر اسان جي چيڪ اپ لاءِ آيو، ان وقت هن کي مون چيو ته منهنجي جسم کي ڇڏيو، پر دماغ ماپڻ جو اوزار ايجاد ٿيو هجي ته اهو آڻيو. ميڊيڪل آفيسر شرمندگي محسوس ڪندي معائنو ڪرڻ کان سواءِ هليو ويو. ان ڪري آءٌ به مولانا جو پوئلڳ آهيان، منهنجي صحت کي ڇڏيو، منهنجي ڪالهوڪي سوال جو جواب ڏيو!"

هن چيو ته "مون کي خبر ناهي."

مون چيو ته " ان ڪري خبر ناهي، جو توهان ماڻهن جي جسمن کي ڪُٽڻ ته سکيا آهيو، پر سندن دماغ کي ڪڏهن به توهان کوليو ئي ناهي. هاڻي ڪالهوڪي سوال جو جواب ٻڌ: جڏهن فرعون يهودين جا ٻار قتل ڪرائڻ شروع ڪيا ته ان وقت سندس مشيرن مشورو ڏنو، ته اهڙي طريقي سان هارين ۽ مزدورن جو اولاد قتل ڪيو ويو، ته پوءِ ملڪ ۾ ڪوبه ڪَسبي (پورهيت) نه رهندو، ۽ مصر جي معيشت مفلوج ٿي ويندي. ان مشوري کان پوءِ فرعون طئي ڪيو ته هڪ سال ۾ جيڪي ڇوڪرا ڄمندا، تن کي قتل ڪيو ويندو، ۽ ٻئي سال جيڪي پيدا ٿيندا، تن کي جيئرو ڇڏيو ويندو. موسيٰ جو ڀاءُ ان سال ۾ پيدا ٿيو، جنهن ۾ ڇوڪرن کي جيئرو ڇڏيو ويو، ان ڪري ان جي حفاظت جي ڪا به تدبير نه ڪئي ويئي."

آفيسر سيخن ۾ منهنجا هٿ جهلي چيو ته: "مون ڏاڍا تفسير پڙهيا

آهن، پر مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي، جيڪا تو مون کي اڄ سمجهائي آهي. الله تعاليٰ ان ڳالهه جو اجر توکي ضرور ڏيندو.“ ان بعد اهو آفيسر منهنجو دوست ٿي ويو، ڇاڪاڻ ته هو ديوبندي مڪتبِ فڪر جو هو.

منهنجا عذاب گهرن وارا ڏينهن گذرندا رهيا. منهنجي مٿي جا وار وڌي ويا، مڇون بي ڍنگي انداز ۾ خراب ٿي ويون، برش جو ڪوبه نالو نشان ڪونه هو. هڪ ڏينهن يارهين رمضان تي اوچتو مون کي گردي ۾ سخت سورُ پيو ۽ آئون بنا پاڻيءَ جي مڇيءَ وانگر تڙپندو رهيس. فوري طور تي عملدارن کي اطلاع ڪيو ويو، جيڪي ايمبولينس سميت پهچي ويا، ۽ مون کي بحريه جي اسپتال پي اين شفا ۾ وٺي ويا. اتي مهربان ڊاڪٽرن خوبصورت بيڊ تي سمهاري ڊرپ هنئي، جنهن ۾ گردي جي سُور جي خاتمي جيِ به دوا هئي. پر اڌ ڪلاڪ ڪن گذريو ته نئون حڪم پهتو ته هن کي هن اسپتال مان منتقل ڪري، ملير آرميءَ جي اسپتال ۾ شفٽ ڪيو وڃي. هنن لڳل ڊرپ اڌ ۾ لاهي، اکيون ٻڌي، مون کي گاڏيءَ ۾ ڪنيو ۽ آرمي اسپتال ۾ هڪڙي بيڊ تي آڻي ستيو ۽ ڊاڪٽر معائني ۾ مصروف ٿي ويا. جيئن ته صبح جو ايڪسري ڪڍٽو هو، ان ڪري رات جو هنن مون کي انيما ڪيو. ان وقت مون کي جيڪو سور جو احساس ٿيو ۽ جنهن جي نتيجي ۾ مون جيڪي رڙيون ڪيون، ايتريون رڙيون ايستائين قيد يا تشدد دؤران مون ڪڏهن نه ڪيون هيون. بهرحال اهو سلسلو ٽي ڏينهن مسلسل هلندو رهيو. ان سان گڏ جاهل ٽيڪنيشن ڊرپون به هڻندا رهيا، جن منهنجون ٻانهون، ڪلهآ، هٿ ۽ هٿن جا پور سُجائي ڇڏيا، ۽ منهنجي حالت ويتر خراب ٿي ويئي. ان ڪري، ايجنسين جي آفيسر چيو ته جيئن ته هن کي هاڻ سُور نٿو ٿئي، ان ڪري واپس وٺي هلوس. نتيجي طور مون کي ٽئين ڏينهن ساڳين رستن تان ڪٽندا، منهنجي سيل ۾ وٺي آيا، جتي سيل جي انچارج مون کي چيو ته: ”ڪهڙي سيل ۾ رهڻ پسند ڪندين؟“ مون چيو ته ”ساڳئي ۾-“ جو ته ان جي اڳيان ليسوڙي ۽ زيتون جا به وڻ هئا، جن کي ڏسي زندگيءَ جي تازگيءَ جو احساس ٿيندو هو. سيل ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ سيل انچارج مون کي چيو ته ”ڇا پوزيشن آهي؟“ مون چيو ته ”اڄ مون کي روزو ناهي، توهان وٽ ماني نه هوندي، پر سگريٽ ضرور هوندو ۽ مون کي سگريٽ ڏيو.“ هنن مون کي سگريٽ دکائي ڏنو. اهو

پيئڻ بعد آءُ سمهي رهيس. ڪيمپن ۾ رهندي، اهو پهريون ڏينهن هو، جو مون کي ڏينهن جو ننڊ اچي وئي. منهنجي اک شام جو روزو کلڻ مهل کلي. مون ٻنا روزي هجڻ جي ٻئي هٿ مٿي کنيا، ۽ پنهنجي پروردگار کي عرض ڪيم ته ”هي مون تي جيڪي الزام هڻي رهيا آهن، سي انهن جي نظر ۾ ڀلي گناهه هجن، پر تنهنجيءَ نظر ۾ گناهه نه آهن. آءُ بيگناهه ڦاسايو ويو آهيان. اي رب العالمين! منهنجا سڀ وسيلا تو هڪڙي جي تابع آهن. آءُ عرض ٿو ڪريان ته هيءَ عيد آئون پنهنجيءَ اندرا سان گڏ ملهايان.“

توهان ان کي اتفاق چئو يا قدرت جي ڪرشمه سازي، جو قدر جي سڄي راتِ آءُ جاڳندو رهيس، ۽ صبح جو مون منهنجي روحاني رهبر شيخ الهند محمود الحسن جي قرآن جو ترجمو پئي پڙهيو ته سيل جو انچارج شيوَ جو سامان کڻي آيو، ۽ مون کي چيائين ته ”ڏاڙهي لاهيو.“

مون چيو ته : ” توهان هفتي هفتي شيوَ ڪرائيندا آهيو، عيد ۾ اڃا ڪجهه ڏينهن آهن، ان ڪري مهرباني ڪري هڪ ڏينهن اڳ شيوَ جو سامان آڻجانءِ ته جيئن خدا جي سامهون آئون پنهنجي صافِ چهري سان جهڪان.“

هن مون کي چيو ته ”سر آپ بهت بڙے آدمي هيں، هم غريبوں کے ساتهه کهاں عيد منائيں گے!“

ان مان مون سمجهيو ته مون کي شايد حيدرآباد يا لاهور منتقل ڪيو پيو وڃي – ۽ انهيءَ ڪيفيتِ طاري ٿيڻ تي منهنجو بلڊپريشر وڌي ويو. مون سپاهيءَ کي چيو ته ”ڪمپائونڊر کي گهراءِ ته منهنجو بلڊپريشر چيڪ ڪري.“ ڪمپائونڊر سان گڏ اهو صوفي صاحب به آيو، جيڪو منهنجي مڪتبهءِ فڪر سان تعلق رکڻ ڪري ٿورو همدرد هو. اُن اک جي اشاري سان مون کي چيو ته ”بلڊپريشر چيڪ ڪرائڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي، تون وڃين پيو.“ بهر حال مون بلڊپريشر چيڪ ڪرايو، جيڪو معمول کان ٿورو وڌيڪ هو. ان بعد فوري طور تي مون کي ٿري پيس جي واسڪوٽي آڻيَ ڏني ويئي، ته هيءَ پاءِ! ۽ ڪجهه ٻيو سامان– جنهن ۾ ٽٿ پيسٽ ۽ برش ڏنائون ۽ منهنجي اکين تي پٽي ٻڌي، سامان هٿ ۾ ڏيئي هڪ گاڏيءَ ۾ ويهاريائون.

عجيب ڳالهه هيءَ هئي ته اڳي ڪيڏانهن به وٺي ويندا هئا ته

گاڏيءَ جي فرش تي ويهاريندا هئا، پر ان ڏينهن مون کي اڳين سيٽ تي ويهاريائون – ۽ سڌو ٿارچر سيل واري آفيس ۾ آندائون. آءٌ ٻہ ٽي منٽ اڪيلو پڌل اتي ئي ويٺو رهيس، تہ هڪ آفيسر مون کي گهرايو، ۽ پڇيائين تہ ”طبيعت ڪيئن آهي؟“

مون چيو تہ: ”ظاهري طبيعت ڏسي سگهو ٿا، پر گردي ۾ پٿري اڃا تائين آهي.“

هن جونيئر آفيسر مون کي چيو تہ ”ڪڏنيءَ جو آپريشن گهر وڃي ڪراءِ!“ ان تي وڏي آفيسر چيو تہ ”آريسر صاحب! هم آپ ڪو آزاد ڪر رهے هين.“

مون چيو تہ: ”توهان جي مهرباني!“

چيائون تہ ”اسان جي ڪا بہ مهرباني ڪانهي ۽ نہ وري اسين توکي ڇڏڻ چاهيون ٿا، پر پرائيم منسٽر ۽ ڪور ڪمانڊر صاحب جو حڪم آهي تہ هن کي آزاد ڪريو، اسين اوهان کي گهر ڇڏيندا سين. ڀاڙو گهڻو لڳندو؟“

مون چيو تہ ” هڪ سؤ روپيا بس جو ڀاڙو آهي.“

پوءِ هن آفيسر، ماتحت کي چيو تہ ”آريسر کي سؤ روپيا ڏيو، ۽ هڪ ڪلاڪ بعد ڪاغذي ڪارروائي ڪري آزاد ڪريوس.“

بلڪل هڪ ڪلاڪ ڪان پوءِ گاڏي آئي. مون کي ان جاءِ تي موڪليو ويو، جتي جتين جا ڍير پيل هئا، ۽ چيائون تہ ” پنهنجي جتي سڃاڻي پاءِ.“ منهنجو بوٽ يوٽ فل هيو، جيڪو مون سڃاتو ۽ پاتو پر ان ۾ جوراب پيل هئا. مون ڪين چيو تہ ”بوٽ منهنجو آهي، جوراب ٻئي ڪنهن جا آهن.“ هن جوراب ڪڍي ٻاهر رکيا ۽ مون کي بوٽ ڏنائون. ديوبندي همدرد چيو تہ ”شڪر آهي تہ جن کي بہ ڇڏيون ٿا، سي سڀ پنهنجا بوٽ سڃاڻي پائيندا آهن.“

پوءِ مون کي اندرجيت لوهاڻي سان گڏ هڪ وين ۾ ويهاريائون. مون چيو تہ ”جيڪڏهن توهان منهنجون اکيون ٻڌي رکندؤ تہ اسان کي خبر نہ پوندي تہ ڪهڙي جاءِ تي لهڻو آهي، ۽ ڪٿي وڃڻو آهي؟“ حسن اسڪوائر چوڪ تي هن منهنجي اکين تان پٽي کولي، ۽ مون پنجن مهينن ۾ پهريون دفعو سنڌ ڏٺي. منهنجي ذهن ۾ حسنين هيڪل جا لفظ گونجڻ لڳا، جنهن چيو هو: ”آءٌ سادات جي قتل کان پوءِ آزاد ٿيس ۽ مون مصر تي نظر وڌي تہ مون کان بيساختہ رڙ نڪري ويئي تہ مارا! مصر

تقرير

# ٿارچر سيلن مان بچي آيلن جا تجربا

جناب جسٽس دراب پٽيل صاحب!

۽ انساني حقن جي تنظيم جا عهديدارؤ!

اڄ هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي، سچ پچ ته آءٌ محسوس ٿو ڪريان ته آءٌ زنده آهيان. منهنجيءَ انهيءَ زندگيءَ ۾ جتي پريس، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي معزز چيف جسٽس ناصر اسلم زاهد ۽ منهنجي ڏيهي ۽ پرڏيهي دوستن جو ڪردار آهي، اُتي هيومن رائيٽس ڪميشن جي بي لوث ڪارڪنن جو به وڏو هٿ آهي.

آءٌ اسپتال جي نرسن کي زندگيءَ جا فرشتا سڏيندو آهيان، پر توهان نه رڳو زندگيون بچائيندڙ آهيو، پر زندگيون تخليق ڪندڙ به آهيو. هن سفاڪ رياست ۾ – آءٌ ”سفاڪ“ جو لفظ هتي اُن جي عربي معنيٰ ۾ استعمال ڪري رهيو آهيان، جنهن جي معنيٰ جي شايد هتي ويٺلن مان گهڻن کي خبر نه هجي. ”سفاڪ“ جي معنيٰ آهي نه رڳو ”رت وهائيندڙ“ ، پر ” اهو رَت هروڻ ۾ پيري پيئندڙ“ – اهڙيءَ رياست ۾ انساني حقن جي ڳالهه ڪرڻ، قبرستان ۾ بانگ ڏيڻ جي برابر آهي، ۽ قبرستان جي مُردن کي زنده ڪرڻ لاءِ هميشه ”دمِ عيسيٰ“ جي ضرورت هوندي آهي – توهان اُهي مسيح آهيو، جيڪي هن سفاڪ رياست جي سفاڪ ترين حڪمرانن کي، ظلم جي اونداهيءَ مان پنهنجن لفظن ذريعي ڪڍي، انساني عظمت جي روشني ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو.

منهنجا سائين! هتي موضوع رکيو ويو آهي، ”ٽارچرسيلن مان زنده موٽي آيل قيدين جا تجربا.“ آءٌ توهان کي يقين سان ٻڌايان ٿو ته ٽارچر سيلن مان موٽي ايندڙ اُن لائق ئي نه رهندا آهن ته جو پنهنجا تجربا ٻڌائي سگهن. محبوبا جي آغوش ۾ هوندي به هنن جي ذهنن تي قانون نافذ ڪندڙن، دنيا جي بيمثال ظالمن جا خوفناڪ چهرا مسلط رهندا آهن. ان ڪري هو پنهنجي محبوبا کي چمي ڏيئي نه سگهندا آهن. باقي

جيڪي ڪجهه هن اسلامي رياست ۾ اُن جي نام نهاد محافظن جي عذاب گهرن ۾ گذري ٿو، ان کي جيڪڏهن هٽلر ڏسي ها تہ شايد هو جرمنيءَ جي چانسلر جي عهدي تان استعيفا ڏئي وڃي ها، ۽ وڃي ڪنهن غار ۾ NONS ۽ راهبائن سان گذاري ها. الائي ڇو هن موقعي تي مون کي فيض جو هيءُ شعر ياد اچي رهيو آهي تہ:

جو هم پہ گذري سو گذري مگر شب هجران!
همارے اشک تيري عاقبت سنوار چلے!

تارچر سيل ۾ رهندي، آءُ اهو چوڻ ٿو چاهيان تہ منهنجي جسم کان وڌيڪ منهنجو روح زخمي ٿيو. منهنجي روح جي اُڏامر جي پوپٽن جهڙن پرن تي هن وقت بہ عذاب گهرن جي محافظن جا ڳرا بوٽ پيل آهن، پر پوءِ بہ آءُ هن ڪمزور جسم سان توهان جي سامهون بيٺو آهيان. اِهو ان ڪري، تہ منهنجو روح ۽ ذهن شروع کان ئي وقتي ڪنهن طاقت جي سامهون، ڪنهن تشدد جي دٻاءَ هيٺ جهڪڻ سکيو ئي ناهي. آءُ اهڙيءَ سر زمين ۽ اُن سر زمين جي اهڙي ماٺهوءَ جي زير اثر رهيو آهيان، جيڪا سر زمين تاريخ ۾ ڪيترائي دفعا ڪِري آهي، ڏٺي آهي ۽ شڪست کاڌي اٿس، پر اُها وري وري هر بار نئين جوش، نئين ولولي، نين امنگن ۽ نئين ادراڪ سان اُٿي آهي، ۽ پنهنجي دامن ۾ ڪيتريون جنتون ۽ ڪهڪشائون آباد ڪيون اٿس- ۽ اهو ماٺهو، باربار زخمي ٿيڻ جي باوجود ڇپن تي زخمي مرڪ سجائي، اميدن جا جهنڊا جهولائيندو رهيو آهي. ان ڪري مون انهن عذابن کي اهميت نہ ڏني آهي، جيڪي مون تي گذريا.

آءُ صرف بہ ٽي شيون بيان ڪندس. پهرين تہ قانون نافذ ڪندڙن جڏهين مون کي گهران کنيي کنيو هو... (راحيلا ٽوانا تہ چيو آهي تہ منهنجي گهر جو دروازو کڙڪايائون، پر آءُ ڪيس ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ منهنجي گهر کي ڪوئي دروازو نہ آهي، ڪنهن جي لاءِ بہ نہ- ”ميرا در کهلا هے کهلا هي رهے گا.“ ) ان وقت منهنجي زال مون کي ياڪر پاتو، پر چادر ۽ چوديواريءَ جا محافظ اُن ياڪر مان الڳ ڪري مون کي کڻي ويا، ۽ جڏهن آءُ اکين تي پٽي ٻڌي ٻاهر نڪتس، ان وقت بہ مون کي فيض ياد آيو. الائي ڇو ياد آيو؟ ڇو تہ مون کي کڻي بہ آرميءَ وارا رهيا

هئا، ۽ فيض بہ آرميءَ ۾ ڪڏهن ڪرنل رهيو هو:

مقامِ فيض ڪوئي راه مين جچا هي نهين،
جو ڪوئے يار سے نڪلے تو سوئے دار چلے!

ٻي شيءِ، جنهن منهنجي روح کي نہ صرف زخمي ڪيو، پر هن سفاڪ رياست جي خلاف منهنجي ذهن ۾ بغاوت جا وڏيڪ ٽانڊا پريا، اُها هئي مذهب جي نالي تي فحش گاريون. هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي گاريون ڏيڻ ۽ ڪافر چوڻ، جنهن کي ننڍي ڪنڊ جي سڀ کان وڏي عالم جو قرآن جو سمورو تفسير ياد هو. مون کي ڪافر لفظ کان نفرت نہ آهي، ڪافر لفظ شاعريءَ ۾ انتهائي خوبصورت آهي. امير خسروءَ چيو آهي تہ:

ڪافرِ عشقم مسلماني مرا درڪار نيست
هر رگِ من تارگشتہ حاجت زنار نيست

پر مذهب ۽ سياست ۾ ڪافر جو مطلب انتهائي خوف ۽ خطري جو باعث آهي.

–۽ ٽين شيءِ، جنهن منهنجي روح ۽ ضمير کي جهنجهوڙي ڇڏيو، اُها منهنجيءَ ڌيءُ اندرا جي دانهن هئي، جيڪا مون کي ڪنهن ڪٽڻ وقت هن ڪئي هئي. ان وقت مون کي سنڌ جي سموري انتشار ۽ سموري لساني منافرت تي ٻي انتها ڪاوڙ آئي، ۽ مون سوچيو تہ مون وٽ صور اسرافيل هجي تہ آءٌ قاسم آباد ۽ عزيز آباد جي منافرت جي زهر ۾ مئل دلين کي زنده ڪريان، ۽ ٻڌايان تہ اندرا جي دانهن ۽ بشريٰ زيديءَ جي دانهن ۾ ڪوفرق نہ آهي. اڇو تہ گڏجي ان چنگيز کي ختم ڪريون، جيڪو بشريٰ زيديءَ جي زندگي ختم ٿو ڪري، ۽ اندرا آريسر جون خوشيون ختم ٿو ڪري.

آءٌ پنهنجا وڏيڪ ڏک سور بيان ڪري، پاڻ کي هيرو بنائڻ نہ ٿو چاهيان، ممڪن آهي سنڌ جو ڪراچيءَ سميت هر ماڻهو، روز ان کان وڏيڪ عذاب سهندو هجي. مهرباني!

**[ڪراچيءَ ۾ انساني حقن جي تنظيم طوفان، ٺارچر سيلن مان آزاد ٿيل قيدين جا تاثرات ٻڌڻ لاءِ سڏايل ڪانفرنس ۾ ڪيل تقرير]**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دار“ طرف هلڻ جي تياري ڪري.

ٻالهه ٻولهه جي آواز تي جڏهن هن جي گهر واري ڪيسر اُٿي ته هن مٿان ٿاٿيل رائيفل ڏسي، ڊوڙندي هن جي اچي مٿان ڪري. ويڙهي ۾ ڪيهت پئجي ويا ۽ هو سيني ڪي اطمينان ڏيئي، ٿيلهو(بيگ) ٺاهي هلڻ لڳو، ته هن جي گهر واريءَ جي پوتيءَ سان هن جون اکيون ٻڌي، ڪيس گاڏيءَ ۾ ويهاريو ويو.

ٻئي ڏينهن هن جي دوستن ۽ دشمنن کي خبر پئي ته آريسر کي ايجنسيون کنيي ڪٽي ويون آهن. جڏهن اها خبر سن ۾ سائين جي ايم سيد کي پئي ته هن پنهنجا ڏٻرا هٿ کڻي، سندس لاءِ دعا ڪئي، ”ياالله! منهنجي آريسر جو عشق پرتو اٿئي!“- ۽ اها خبر جڏهن سادڙي شاعر حليم باغيءَ کي پئي ته هن جي نفرت ۽ ڪاوڙ هڪ ڪويتا ۾ تبديل ٿي وئي، ۽ هو پني تي هيٺيون نظم اتارڻ لڳو ته:

هي ڏاڍ ڏونس جون وري شرارتون، اي منهنجي دل !
۽ پنهنجي عشق جون مٿيون نه عادتون، اي منهنجي دل!

وڃين ٿو قتل گاهه ڏي، اي منهنجا ميت ٿورو بيهه !
جو تنهنجي هوڏ مان ملي ٿو منهنجي گيت کي سنيهه!
پلي ته تنهنجو مک چمي نئين صبح جي نئين شبيهه!
گلي ملي ڏيان پو مان اجازتون، اي منهنجي دل !

لهو طلب ڪيو اڏيءَ ته تنهنجو پير ڪيئن کتي!
جو تنهنجي ماءُ جي ٿڃ منجهان اجا به جوت ٿي ڦُٽي!
ڏسو اڏيءَ جي عاشقن قطار ڪا مٿان کٽي!
وفا جي راهه ۾ ٿي هن قيامتون، اي منهنجي دل!

سو جڏهن هو ٻاويهين مارچ تي سموري آزمائش مان آجو ٿي وريو، ته هن حليم باغيءَ جي راءِ جي تصديق ڪندي چيو ته: واقعي اهي قيامت جون گهڙيون هيون، هن تي تارچر سيل جو ماحول ايترو

حاوي آهي، جو هو هاڻي اهي گهڙيون ياد ڪري پاڻ به وائڙو ٿي ٿو وڃي، ته هو اهي لڪ ڪيئن لتاڙي آيو! ان ڪري هيءُ سمورو انٽرويو انهيءَ اذيتناڪ فلم جي جهلڪين وانگر آهي.

هن سموري انٽرويوءَ تي ٽارچر سيل جي ماحول جو پاڇو آهي، ان ڪري هن انٽرويوءَ کي "ڪاوش مئگزين" جي روايتي انٽرويوئن وانگر نه پڙهيو وڃي، ته اسان ٻنهي سان انصاف ٿيندو.

قيد مان آجو ٿي هڪ هفتي ڪان پوءِ هو اچڙو پهراڻ پائي، پنهنجيءَ اوطاق جي ٿلهي تي رلي وڇايو، پنهنجن دوستن جي محفل جي گرم ياڪر ۾ ويٺو آهي. پرسان لالٽين ٻري رهي آهي. ريگستان جي هلڪي ۽ خنڪيءَ ڀريءَ هوا ۾ اسان جي ڪچهري، هن سوال سان شروع ٿي ٿئي ته..........]

**اعجاز: ٻاهر اچي آزادي بيان ڪري سگهڻ واري ڪيفيت ڪانسواءِ، ڪهڙي سياسي ڪيفيت کي محسوس ڪري رهيا آهيو؟**

آريسر: آءُ اُن ڪان سواءِ اهو محسوس ٿو ڪريان ته سنڌ ضرور آزاد ٿيندي. مانيءَ لاءِ نه، ڪنهن مٽيءَ لاءِ نه ، پر رڳو سنڌي ماڻهوءَ جي عزت جي بقا لاءِ، سنڌ ضرور آزاد ٿيندي.

ٻي ڳالهه اها محسوس ٿو ڪريان ته پاڪستان ۾ اصل حڪومت ڪن ٻين جي آهي، هي سڀ ٻوريون آهن، غلاف آهن، پردا آهن.

– ۽ ٽين شيءِ مان اها محسوس ٿو ڪريان ته پنٽي فيمليءَ کي اقتدار نه ڏيندا.

**اعجاز: اهو توهان ڇا مان محسوس ٿا ڪريو؟**

آريسر: انهن جي رويي مان، جيڪي مون کي ٽارچر سيل ۾ ڪٽي ويا هئا، جيڪي هڪ طاقتور ايجنسيءَ جا ماڻهو هئا.

**اعجاز: ٽارچر سيل ۾ ڪهڙين عجيب ڪيفيتن کي محسوس ڪيوَ؟**

آريسر: الائي ڪيتريون ڪيفيتون هيون! هر گهڙيءَ هڪ نئين ڪيفيت آڏو هئي، پر هڪ عجيب ڪيفيت اها به هئي ته ٽارچر دوران هڪ حد ڪان پوءِ منهنجو سور ختم ٿي ويو. پوءِ مون محسوس ڪيو ته مون کي جڻ ڏڪ لڳن ئي نه ٿا........ جڻ ته سور جي مقصد سان

لڳندڙ ڏک پنهنجي معنيٰ وڃائي ويٺا هئا.

ان کان سواءِ مون اها ڪيفيت بہ محسوس ڪئي تہ اهو ماڻهو، جنهن جا هٿ ٻڌل آهن، جنهن جي مٿي مان رت نينديون ڪري وهي رهيو آهي، اُهو ڪو ٻيو ماڻهو آهي ۽ آءٌ اُن شخص جو تماشائي آهيان، جيڪو رت وهائي رهيو آهي. مون کي اهو صفا محسوس نہ پئي ٿيو تہ ڪو منهنجو مٿو ڦاٽو آهي، يا ڪو منهنجو رت وهي رهيو آهي. اهي خود منهنجي لاءِ بہ عجيب ڪيفيتون هيون!

**اعجاز: قيدِ تنهائيءَ جي ان عرصي دوران توهان کي ڪهڙا ماڻهو ياد ايندا هُئا؟**

آريسر: جڏهن مون کي موڪل ڏنائون تہ تون پلي سمهہ، تہ پوءِ اهي رات جا ٽي چار ڪلاڪ آءٌ سمهندو هوس. ان ۾ مون سڀنيءَ سنڌ جا دوست خواب ۾ ڏٺا. پوءِ مان روز خواب ڏسندو هوس. ڪڏهن ڏسندو هوس تہ ڊوري ناري ۾ ويٺو آهيان، ڪڏهن ڳوٺ، ڪڏهن لاڙڪاڻي، ڪڏهن شڪارپور تہ ڪڏهن سکر، ڪڏهن حيدرآباد، روزانو ڪونہ ڪو خواب ڏسندو هوس ۽ منهنجا اهي چار ڪلاڪ ڏاڍا خوبصورت گذرندا هئا.

هونئن مون کي سڀ کان گهٽي ياد منهنجي ڌيءُ اندرا ايندي هئي– ۽ ٻي ڪيفيت، جيڪا مون کي گهڻو ياد ايندي هئي، اها هئي، جڏهن مون کي گرفتار ڪرڻ آيا هئا، تڏهن منهنجي زال رڙيون ڪري اچي مون کي ياڪر پاتو هو. جڏهن هو مون تي رائيفل تاڻيو بيٺو هو، (رائيفل هئي يا ڪلاشنڪوف هئي. مون کي هٿيار سڃاڻڻ نہ ايندا آهن.) هُو سِول ڊريس وارو جڏهن پوزيشن وٺيو بيٺو هو، تڏهن منهنجيءَ زال سَمجهيو هو تہ ڪي قاتل يا ڌاڙيل آيا آهن، سو انهن جي وچ مان رڙيون ڪري ايندڙ منهنجي زال منهنجي يادگيريءَ تي ڇپجي وئي هئي.

**اعجاز: پلا ڪا اهڙي ڪيفيت هئي، جنهن ۾ ڪا ٽيڪ هجي، آٿت هجي، دلداري هجي؟**

آريسر: حقيقت ۾ هاڻي ڪٿي آءٌ چا بہ چوان، پر حيدرآباد واري عرصي ۾ بہ نہ، ۽ نہ ئي وري ڪراچيءَ واري عرصي جي پڇا ڳاڇا دوران، پر جڏهن منهنجي طبيعت بگڙجي وئي، جڏهن منهنجو بلڊ

ڪہ ميرے اوپر تشدد هوگا، اس ليئے ڪہ جو يي عدم تشدد ڪا پيروڪار رها هے، اس پر تشدد هوا هے. مثلاً مسيح، مارٽن لوٿرڪنگ، گانڌي اور غفار خان.“ جيتوڻيڪ غفار خان تشدد ذريعي نہ مئو هيو، پر هن جي لاش تي بم ڦاڙيو ويو هو. سو مون کين چيو تہ ” آپ پلي تشدد ڪرين ليڪن ميرے نزديڪ تشدد وحشيانا اور حيواني عمل هے. مين ني آج تڪ ڪسي بچے ڪو ڀي تماچہ نهين مارا.“

**اعجاز: توهان شروع کان وٺي عدم تشدد جا قائل رهيا آهيو، يا فڪرِ جي ايم سيد کان پوءِ..؟**

آريسر: نہ شروع کان.

**اعجاز: ڇا توهان جي طبيعت ۾ ئي اها ڳالهہ سمايل آهي..؟**

آريسر: ها.

**اعجاز: توهان جي طبيعت ۾ اها ڳالهہ ڪٿان آئي؟**

آريسر: دراصل انسان کي جيڪي رهنمايون ملنديون آهن- مذهبي ٻوليءَ ۾ جنهن کي اسان ”هدايت“ چوندا آهيون، ان جا مختلف درجا ۽ مرحلا آهن. ان ۾ هڪڙي جيڪا فڪري رهنمائي هوندي آهي، ان لاءِ ڪوبہ دليل نہ ٿو ڏئي سگهجي، اها فطرت ۾ سمايل آهي. ان جو مثال توهان اهو وٺو تہ جهرڪيءَ جي ٻچي کي ڪهڙي پيغمبر، پير يا دانشور اها تعليم ڏني تہ تنهنجي رزق جو ذريعو ماءُ جو ٽُڻ نہ آهي، پر جڏهن تنهنجي ماءُ آکيري ۾ اچي چون چون ڪري، تڏهن ان جي چهنب ۾ تنهنجي روزي رکيل آهي. يا ماڻهوءَ جي ٻار کي ڪهڙي پير يا پيغمبر سيکاريو تہ تون پنهنجي ماءُ جي ٻُبي ۾ وات وجهي، ٿورو زور ڏيندين تہ ان مان کير نڪرندو. ان فطري هدايت يا رهنمائيءَ لاءِ ڪو دليل نہ ٿو ڏئي سگهجي.

**اعجاز: يعني توهان اهو ٿا سمجهو تہ عدم تشدد جو نظريو هڪ فطري نظريو آهي؟**

آريسر: ها، آءٌ اهو ٿو سمجهان تہ اهو بيحد فطري نظريو آهي.

**اعجاز: تہ پوءِ دنيا جي فاشسٽ قوتن کي ڪيئن شڪست ڏئي سگهبي؟**

آريسر: اصل مسئلو اهو آهي تہ ڪنهن بگهڙ جا ڏند ڪيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمزور ٿا ڪري سگهجن؟ اصل سوال اهو آهي- سو هاڻي ٻه منهنجو ان ڳالهه تي يقين آهي ته تشدد ذريعي هڪ ٻگهڙ جي ڏندن کي ڪمزور نه ٿو ڪري سگهجي.

ان سلسلي ۾ مون هڪ جاءِ تي پڙهيو هو ته اڳ جن ملڪن تشدد ذريعي آزادي حاصل ڪئي آهي، خاص ڪري آفريڪا يا ايشيا ۾ ويتنام وغيره. اتي معاشي حالتون ڏاڍيون خراب آهن، ۽ مون اهو به پڙهيو ته ڪڏهن ڪڏهن مان اهو سوچيندو آهيان ته اسان جا هيرا، جن بندوق هٿ ۾ کنئي هئي، اهي غلط ته نه هئا!؟

اڄ صوماليا ۾ ڇا هي؟ اسان ويتنام کي سلام ٿا ڪيون. پر سلام ڪري پڇون ٿا ته اڄ ويتنام پنهنجي جدوجهد ڪندڙن جي خوابن جي تعبيرن جهڙو ڪٿي آهي!؟

**اعجاز: پوءِ توهان جي نظر ۾ دنيا اندر ڪهڙو انقلاب آئيڊيل آهي؟**

آريسر: منهنجيءَ نظر ۾ ته هاڻي ڪوبه انقلاب آئيڊيل نه رهيو آهي، اڳي هئا، پر هاڻي ڪوبه نه رهيو آهي.

**اعجاز: ڪارچو سيل ۾ توهان ٻڌايو ته توهان جي اکين تي پٽي ٻڌل رهي. صوفي چون ٿا ته ٻاهرين اکين ٻوٽڻ سان اندريون اکيون کلن ٿيون. سو توهان کي قيدِ تنهائي ۾ ڪي روحاني تجربا ٿيا؟**

آريسر: (سوچيندي) نه پيو ته ڪو خاص تجربو نه ٿيو، باقي جيترو به وقت مان اتي رهيس، ۽ اتي جيترا به مون خواب ڏٺا، انهن ۾ ڪنهن به خواب ۾ مون پاڻ کي قيديءَ واري حالت ۾ نه ڏٺو. مون هميشه ڏٺو ته مان آزاد آهيان.

**اعجاز: اتي رهي توهان ڇا ڇا سوچيو؟**

آريسر: گهڻو ڪجهه سوچيو، پر اتي مون هڪ آزاد نظم به سوچيو، مان اهو لکندس. ان جو عنوان هيو ته:

**”پوءِ به مان پنهنجا ڳوڙها روڪيان ٿو.“**

ڇا ڇا ٿيو آهي!

ڇا نه وهيو واپريو آهي!

پر مان ڳوڙها روڪيان ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا لاءِ؟
نہ ڪٿي منهنجن ڳوڙهن جي ڪري
سنڌي ماڻهوءَ جو شهپر هيٺ نہ ٿي پوي،
يا ان جو ڪنڌ
شرم کان جهڪي نہ پوي.
۽ ان سنڌي ماڻهوءَ جي حالت ڇا هي؟
پوءِ بہ مان
پنهنجا ڳوڙها روڪيان ٿو.

**اعجاز: توهان کي اتي روئڻ آيو؟**

آريسر: آءٌ روئيندو هوس، پر ماڻهن جي آڏو نہ– پر مان روئيندو ضرور هوس.

**اعجاز: توهان کي ڪهڙي ڪيفيت روئاريندي هئي؟**

آريسر: ٻاهر جو سوچي روئڻ ايندو هو. نوجوانن جي اندر جيڪا حالت هئي، اها ڏسي روئيندو هوس.

**اعجاز: ڇا توهان پنهنجي ان ڪيفيت تي ڪجهہ لکندا؟**

آريسر: آءٌ لکندس، ضرور لکندس، پر ڪڏهن لکندس ۽ ڪيئن لکندس؟ اها الڳ ڳالهہ آهي، پر لکندس ضرور.

**اعجاز: ڇا توهان هاڻي پنهنجي سياست ۾ ڪي تبديليون آڻيندؤ؟**

آريسر: مون ان تي تمام گهڻو سوچيو آهي. في الحال ٻڌائيندس نہ، تہ مون کي ڇا ڇا ڪرڻ کپي!

**اعجاز: توهان کي قيد خاني ۾ رهندي، دل جي دريءَ مان ڏسندي، پنهنجي ماڻهن جي ڪهڙي غلطي نظر آئي؟**

آريسر: اسان آزاديءَ جي ڳالهہ تہ ڪريون ٿا، پر ان جي ضرورت کي شدت سان محسوس نٿا ڪريون. ائين جيئن بک ۾ مرندڙ ماڻهو مانيءَ جي طلب شدت سان محسوس ڪري. يا جيئن هڪ سالن جو قيدي، عورت جي طلب شدت سان محسوس ڪري، تيئن اسان آزاديءَ جي طلب کي شدت سان محسوس نٿا ڪريون، ۽ اهو نٿا سمجهون تہ غلامي، ماڻهوءَ تي ڪهڙا ڪهڙا اثرات وجهي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رچرڊ برٽن لکيو آهي تہ سنڌ جو ماڻهو، خاص طور لوئر سنڌ جو ماڻهو، ٻہر جي چانوَ، ٻاجهر جي ماني ۽ وٽو لسيءَ جو حاصل ڪري، هر شيءِ کان بي خبر هوندو آهي.

اسان کي ان شيءِ يعني آزاديءَ جي اهميت جي خبر ناهي. اسان اهو سمجهون ئي نہ ٿا تہ آزاد ماڻهوءَ جو مانُ ڇا ٿيندو آهي، ۽ غلام ماڻهوءَ جو مانُ ڇا ٿيندو آهي؟ اسان سيني کي ان جي تڙپ، تانگهہ، تات ۽ طلب ان شدت سان محسوس نہ ٿي ٿئي. دراصل اسان کي اها شدت ايتري محسوس ڪرڻ کپي، جيتري شدت ماڻهو محبوب کي چميءَ ڏيڻ لاءِ محسوس ڪندو آهي.

**اعجاز: توهان کي اتي رهندي "قومي ڪارڪن" جون کوٽيون ڪهڙيون محسوس ٿيون؟**

آريسر: هونئن ڪنهن قومي ڪارڪن کي ڪنهن بہ مرحلي تي، ڪنهن بہ قسم جي ڪمزوريءَ جو مظاهرو نہ ڪرڻ کپي، پر حقيقت اها آهي تہ مان جيڪي ڪجهہ اتي رهي، ڏسي ۽ پوئي آيو آهيان، ان مطابق مان هاڻي سوچيان ٿو تہ اسان وٽ "اهو قومي ڪارڪن" اڃا پيدا ئي ڪونہ ٿيو آهي، جيڪو آزاديءَ جي تانگهہ ائين محسوس ڪري.

**اعجاز: توهان پنهنجي "آئيڊيل قومي ڪارڪن" ۾ ڪهڙا رنگ ڏسڻ چاهيو ٿا؟**

آريسر: آئيڊيل قومي ڪارڪن ۾ مان بہ خصوصيتون ڏسڻ چاهيان ٿو: آسمان ۽ زمين واريون – يعنيٰ آزاديءَ ۾ هو آسمان هجي ۽ طبيعت ۾ هو جانڙي باز نہ پر ڏاڍو نهٺو ۽ سادو ماڻهو هجي، ۽ ماڻهن سان اُن جو رَويو زمين جهڙو هجي، پلي پيو لتاڙجي، پر پوءِ بہ هو صبر ۾ هجي ۽ گهرو هجي.

(اوچتو ڪجهہ ياد ڪندي آريسر چوي ٿو) اتي مون کان گهڻو ڪجهہ وسري ويو هو. حيدرآباد ۾ تہ لطيف ياد ايندو هو، پر ڪراچيءَ ۾ رڳو اياز ياد ايندو هو، اهو بہ رڳو ان جا بہ شعر:

بي موت مئا تولاءِ ڪئا، انسان هزارين مان نہ رڳو،
هن دنيا ۾ اي ديس هيا، نادان هزارين مان نہ رڳو.

اهو شعر جهونگاري مون کي سگهہ ملندي هئي، پر جڏهن هيءُ شعر

جهونگاريندو هوس:

رات آئـي وئـي، تـون نـہ آئـين ڪـهـي،
مـاڪ ۾ مـيـنڌرا، ڪاڪ روئـيـنـدي رهـي.

تہ پوءِ ڏاڍو روئيندو هوس.

**اعجاز: ”تون نہ آئين ڪهي“ ڪنهن جي ڪهي نہ اچڻ جو ڏک هوندو هيو؟**

**آريسر:** مون اڳ بہ چيو هو تہ منهنجا ٽي جنم آهن: پهريون جڏهن مان ماءُ جي پيٽان ڄايس، ٻيو جڏهن مون سليٽ تي پهريون اکر پڙهڻ سکيو، ۽ منهنجو ٽيون جنم تڏهن ٿيو، جڏهن مون سنڌ سڃاڻڻ شروع ڪئي. پهرين جنم جا والدين، منهنجا والدين آهن، ٻئي جنم جا والدين منهنجا استاد آهن، ۽ منهنجي ٽئين جنم جو والد، سائين جي ايم سيد آهي.

**اعجاز: ڇا ٽارچر سيل مان واپسي توهان جو چوٿون جنم ناهي؟**

**آريسر:** هيءُ اڃا ٽيون جنم هلي رهيو آهي- ۽ مان توهان کي هڪ دلچسپ ڳالهہ ٻڌايان تہ شايد ڪو ستارن ۾ رکيل آهي، تہ منهنجو هر قيد پهرئين قيد کان سخت رهيو آهي.

پهريون دفعو مان ذوالفقار علي ڀٽي جي دؤر ۾ گرفتار ٿيس، تہ اڍائي بہ سال رهيس. ٻيو دفعو آءٌ ضياءَ الحق جي دؤر ۾ گرفتار ٿيس، تہ مون کي ڦٽڪا لڳا ۽ سزا بہ ملي، ۽ ٽيون دفعو هاڻي قيد ٿيو آهيان. ان ۾ جيڪي ڪجهہ وهيو واپريو، اهو توهان جي آڏو آهي. سو مون سوچيو هو تہ جيڪڏهن مون کي هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو، ۽ مون کان ڪورٽ پڇيو تہ، ” تو تي تشدد ٿيو آهي يا نہ؟“ تہ مان چوندس تہ ”پهرين ڪورٽ مون کي تحفظ ڏئي ٿي يا نہ؟“جي نہ تہ ٻيءَ حالت ۾:

جو هم پہ گذري سو گذرے، مگر شبِ هجران!
همارے اشڪ تيري عاقبت سنوار چلے.

سو چوٿين ڀيري تي سگهي ٿو تہ ڦاسي ڏين، ڇو تہ مون محسوس ڪيو آهي تہ منهنجي هر گرفتاري، پهرينءَ گرفتاريءَ کان سخت رهي آهي.

**اعجاز: ڇا حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ واري سموري عرصي ۾**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**توهان جي ذهني ڪيفيت ساڳي رهي؟**

آريسر: نه ۽ حيدرآباد وارو عرصو تمام گهٽو سخت هيو، ۽ ان پوري عرصي دوران ڪڏهن به منهنجيءَ اک ۾ ڳوڙهو نه وهيو. جيتوڻيڪ اتي سختي هئي ۽ سڀ ڪجهه ٿيو- ۽ ڪراچيءَ ۾ جتي حيدرآباد جي ڀيٽ ۾ نرمي هئي، آفيسرن جو رَويو مهذبانه هيو، اتي اَءُ رُوئندو به هوس.

**اعجاز: جڏهن هنن توهان کي هتان ڪنيو هيو، تڏهن توهان جي ڪيفيت ڪهڙي هئي؟**

آريسر: جڏهن هنن مون کي ٻَڌو ته پهرين مون سمجهيو ته هيءَ جيڪا اسان "بهاري روڪيو ڪميٽيءَ" طرفان جدوجهد شروع ڪئي آهي، ان جي سلسلي ۾ آيا آهن، پر جڏهن هنن منهنجيءَ زال جو رئو ڪٽي منهنجون اکيون ٻڌيون، ته پوءِ مون کي محسوس ٿيو ته هاڻي مرحلو ٻيو آهي. منهنجي ذهن ۾ ڪابه خوشفهمي نه هئي.

**اعجاز: ڇا توهان کي ان ڳالهه جو افسوس آهي، ته توهان جي تنظيم توهان لاءِ ائين احتجاج نه ڪيو، جيئن ڪرڻ گهرجندو هو؟**

آريسر: نه، دراصل مون کي پنهنجي تنظيم جي طاقت جي خبر هئي. آپريشن جي صورتحال هئي ۽ مون کي اُن جو يقين هو ته انهن حالتن ۾ ڪجهه ٿي نه پئي سگهيو.

**اعجاز: توهان جي لاءِ اهو مشهور ٿيو آهي ته توهان اندر نمازون وغيره پڙهندا هئا.**

آريسر: يقينن مون نمازون پڙهيون- ۽ مان واضح ڪري ڇڏيان ته مان ڪڏهن به نماز جو منڪر نه رهيو آهيان. نه رڳو اتي، پر نمازون مون هتي اچي به پڙهيون آهن.

**اعجاز: اهو به چيو وڃي ٿو ته توهان جي آزادي ڪمپرومائيز جو نتيجو آهي؟**

آريسر: ڪمپرومائيز ڪهڙو؟ آخري بيان، جيڪو مون ريڪارڊ ڪرايو آهي، ان ۾ مون چيو آهي ته، "مان پاڻ کي غلام محسوس ٿو ڪريان." هنن چيو ته "اب ڀي؟" ته مون چيو ته " اس وقت تو غلام سے ڀي ايک درجا بدتر، ايک ذليل قيدي." باقي مون ڇا تي ڪمپرومائيز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو آهي؟

**اعجاز: باقي توهان جي آزادي کهڙن سببن جو نتيجو آهي؟**

آريسر: آزاديءَ کان وڌيڪ توهان اهو پڇو تہ منهنجي گرفتاري کهڙن سببن جو نتيجو آهي؟ مون کان هنن اهي به سوال ڪيا تہ "آپ کي پارٽي ڪے چيئرمين آزاد هين. اور بهت سے ليڊر هين، پهر وه آزاد گهوم رهين هين، آپ يهان کيون هين؟"

مون انهن کي جواب ڏنو هيو تہ "ايڪ تو مين تمام ليڊران سے زياده غريب آدمي هون، مسڪين هون. دوسري بات يہ کہ مين بارڈر ڪے نزديڪ رهنے والا هون اور بالا طاقتين نهين چاهتين کہ اس علائقے مين ڪوئي سياسي قوت ڪے طور پر ابهرے. بالا طاقتين يہ نهين چاهتين، اس لئے جام ساقي بهي سب ڪچهہ چهوڙ ڪر حيدرآباد مين آ گيا هے. اور تيسرا يہ کہ ميرے لئے قومي پريس نے يہ تاثر پيدا ڪيا هے کہ يہ بهارت نواز هے."

هنن مون کي اهو چيو تہ "پهريان ٻہ سبب غلط آهن ۽ پويون صحيح آهي." ۽ مون کين چيو تہ "مان ڀارت نواز ناهيان، پر محب سنڌ آهيان. ان سلسلي ۾ واضح ڪريان تہ جڏهن ڀارت جي وزير خارجہ بيان ڏنو هيو تہ "جيڪڏهن پاڪستان پنجاب ۽ ڪشمير ۾ مداخلت بند نہ ڪئي، تہ اسان سنڌ ۾ مداخلت ڪنداسون-" تہ ان وقت سموري پاڪستان ۾ مان واحد سياسي ڪارڪن هوس، جنهن پريس ڪانفرنس ڪري، ڀارت جي وزير خارجہ کي جواب ڏنو هو تہ: "توهان کي، سنڌ کي غريب جي زال سمجهي، ڀاڄائي چوڻ نہ گهرجي."

**اعجاز: توهان جي گرفتاريءَ کان اڳ سنڌ ۾ ڌوهن جي خلاف جيڪو آپريشن هلي رهيو هو، ان ۾....؟**

آريسر: (سوال کي ڪٽيندي چوي ٿو)... سائين مون اڳ ۾ هڪ جاءِ تي تقرير ڪندي چيو هو، تہ سنڌي ڌاڙيلن ۽ ڌوهارين کي اهو سوچڻ گهرجي تہ ڏاهر جي وقت ۾ عربن جون فوجون ڌاڙيلن جو بهانو وٺي آيون هيون. ان سلسلي ۾ عرب حاڪم ڏاهر کي خط لکيو هو تہ "تون ڌاڙيلن کي ڪنٽرول ڪر." چچ نامي مطابق ڏاهر هن کي جواب ڏنو هو تہ "اهي ڌاڙيل منهنجي ڪنٽرول ۾ ناهن." ان تي مسلمان تاريخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نويسن لکيو هو ته ”ڏاهر اهو ڪوڙ ٿو ڳالهائي.“ جيتوڻيڪ ان وقت سنڌ حڪومت جي ايراضي وڏي هئي، پنجاب به ان ۾ هو، ڪشمير به هو ، پر ڏاهر وٽ ڇا هو؟ نه هيلي ڪاپٽر، نه جديد هٿيار، نه دوربينون ۽ ڪئميرائون. انهن حالتن ۾ به ڏاهر تي تهمت لڳي هئي ته ڏاهر ڪوڙو آهي. اڄ سنڌ جي حڪومت وٽ جديد اوزارن سان ليس هيٺري ساري پوليس آهي، ۽ ايراضي به ننڍي آهي، پوءِ به ڌاڙيل پوليس جي ڪنٽرول ۾ نه پيا اچن، ان ڪري فوج کي استعمال ڪيو ٿو وڃي. سو اسان ڇا سمجهون؟ ڏاهر ڪوڙو هو يا عرب ڪوڙا هئا؟ سو ڌاڙيلن کي مخاطب ٿيندي مون چيو هو ته ”ڌاڙيلؤ! توهان هڪڙي ڳالهه ذهن ۾ رکو، ڪجهه عربن توهان جو بهانو وٺي حملو ڪيو هو، اڄ توهان جو بهانو وٺي پنجاب اسان وٽ ايندو.“

**اعجاز: توهان جي نگاهه ۾ سنڌ کي تاريخ جي هن دؤر ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻ کپي؟**

آريسر: سنڌ پنهنجي مجموعي ڪردار ۾ ٻن محاذن تي پاڻ کي پختو ڪري: هڪ سياسي سوچ ۽ سياسي شعور، ٻيو ڪلچرل محاذ. سنڌ ثقافتي طرح سان پنهنجي ليول ايتري اوچي ڪري، جو سمورو برصغير ان لاءِ سنڌس محتاج ٿي پوي. ان ۾ ماڻهن جا ماڻهن سان رَويا به اچي ٿا وڃن. هن وقت پوري انساني رَويي جي تبديلي ۽ تعمير جي ضرورت آهي.

اسان ڏٺو آهي ته اتهاس ۾ تلوارن جي فتحن کي ثقافتي شڪستن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هڪ دؤر هو جڏهن فوجي ميدان ۾، يونان کي روم فتح ڪيو هو، پر پوزيشن اها هئي ته اهي فاتح رومي جرنيل جڏهن سمهندا هئا، تڏهن انهن جي وهاڻن هيٺان يوناني دانشورن جا ڪتاب رکيل هوندا هئا.

اسان وٽ ته هڪ عجيب مشڪري لڳي پئي آهي، جو اسان پنهنجي وڏي ۾ وڏي شاعر کي به اها اهميت ڏيڻ لاءِ تيار ناهيون. اسان پنهنجي مصور کي اها اهميت نه پيا ڏيون. هو ان ڪري وڏو ناهي، جو هو منهنجيءَ سوچ جي حمايت نٿو ڪري يا مون سان گڏجي پمفليٽ نٿو ورهائي ۽ پوسٽر نه ٿو هڻي، ان ڪري هو وڏو دانشور ناهي، وڏو مصور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"بلڪل." چيائون: "پاڪستان سے؟" مون چيو: "نہ، پاڪستان ڪان نہ، پر پنجاب ڪان، ان ڪري جو پاڪستان جا خالق اسين آهيون. سنڌ اسيمبلي پاڪستان جي مدر اسيمبلي آهي. پاڪستان ڪونہ هو تہ بہ سنڌ هئي. توهان پاڪستان کي يرغمال بڻايو آهي ۽ اسين ان کي آزاد ڪرڻ ٿا چاهيون." مون کين چيو تہ " اسين ڪمزور ماڻهو آهيون، نيڪ آهي، اسان کي دٻائي ڇڏيو، پر "اندرا" ۽ "آدرش" کي توهان نہ دٻائي سگهندؤ. اسان سان توهان هڪ ماڻهوءَ واري مان سان ڳالهايو، توهان اسان سان پيار سان ڳالهايو. توهان سنڌ جي باري ۾ جڏهن اهو چئو ٿا تہ "بنگال اسان کان هڪ هزار ميل پري هو ۽ سنڌ نزديڪ آهي." ان مهل توهان جنگي حڪمت عمليءَ تي سوچيو ٿا. توهان دلين واري حڪمت عمليءَ تي ڇو نٿا سوچيو؟ ۽ اهو توهان جو دليل بلڪل ڪمزور آهي تہ هو هڪ هزار ميل پري هو ۽ اسين ويجها آهيون. ڪيوبا آمريڪا جي هنج ۾ ويٺو آهي، پر اڏول ٿيو ويٺو آهي، ۽ عراق هزارين ميل پري هو، ان کي هن تهس نهس ڪري ڇڏيو. اسان سان اهي ڳالهيون نہ ڪريو. اسان جي دلين ۾ جهاتي پائي ڏسو. اسان سان پيار سان ڳالهايو."

مطلب تہ جڏهن اهي سياسي مسئلا آيا پئي تہ مون ڪٿي بہ، ڪڏهن بہ هنن سان رعايت نہ ڪئي.

**اعجاز: ڇا توهان بہ قيد ۽ تشدد دوران احتجاج وارو طريقو استعمال ڪيو؟**

آريسر: نہ – منهنجو پروگرام هو.

**اعجاز: توهان پڇا ڳاڇا ڪان سواء تہ خاموش رهندا هوندا، سو ان خاموشيءَ ۾ ماڻهوءَ کي مختلف عجيب و غريب خيال ايندا رهن ٿا. ڇا توهان جو خيال ڪڏهن "محبت" واري لفظ تي اُلجهي پيو؟ ڇا توهان انساني دل جي ان عجيب احساس تي ويچاريو تہ محبت ڇا آهي؟**

آريسر: ڪي ڪي شيون هونديون آهن، جن جي ڪائي وضاحت نہ هوندي آهي، ڪري ئي نہ ٿي سگهجي، انهن کي رڳو محسوس ئي ڪري سگهجي ٿو. مون محبت تي سوچيو. آءٌ تہ محبت تي سدائين سوچيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندو آهيان. مون اتي بہ سوچيو، پر ڪجهہ شيون لفظن جي پڪڙ کان پري رهنديون آهن. سو ان تشدد جي مرحلن ۾ مون تي سنڌ جي محبت ڏاڍي مهرباني ڪئي. سچ پچ آءُ سنڌ جي ان ساٿ جو تورائتو آهيان، نہ تہ مون جهڙو ڪمزور ماڻهو ايتري عذاب مان نہ گذري سگهي ها، پر سنڌ جيَ محبت هئي. سو ان اهڙو ڪم ڪري ڏيکاريو، جو بقول اياز:

آئي تنهنجي سار تہ سپرين!
سوريءَ کي آسان ڪري وئي!

مان توهان کي هڪ عجيب واقعو ٿو ٻڌايان:

چار پنج ڏينهن گذري ويا، جو مون کي سگريٽ نہ مليو. مون کي ڏاڍي ٻاڙ لڳي ۽ ڏاڍو پريشان هجان. پڇا ڳاڇا بہ هلي پئي، سو اچي ويهي رهيس. سنڌ جا بزرگ ۽ درويش ذهن ۾ اچي وينا ۽ دل ۾ چيم: "وتايا فقير! ڪٿان سگريٽ تہ پيار!" وري فوري طور ذهن ۾ آيو تہ چرچائي آهي، سو دل ۾ چيم: "وتايا فقير! مون بس ڪئي، ڪهڙي خبر تون سگريٽ سال ڪانپوءِ ڪٽي اچين!"

**اعجاز: جيڪڏهن توهان کي اتي پيشڪش ٿئيٰ ها تہ ڪنهن بہ هڪ ماڻهوءَ جو نالو ڪٽو، جنهن سان اوهان جي ملاقات ڪرايون، توهان ڪنهن جو نالو ڪٽو ها؟**

آريسر: آءُ پنهنجي ڌيءُ اندرا جو نالو ڪٽان ها.

**اعجاز: اندرا توهان جي طاقت آهي يا ڪمزوري؟**

آريسر: مون هاٽي محسوس ڪيو آهي تہ منهنجي ڪمزوري آهي. مون کي اتي اهي ساروٽيون پئي آيون، جڏهن سيپٽمبر ۾ مان اندرا کي ڪارونجهر تي وٺي ويو هوس.

مون حضرت شيخ الهند جو، جيڪو اسان جو ديني رهبر آهي، تفسير پڙهيو هو، جنهن ۾ لکيل هو تہ "توهان جي ملڪيت ۽ توهان جو اولاد توهان لاءِ آزمائش آهي." پوءِ اها ڳالهہ ياد ڪري، مون اندرا کي ياد ڪرڻ ۽ هن لاءِ روئڻ بند ڪري ڇڏيو هو.

مون کان پڇيو هيائون تہ " آپ کو ايک بيٽي بهي هے نا؟" مون چيو "ها." پڇيو هيائون تہ "اس کو ڪوئي عارضہ بهي تها ڪيا؟" مون چيو تہ " ها، هن جي دل جي ڌڙڪن تيز هئي." ان تي نموني سان

چيائون: ”بس يہ خدا ڪي قدرت هے.“ اتي مون سمجهيو تہ هيءَ ڪا بدمعاشي آهي، سو مون چيو: ” ها، خدا ڪي قدرت هے.“

**اعجاز: توهان سان هن جون پيون ڪهڙيون ڳالهيون ٻولهيون ٿيون؟**

آريسر: مون کان ٢٦ ڊسمبر تي دودي مهيريءَ جو پڇيائون. مون کي رات جو دودي جي باري ۾ پنج ڪلاڪ ويهاري وينا هئا. مون کي دودي جي گرفتاريءَ جي خبر نہ هئي. مون کان پڇيائون تہ ”دودے کے بارے مين کيا جانتے هو؟“ مون چيو تہ ”ترقي پسند پارٽي، جنهن ۾ دودو آهي، ان سموري پارٽيءَ ۾ شريف ترين ماڻهو دودو آهي، جنهن جي دامن تي ڪنهن بہ جرم جو داغ ڪونهي.“

پڇيائون تہ ”پوءِ بہ؟“ مون چيو ”دودو، دودو آهي:“

پوءِ پڇيائون تہ ” آريسر صاحب، اگر يہ بات هے تو آپ کو چوڙ کر وهان کيون گيا؟“

مون چيو تہ، ”بات يہ هے کے هم مين جو سياسي ڪارڪن اور عورتين هين، ان دونون کي ايڪ ڪمزوري هے. وہ هے گاڙي.“ هن چيو تہ، ” يہ کهو کہ سياستدان کي ڪمزوري عورت اور گاڙي هے!“ مون چيو ”سياستدان کي ڪمزوري عورت اور گاڙي نهين هے.“ اُن تي پڇيائون: ”کيون؟“ مون هن کان پڇيو: ” کيا جناح صاحب، گانڌي اور غفار خان کي ڪمزوري بهي عورت اور گاڙي تهي؟“

پوءِ يڪو لڳا رهيا: ” دودوڪا ڪوئي ايڪ واقعہ؟“ مون چيو تہ ”دودو نہ، گهٽ ۾ گهٽ دودو مون کان وڌيڪ شريف ماڻهو آهي.“

ان وقت مون کي دودي جي گرفتاريءَ جو پتو نہ هو. مان ١٨ آڪٽوبر تي ٻڌو ويو هوس ۽ دودو مون سان فنتاز هوٽل حيدرآباد ۾ پليجي واري ميٽنگ ۾ ١٦ آڪٽوبر تي مليو هو.

**اعجاز: چڱو پلا پليجي جو ذڪر آيو آهي، تہ ٻڌايو تہ پليجي ۽ ممتاز ڀٽي مان توهان کي ڪير ويجهو آهي؟**

آريسر: اهو سوال اڳين آهي تہ آصف بالادي ۽ اعجاز منگيءَ مان ڪير توکي ويجهو آهي؟ آئون ڪهڙو فيصلو ڪري سگهان ٿو؟ باقي پليجو منهنجو دوست آهي. سنڌ جو دانشور آهي. ممتاز صاحب ڪرم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرما ٿي سگهي ٿو. هن جي مهرباني آهي، جو قومپرست سياست ۾ آيو آهي. پليجو مون کي چا به چوي، منهنجي لاءِ يا جي ايم سيد لاءِ هن جا ڪهڙا به رمارڪس هجن، پر پليجو پليجو آهي. هڪ مسڪين ماڻهو، جيڪو هاڻي پجيرو ۾ چڙهي ٿو. اسين ته ان وقت ۾ به گڏ هئاسين، جڏهن سندس ڪار کي ڌڪو ڏيندا هئاسين - ۽ سنڌ ۾ جن تمام ٿورڙن ماڻهن، بلڪ ٻن ماڻهن پنهنجي شخصيت ذهن جي زور تي مڃائي آهي، انهن ۾ پهريون نمبر پليجو آهي.

**اعجاز: ٻيو نمبر؟**

**آريسر:** ٻيو نمبر ڪير به هجي، اها الڳ ڳالهه آهي.... باقي پليجي ۾ انا واري ڪمزوري آهي. مولانا آزاد لکيو آهي ته ”ايگو(انا) استعمال ڪرڻ جا به طريقا آهن.“ پليجي کي ايگو استعمال ڪرڻ جو طريقو نه ٿو اچي. اها ساڳي بيماري مولانا آزاد ۾ به هئي. سو پليجي جيڪا مار کاڌي آهي،.اها ”مان“ جي ڪري کاڌي آهي.

سنڌ، اياز جهڙو ماڻهو پئدا ئي نه ڪري سگهي آهي، پر سنڌ رسول بخش پليجي جهڙا ماڻهو به گهٽ پيدا ڪري سگهي آهي. پير حسام الدين راشدي چواڻي: ” اهي مائرن ته مري ويون، جيڪي دريا خان کان پوءِ جي ايم سيد جهڙو پٽ ڄڻين.“ پر آئون سمجهان ٿو ته اهي مائرون به مري ويون، جيڪي پليجي جهڙو پٽ ڄڻين. (اختلاف پنهنجيءَ جاءِ تي).

**اعجاز: توهان کي جن به ڪجهه ڪردارن سان محبت رهي آهي، نذير عباسي به انهن مان هڪ آهي. ڇا توهان کي اتي نذير عباسي ياد آيو؟**

**آريسر:** حيدرآباد ۾ نه، پر جڏهن مون کي ڪراچيءَ وٺي ويا ۽ جڏهن اتي آءٌ سيل ۾ اندر ٿيس، اتي پٽ تي تڏو وڇايل هو، جڏهن دروازو بند ٿيو ته هڪ آواز آيو ” پٽي ڪولو!“ مون پٽي کولي. مون کي چيائين ته ”سلوار کولو!“ مون چيو ”ڪيون؟“ ته يڪدم ٻي سٽڻ اڇلي ڏنائين، جنهن ۾ رٻڙ وارو اگهٽ پيو هو. پوءِ مان سمجهي ويس ته هتي هي سُٽ وارو اگهٽ ڏيڻ ڪونه ٿا چاهين ته متان قيدي خودڪشي ڪري. سو اتي نذير عباسي مون کي شدت سان ياد آيو. پوءِ مون سيل جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سموريون ديواريون ڳوليون ته ڪٿي متان نذير پنهنجو نالو لکيو هجي. مون اتي سوچيو ته اسان جيڪي مسڪين ڪارڪن آهيون، انهن جو حشر هڪجهڙو ئي ٿيٺو آهي. مون کي انهن حالتن ۾ نذير تمام گهڻو ياد آيو..... جڏهن مون کي اکيون ٻڌي هتي قلعي ۾ ويهاري وينا هئا ته کو آفيسر ٻئي کي چئي رهيو هو ته ”ايسي باتين اگر کل بينظير ڀٽو ڪري، تو ڪيا آپ اس ڪي بهي آنکهين باندهه کر لے آئين گے ؟ آپ ممتاز ڀٽو سے يہ حشر کيون نهين کرتے ؟“ يعني ان آفيسر منهنجي غريبيءَ واري حوالي سان ڳالهه ٿي ڪئي. بهرحال نذير ته مون کي هونئن ئي ياد هوندو آهي، پر ان عرصي ۾ هو مون کي ڏاڍو ياد آيو.

(هو ڪجهه وقت اونهي خيال ۾ ٻڏي ٿو وڃي ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ پاڻ مرادو ڳالهائڻ ٿو لڳي ته)

باقي اعجاز صاحبؔ! هتي ٻاهر اچي سوچيون ٿا ته اهي سڀ شيون طئي ڪري آيا سين، تڏهن آيا سين. اها جيڪا حالت ٿي، ذهن جي، اها توهان تصور نه ٿا ڪري سگهو. الائي ڇا هو؟ الائي ڇا هو؟ يعني ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تي به انسان سان ائين ٿئي ٿو. توهان کي هڪ واقعو ٻڌايان:

اسان حيدرآباد ۾ هيا سين. اتي ٽائيم کان سواءِ پيشاب نه ڪبو هو. حيدرآباد جي هڪ نوجوان کي سخت پيشاب لڳو. هن چيو ” ڊبے مين ڪرو.“ اکيون ٻڌل، ڏينهن جو ٽائيم هجي، وڏو مسئلو ٿي ويو. هڪ هال ۾ به ٽي ڄڻا هجون. هن پيشاب ڪيو، جيڪو ڪجهه پٽ تي هيڏانهن هوڏانهن هارجي پيو. ان تي ڪيس چيائون ته اهو زبان سان چٽ! سنڌ جو نوجوان، پلي اهو الذوالفقار ۾ ڇو نه آيو هجي، ان کي اهو چوڻ ته فرش تي ڪريل پيشاب زبان سان چٽ! مون سوچيو ته مان هاءِ ڪورٽ ۾ اهي شيون ضرور پيش ڪندس.

**اعجاز: توهان سنڌ جي نوجوانن کي ڇا ٿا چوڻ چاهيو؟**

**آريسر:** سنڌ جو ڪهڙو نوجوان؟ سنڌ جو نوجوان رڳو اهو ته ناهي، جيڪو يونيورسٽيءَ يا ڪاليج ۾ پڙهي ٿو. سنڌ جو نوجوان اهو به آهي، جيڪو پورهيو ٿو ڪري. ان کي اها به خبر ناهي ته سنڌ ڪا شيءِ به آهي. اسان سان وڏي ويڌن آهي ته اسان پنهنجي ماٺهوءَ جي ذهن ۾ سنڌ ويهاري ئي نه سگهيا آهيون.

**اعجاز:... اڄ عام شاگرد، سياست کان ڇڙي رهيو آهي.**

جي ڳالهه آهي، سڻي ڳالهه آهي.... ۽ مون اهو به سوچيو هو ته هاءِ ڪورٽ ۾ مان اها دانهن به اتاريندس ته "هن منهنجي گهر واريءَ جو رئو گم ڪيو آهي، ۽ اسان سنڌي ماڻهو پوتيءَ ۽ پڳ جو پلاند نه ڇڏيندا آهيون." چنيسر جيتوڻيڪ غدار هو ۽ ڌاريون فوجون سنڌ تي چاڙهي آيو هو، پر ان جي سامهون جڏهن خلجيءَ جي سپهه سالار چولي ڪنيارڻ جي پوتي ڇڪي هئي، ته هو ان سان اٽڪي پيو هو.

**اعجاز: ڇا سنڌ جي سياست ۾ توهان کي وقت کان اڳ کي تبديليون ايندڙيون نظر اچن ٿيون؟**

**آريسر:** مان سمجهان ٿو ته برصغير ۾ تاريخ تي اهڙا ماڻهو پيدا ڪيا آهن، جن جون نگاهون وقت جا پردا چيري سگهن ٿيون. ابوالڪلام آزاد ته گذاري ويو. شيخ اياز ۽ جي ايم سيد ڇا ٿا چون، ان معاملي ۾ مون کي نهرو انهن کان گهٽ ٿو نظر اچي. سو آءٌ انهن **(اياز ۽ سيد) جو چيلو آهيان، جيڪي هو چوندا، آءٌ اُن تي عمل ڪندس.**

مون هڪ رات خواب ڏٺو. سائينءَ جي بنگلي ۾ وينا هجون. اتي مولانا آزاد ۽ نهرو آيا. اتي ماني وغيره ٽيبل تي لڳي پئي هجي. جنهن ۾ مڇي ۽ گوشت وغيره هجي. مان سائينءَ کي چوان ٿو، "سائين نهروءَ لاءِ گوشت؟" سائين چوي ٿو: "توکي خبر ناهي ته نهرو ڪلچرلي مسلمان آهي." سو مون کي چون ٿا: "توهان گڏ کائو." مان چوان ٿو ته "مان گڏ ڪيئن کائيندس؟ سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. مون ۾ ايترو دم ئي ناهي." ۽ سائين به هنن سان گڏ نٿو کائي. سو جيڪا ماني هو اوبر ڪري بچائين ٿا، سا آءٌ کاوان ٿو. سائين وري چوي ٿو ته "وري هي کائين ٿو؟" مان چوان ٿو، "سائين اها ئي ته مون لاءِ سعادت آهي ته مان هنن جي اوبر کاوان ٿو." پوءِ سائين مولانا صاحب کي لائبريريءَ ۾ وٺي ٿو وڃي. مان هنن سان گڏ آهيان، مولانا صاحب چوي ٿو: "شاهه صاحب! وه فلان فلان ڪتابين نهين هين، مين ني تو بهت تعريف سني تهي آپ کي لائبريري کي." سائين چوي ٿو ته "اهي ڪتاب ماڻهو ڪٺي وڃا آهن." پوءِ سائين ڪيس مولانا جي ڪتابن جي سيڪشن ڏانهن وٺي ٿو وڃي ته "آپ کي يه ڪتابين هين." ڪتاب ڏسي مولانا صاحب ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوي ته ”منهنجا فلاڻا فلاڻا ڪتاب ته هن ۾ آهن ئي ڪونه.“ انهن ڪتابن جي سائينءَ کي خبر ڪانه هئي.

اتي دروازي کي ڌڪ لڳو ۽ منهنجي اک کلي وئي.

**اعجاز: تاريخ انسانيءَ ۾ توهان جو آئيڊيل ماڻهو ڪير آهي؟**

آريسر: سموري تاريخِ انساني ۾؟

**اعجاز: ها -!**

آريسر: مان سموري انساني تاريخ جي سمورن انسانن کان واقف ته ناهيان.

**اعجاز: جن کان توهان واقف آهيو، تن مان؟**

آريسر: ان لاءِ به مختلف حوالا آهن، مختلف حوالن سان مختلف ماڻهو آهن.

**اعجاز: بحيثيت مجموعي؟**

آريسر: بحيثيت مجموعي، منهنجو ڪوئي آئيڊيل ناهي.

**اعجاز: جدا جدا حيثيتن ۾؟**

آريسر: مذهب ۾ منهنجو آئيڊيل محمد رسول الله صلعم آهي. بحيثيت انسان منهنجو آئيڊيل گانڌي آهي، بحيثيت عالم منهنجو آئيڊيل مولانا آزاد آهي.

**اعجاز: توهان جي سموري زندگيءَ ۾ خوشيءَ جو سڀ کان وڏو لمحو ڪهڙو آيو آهي؟**

آريسر: اهو اڃا آيو ئي ناهي.

**اعجاز: پلا ڏک جو لمحو؟**

آريسر: آءٌ سمجهان ٿو اهو به نه آيو آهي.

(ڪجهه ويچاريندي) منهنجي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو خوشيءَ وارو لمحو اهو هوندو، جڏهن حيدرآباد جي قلعي تي سنڌوديش جو جهنڊو چڙهندو- ۽ منهنجي لاءِ پنهنجي زندگيءَ جو تاريڪ ترين لمحو اهو هوندو، جڏهن سائين جي ايم سيد جو ڏيٿ (وفات) ٿيندو.

(ڪجهه دير ماٺ ۾ ويهي هن کي وري قيد جي هڪ ڳالهه ياد ٿي اچي)

هڪ پيري هتي مون کي چيو ته ” سندهي سب پاڪستاني هين“ ، مون کين چيو ته ”ٺهيڪ هي سندهي همارے ساتهه نهين هين، ليڪن وه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نوٽ بُڪ جا ٽڪرا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نوٽ بُڪ جا ٽڪرا

”فن کي زندهہ رکڻ لاءِ، انهيءَ ذوق جا ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ ضروري آهن. جڏهن ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ ئي نہ رهندا آهن، تہ پوءِ فنڪار فن جي بلندين تان هيٺ لهي، نيچ شيون پيش ڪرڻ لڳندو آهي.“

اهي سٽون قرة العين جون آهن، جيڪي سچائيءَ تي شاهد هجڻ جي باوجود سمورو سچ ناهن. جيڪڏهن اهو خيال سمورو سچ هجي ها تہ پوءِ اسين پٺائيءَ ۽ اياز کي ڪٿي ۽ ڪهڙي جاءِ ڏيون ها!؟ ☐

”انهيءَ قوم مان ڪهڙي چڱائي تي سگهي ٿي، جنهن پر سدائين موت جو جام گردش ڪندو هجي، ۽ جيڪا صبح شام هڪٻئي کي پالن جي اٿين جا سلام موڪليندي رهي!“ ☐

ابونواس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اک ساري رات نہ جهپکي آ

اڄ ٽيئن رات آهي، مون ساري رات جاڳندي گذاري آهي. اڄوڪي دؤر ۾ آءُ جيترو دٻاءَ جو شڪار رهيو آهيان، اوترو شايد ئي ڪڏهن رهيو هجان. منهنجي اڄ حالت اهڙي آهي، جُهڙي هِن دڪايل ڌرتيءَ سنڌ جي، جيڪا اندرئين ۽ ٻاهرئين دٻاءَ هيٺ جهرندي رهي ٿي. منهنجا دوست ۽ ساٿي منهنجو درد سڃاڻڻ کان وانجهيل آهن، يا سمجهڻ جي ڪوشش نٿا ڪن. انهن مان هرڪو پنهنجي اصول جي خول جو قيدي آهي. خدايا! اهو وقت ڪڏهن ايندو، جڏهن اسين پنهنجي اصول جي خول مان نڪري، ڪنهن انسان جي دل مان نڪرندڙ دونهن ۽ جگر مان ٽمندڙ رت جي حقيقي پس منظر ۾ ڏسي سگهنداسين. ڇا انساني زندگي انهن خانن ۽ خولن جو تالو آهي، جيڪي اسان پنهنجي انا کي لولي ڏيڻ لاءِ تيار ڪيا آهن؟ آءُ سمجهان ٿو ته ائين ناهي، پر ڇا ڪريان، جنهن ماحول ۾ آءُ جيان پيو، اتي ائين ئي ٿئي پيو. ڪنهن کي منهنجا دوست نٿا وڻن، ڪنهن کي منهنجون عادتون نٿيون وڻن، ڪنهن کي منهنجي ڪم جو طريقو ۽ انسانن سان ورتاءَ نٿو وڻي، پوءِ بہ مون کي گهليندا رهن ٿا. شايد اُن ڪري، جو اُهي اهڙي سفر جا راهي آهن، جتي بدبودار پاڻي بہ انساني ضرورت بڻجي ويندو آهي. پر آءُ بي پرواهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادلن وانگر پٽڪندڙ مسافرن لاءِ بدبودار دٻو ٿيڻ نٿو چاهيان. آءُ پل پل ٽٽي هجان، پر هجان ڪارونجهر جي هنج ۾. پل سڪل ٻوٽو ٿي هجان، پر هجان پوڙيسر جي پوڻ تي. زندگي، اصل ۾ آزادي ٿي آهي، اصولن ڪان، ضابطن ڪان، ڪنهن جي پيچو ڪندڙ نگاهه ڪان، ۽ پيغمبرانه وعظ ڪان. انسان کي اهو حق ته هجڻ گهرجي ته هو پنهنجي ذهني ۽ ذاتي زندگيءَ ۾، پنهنجا رستا ۽ راهون اختيار ڪري سگهي. ڪٿي پڙهيو هئم: ”پکين ۾ پيغمبر اچن ها ته؟ “جواب هو، ”پکي پاڻ پيغمبر آهن!“ پر آءُ سمجهان ٿو ته جيڪڏهن پکين ۾ پيغمبر اچن ها ته پکي اڏامي نه سگهن ها، ۽ وڻن جي لامن ۾ پنهنجي گيتن جي چمڻ جو رس اوتي نه سگهن ها. اڄ ڪلهه آءُ پيغمبرن جي گهيري ۾ آهيان، جن جي لفظن جي پالن ۽ نگاهن جي ڪهاڙين، منهنجي سڪون جي ديويءَ جا اُرهه ڪپي ڇڏيا آهن، جن مان رت جا نيسارا وهي رهيا آهن. ڪراچيءَ آيس سُڪون لاءِ، آس کي رنگ - رتو روپ ڏيڻ لاءِ، پر هتي اچي گهاءَ وڏيڪ گهرا ٿي ويا آهن. جن کي ويچ سمجهيم، سي جلاد بنجي ويا آهن. منهنجي لاءِ هر مرد صادق علي ۽ هر عورت ماتا هري بنجي پئي آهي!

هــي ڪــائــنــات رنـــگ و بُو،<br>
مَســـرتـــن جِيّ جُســـتـــجو.<br>
ڪـــٿــي آن بِرَڪـــا راتـــڙي!<br>
تـــلاشـــيـــو مُون ڪُو بــڪُو.

# لفظن سان وفاداري

هڪ تخليقڪار نہ رڳو لفظن جو خالق ٿيندو آهي، پر پنهنجن انهن لفظن جو پالڻهار پڻ هوندو آهي. لفظن جي پالنا ۽ پرورش جو مطلب اهو آهي تہ تخليقڪار انهن لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم سان نہ رڳو سچو رهي، پر پنهنجي عمل وسيلي انهن جي سچائيءَ ۽ سونهن کي وڌائيندو ۽ سنواريندڙ پڻ رهي. بلڪل اهڙي پاٻوهہ ۽ محبت سان، جهڙي پاٻوهہ ۽ محبت سان هڪ ماءُ پنهنجي وياءَ سان هر قدم تي پنهنجي سچي محبت جو ثبوت، پنهنجي عمل ۽ ادائن سان ڏيندي آهي. جيڪڏهن ڪو تخليقڪار پنهنجي لفظن کي پالي ۽ تاتي نہ ٿو، تہ پوءِ اهو اُن ڪنواري ماءُ وانگر آهي، جيڪا پنهنجي ٻار کي گُهٽو ڏيئي ماري ڇڏيندي آهي يا گٽر ۾ اڇلائي ڇڏيندي آهي. آءٌ جڏهن" تخليقڪار" جو لفظ استعمال ڪري رهيو آهيان، تڏهن منهنجو مطلب آهي شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ مقرر، خاص ڪري سياسي مقرر. اُهي سڀ جيڪڏهن پنهنجي تخليق سان سچا ناهن ۽ انهيءَ کي پاٻوهہ سان پالين ۽ تاتين نٿا ، تہ پوءِ اهي تخليقڪار نہ پر لفاظ آهن، يا ڪنواريون مائرون آهن.

اُسان وٽ ڪيترن ئي قسمن جون وفاداريون آهن، پر جنهن وفاداريءَ جي اٿاٺ آهي، سا آهي لفظن سان وفاداري. جڏهن خالق پنهنجي لفظن سان وفادار نہ رهندو آهي، تڏهن لفظ پنهنجي سونهن، نزاڪت، وقار، ڪاٽ، اثر ۽ حيثيت وڃائي، آواره ٻارن وانگي ٿي ويندا آهن. اهو ئي سبب آهن جو اسان جي هڪ اديب سياستڪار ڪي اهو ماتم ڪرڻو پيو آهي تہ لفظن جو تقدس ختم ٿي ويو آهي. هن کي اهو ماتم ان ڪري ڪرڻو پيو، جو ان سياستڪار سميت اسان جا گهڻا تخليقڪار، لفظن ذريعي رڳو دلين جو شڪار ڪندا آهن. اهي نہ رڳو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دماغن ڪي سوچڻ نہ سيکاريندا آهن، پر انهن لفظن تي عمل بہ نہ ڪندا آهن، نتيجي طور اسان جا اهي عظيم فنڪار، لفظن جي اثر ۽ تقدس کان مايوس ٿي ويا آهن.

جمال ناصر پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "فلسفئہ انقلاب" ۾ هڪ واقعو لکيو آهي تہ " منهنجي پارٽيءَ مون کي حڪم ڪيو تہ فلاڻي وزير کي قتل ڪرڻو آهي. اسان پارٽيءَ جو حڪم مڃيندي ان ماڻهوءَ جي قتل جي رٿابندي ڪئي. اسان جي منصوبي مطابق اهو ماڻهو مقرر رستي تان مٿيو، ۽ اسان باهہ اوڳاڇيندڙ هٿيارن جا رخ، اُن جي موٽر ڏانهن ڪري ڇڏيا. جڏهن اسان جون گوليون موٽر تي لڳيون، تہ موٽر ۾ وينل وزير جي زال بي تحاشا رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون، ۽ آءُ انهن رڙين کان ايترو متاثر ٿيس، جو اها سموري رات سمهي نہ سگهيس – ۽ ان عورت جي دانهن مون کي هميشه لاءِ انفرادي دهشتگرديءَ جو مخالف بنائي ڇڏيو. نتيجي طور مون جڏهن پنهنجي ساٿين سان گڏجي مصر ۾ فوجي انقلاب آندو، تہ ان سموري عمل ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي تشدد ذريعي ڪابہ رهنڊ نہ آئي. جيتوڻيڪ مون تي ڏاڍو زور آندو ويو تہ شاهہ فاروق کي قتل ڪيو وڃي، پر مون ڪين ڇيو تہ شاهہ فاروق جو معاملو آءُ تاريخ جي حوالي ڪريان ٿو، ۽ تاريخ جو فيصلو ئي ابدي هوندو آهي، جيڪو قومي مجرمن کي وطن جي تاريخ جي صفحن تان ائين ميساري ڇڏيندو آهي، جيئن اسڪولي ٻار پنهنجي سليٽ جا اکر ميساري ڇڏيندو آهي."

پر شايد منهنجو واسطو هڪ اهڙي جنتا سان آهي، جنهن جي دلين ۽ دماغن تي نہ ڪيسر جون دانهون، ۽ نہ اندرا جا ڳوڙها پنهنجي وحشيانہ طبيعت تبديل ڪرڻ تي مجبور ڪري سگهيا. ان ڪري، جو شايد انهن ۾ ڪوبہ ناصر، ڪوبہ نجيب ڪونہ هو.

# هماليا، آءٌ ۽ وقت جي وڇوٽي

خبر ناهي ڪيتري وقت کان پوءِ آءٌ وقت جي ڏوڙ ۾ لٿڙجي، ليٿڙجي ۽ ڏڪا ٿابا کائي، سنڌي شاعريءَ، علم ۽ فڪر جي هماليا شيخ اياز سان ملڻ ويس. وچ واري دؤر ۾ اسان ۾ ڪي قدر رنجشون رهيون هيون. هن پنهنجي صاحب لاءِ ڪي ڳالهيون چيون هيون، شاهه عنايت ۽ مخدوم بلاول جي حوالي سان. منهنجي نظر ۾ اهي صحيح نه هيون. ان ڪري مون هڪ زوردار مضمون اياز جي خلاف لکيو هو، جنهن ڪري رنجشون پيدا ٿي پيون هيون. مضمون لکڻ جي باوجود اياز جي شاعريءَ جي مهانتا ۽ ان جا اُلا ڪڏهن به منهنجيءَ دل ۾ جهڪا نه ٿيا هئا. جنهن جو اظهار آءٌ وقت بوقت ڪندو رهندو هئس. پر پوءِ به وچڻ کان اڳ ۾ سوچيم پئي ته خبر ناهي اياز مون سان ملي الائي نه!

خير، جڏهن ڪلفٽن واري سندس فليٽ جي گهنٽي وڄايم ته هڪدم سندس نوڪر دروازو کوليو، ۽ نالو پڇي اندر هليو ويو– ۽ وري اُنهيءَ گهڙي واپس اچي چيائين ته ”اچو!“ جيئن ئي اندر گهڙياسين ته اياز تائيت ڊريس ۾ بيٺو هو. آءٌ عادت موجب اياز سان جُهڪي مليس. منهنجو اهو جُهڪڻ شيخ اياز شخص لاءِ نه ، پر سندس انهيءَ سدا بهار ۽ لازوال ذات لاءِ هو؛ جنهن ذات، سنڌڙيءَ ساريءَ کي ڳاڙهو ڪنبو بنايو هو، جيڪا تعليمي ادارن کان اڳتي وڌي مندر ۽ مسجد تائين پهچي وئي هئي؛ جيڪا هاڻي پڙهيل ماڻهن کان ٿيندي، الهڏني خاصخيليءَ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسلم تنيي جي سريلن آوازن ذريعي ڏنار ۽ پنهوار کي پنهنجي ياکر ۾ پري رهي آهي. مون کي يقين آهي ته هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي، جو ساري سنڌ نه رڳو اياز جي چيرين جي ڇم ڇم تي رقص ڪندي، پر انهيءَ جي روشنيءَ جي گهيري ۾ گهيرجي ويندي.

جوڳين ۾ روايت آهي ته جتي نانگن ۽ بلائن جو آزار هجي ٿو، ته اتي سمهنڌڙ مسافر پنهنجي پاٿاريءَ جي چوڌاري پڙ ڪڍي گوڳي چوهاڻ جو منتر پڙهي سمهن، ته جيئڻ ڪڪجي نه وڃن. سو آءٌ به سمجهان ٿو، ته جيڪڏهن اجوڪي سنڌ پنهنجي چوڌاري اياز جي شاعريءَ جو پڙ ڪڍي، ان ۾ سندس مرشد جو منتر پڙهي، ته مٿس حملو ڪندڙ ارڙ بلائن کان محفوظ رهندي.

انهيءَ دوران اهڙي شاعريءَ جو مالڪ اسان کي اندر وني ويو... پر ترسو! اندر وڃڻ کان اڳ مون جڏهن پاڻ کي سندس ياڪرن ۾ محسوس ڪيو ته خبر ناهي ڇو مون کي لڳو ته منهنجي سرير جي انگ انگ ۾ مسرت ۽ قرار جي هڪ اهڙي لهر ڊوڙي ويئي، جيڪا شايد هڪ صوفيءَ کي ان وقت محسوس ٿيندي آهي، جڏهن هُن ۽ خدا جي وچ ۾ ڪو پردو نه رهندو آهي. پر ويچاري صوفيءَ جي ان وقت ڪهڙي حالت هوندي، جڏهنً هو محبوب حقيقيءَ جي ياکر ۾ هجي. پر آءٌ سمجهان ٿو ته اها سعادت اڄ تائين ڪنهن صوفيءَ جي مقدر ۾ لکجي نه سگهي آهي.

اسان اندر ڊرائنگ روم ۾ وڃي ويناسين. هڪٻئي ڏانهن ڏٺوسين، نه هن کي ڪا پيشماني هئي، ۽ نه ئي آءٌ شرمندو هئس پنهنجي لکڻ تي، انهيءَ ڪري جو اسان ٻنهي پنهنجي پنهنجي ضمير جو اظهار ڪيو هو- ۽ اهو ضمير جو ئي آواز آهي، جنهن سنڌ جي هر ڏاهي ۽ باشعور ماڻهوءَ کي گهاڻن، تياسن ۽ ڪوڙن جي ٽڪنڪين ۾ پيڙايو ۽ ٽنگايو آهي.

آءٌ اياز ڏانهن ڏسندو پئي ويس. حقيقت هيءَ آهي ته سنڌ جي ٽن ماڻهن کي جڏهن آءٌ ڏسندو آهيان ته اُهي مون کي هن ڪائنات رنگ و بو جا ماڻهو ئي نه لڳندا آهن. جي ايم سيد کي ڏسي مون کيِ لڳندو آهي ته هي يوناني پروميٿيس ديوتا آهي. پير حسام الدين راشدي، مون

ڪي ڪائنات جي علم، جلال ۽ اساطير جو ديومالائي ڪردار لڳندو هو- ۽ اياز! سچ پچ ته ان کي آءٌ ڪنهن به تشبيهه، ڪنهن به استعاري ۾ بند ئي نه ڪري سگهندو آهيان. اياز جون اکيون مون کي اهڙيون لڳنديون آهن، جو آءٌ سمجهندو آهيان ته هن اکين جيڪڏهن ڪنهن حامله عورت ڏانهن ڏٺو ته ڳيبرڻ ۾ پيل ٻار جي بُت ۾ به سيئاندا پئجي ويندا- ۽ سندس پرون چيتي شينهن جي پروئن وانگر لڳندا آهن، جيڪو د شمن تي جهپ هڻڻ لاءِ تيار هجي.

چانهه مان واندا ٿياسين ته پوءِ اياز ڳالهائڻ شروع ڪيو. جڏهن اياز ڳالهائيندو آهي، تڏهن ائين محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ سموريءَ دنيا جو ادب، شاعري، تاريخ ۽ فلسفو سندس اڳيان پڪڙيو پيو آهي، ۽ سموري دنيا جا اديب، شاعر، فلسفي ۽ تاريخدان، سندس آڏو ائين بيٺا آهن، جيئن هارون الرشيد جي سامهون ٻانهيون بيهنديون هيون، جن مان هر هڪ جي خواهش هوندي هئي ته بادشاهه سلامت اڳ ۾ مون کي طلب ڪري. بلڪل ائين ئي هر شاعر، اديب، فلسفي ۽ تاريخدان جي ڄڻ خواهش هجي ته اياز منهنجو حوالو ڏئي. هو ڳالهيون ڪندو رهيو، جن ۾ ڪڏهن اندلث جا رنگ هئا، ڪڏهن ٻار جي مرڪ هئي ته ڪٿي ڪنوارن اُرهن جي دلڪشي، ته ڪٿي ڏاهر جي شهپر جو موڙ هو. ڪٿي چارڻ جي چنگ جو آواز هو، ته ڪٿي سنڌ جي روح جي ازلي ۽ ابدي دانهن هئي. هن چيو ته ”آءٌ ترڪيءَ ويو هئس. اتي قونيا ۾ مون درويشن جو باهه تي رقص ڏٺو ۽ پوءِ گائيڊ کي چيم ته مون کي هني بال جي قبر جا نشان ڏيکاريو.“ گائيڊ چيو ته ”سائين! اهي تمام مٿي پهاڙ تي آهن، توهان پهاڙ تي چڙهي سگهندؤ؟“ چيم ته ”ها، آءٌ نه رڳو وڏن وڏن پهاڙن کي اورانگهيندو رهيو آهيان، پر پهاڙ پٽون به ڪندو رهيو آهيان.“ منهنجي هڪ دوست چيو ته ”سائين! هني بال ڇا ڪيو هو، جو توهان جي اُن ۾ دلچسپي هئي؟“ اياز چيو ته ” هن روم ڊاٺو هو. روم، جيڪو جبر ۽ استعماريت تي بڌل هو. مون به پنهنجي ذات جي ذريعي ڪوئي روم بار بار ڊاهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي.“

جمهوريت جي سلسلي ۾ ڳالهائيندي اياز چيو ته ”هڪڙي ماڻهوءَ مون کي خط لکيو ته تون جمهوريت جمهوريت پيو چوين، پر جمهوريت

جي باري ۾ اقبال چيو آهي تہ "جمهوريت واري نظام کان پڄ ۽ ڪنهن مضبوط ارادي واري جو غلام ٿيءُ، ڇو تہ ٻن سَون گڏهن جي دماغ مان هڪ انسان جو دماغ پيدا ڪونہ ٿيندو آهي." ڪيس جواب ڏنو تہ "اهو صحيح آهي، پر پوءِ بہ آءُ هڪ "گڏهہ" کان ٻن سَون گڏهن کي بهتر سمجهان ٿو." انهيءَ جملي ۾ جمهوريت لاءِ جيڪو بليغ اشارو آهي، تنهن کي سمجهو ڪي سمجهن!

اياز چيو تہ "بنيادي شيءِ آهي انسانيت يا ماڻهپو. سموري انساني تاريخ جي فڪري جدوجهد انهيءَ لاءِ ٿي آهي، تہ انهيءَ ڳالهائيندڙ جانور کي انسانيت ۽ ماڻهپي جي سطح تي آڻجي. حقيقت ۾ ماڻهن کي آءُ ٽن درجن ۾ رکان ٿو: آدم جو اولاد، جيڪو اشرف المخلوقات آهي؛ ڊارون جي نظريي مطابق باندر جو اولاد، جنهن جي سمجهہ جي سطح تمام هيناهين آهي، ۽ گڏهہ جا ڦر، جيڪي يا تہ ڪُنبا رهن ٿا، يا خلق آزاريندا رهن ٿا."

گفتگو هلندي منهنجي مضمون جو ذڪر آيو. ان تي اياز چيو تہ "منهنجو مقصد اهو نہ هو، جيڪو تو سمجهيو آهي. منهنجو مقصد هو تہ مدافعت واري قوت ۽ موت! شاهہ شهيد ۽ مخدوم بلاول حياتيءَ ۾ پنهنجي ڪان عظيم تر هئا، ۽ اهي ماڻهپي جي جنهن بلند مينار تي بيٺا هئا، اتان ڪهڙي بہ قسم جي موت کي مرڪندي قبول پئي ڪري سگهيا. پر هنن جي نظر ۾ موت ٽالي ڪا شيءِ هوندي ئي ناهي. آءُ بہ اڄ ان نظريي تي پهتو آهيان. پر پنهنجي جنهن ماحول ۾ جنم ورتو هو، انهي ايڏو مقابلو ڪرڻ ۽ موت قبول ڪرڻ وڏي ڳالهہ هئي. بهر حال مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت کي ايتري قدر قيد و بند ۾ رهڻ جو موقعو ئي نہ مليو، ۽ جيڪڏهن موقعو ملي ها تہ اهي يقيناً وڌيڪ ثابت قدميءَ جو مظاهرو ڪن ها." آءُ اياز جا دليل ٻڌي رهيو هئس ۽ سنڌس نادان دوستن جا دليل بہ منهنجي ذهن ۾ هئا، جن نہ اياز جي مفهوم کي سمجهيو هو، ۽ نہ منهنجي ڳالهہ پروڙي هئي.

اسان کي وڻني وڻني ڏيڍ ڪلاڪ ٿي ويو هو، ۽ مون کي ٻيءَ جاءِ تي وڃڻو هو. اياز جي خواهش هئي تہ ڪچهري هلي، پر وقت بيرحم ڪڏهن ڪڏهن ٻيءَ چميءَ جو بہ موقعو نہ ڏيندو آهي. اسان موڪلائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪئي تہ اياز چيو تہ ”سائين جي ايم سيد کي منھنجا سلام چئجو. اوھان جو واسطو جي ايم سيد سان سياسي آھي، منھنجو ناتو پيريءَ مريديءَ وارو آھي.“ سندس اھي جملا ٻڌي، مون کي ڪجھہ وقت اڳ ھڪ دوست جي ڳالھہ ياد آئي، جنھن اياز جي حوالي سان چيو ھو تہ ”امير حيدر شاھہ ۽ امداد محمد شاھہ، جي ايم سيد جا جسماني پُٽ آھن، پر ان جو روحاني ۽ فڪري پٽ آءٌ آھيان.“

اسان اٿيا سين، اياز بہ گڏ اٿيو. مون چيو: ”سائين! توھان ويھو، ٺيڪ ناھيو.“ چيائين: ”اھڙي ڳالھہ ناھي، مون موت کي موٽائي ڇڏيو آھي تہ ھينئر وچ، آءٌ واندو ناھيان. ان ڪري آءٌ توھان سان گڏ لفٽ تائين ھلي سگھان ٿو.“ لفٽ تي پھتا سين تہ اياز وري موت جو ذڪر ڪيو، جنھن تي آءٌ روئنٹھارڪو ٿي ويس. اياز منھنجي اھا ڪيفيت ڏسي چيو، ”گھبراءِ نہ! آءٌ ٻيو جنم ٿر ۾ وٺندس..پوءِ ڏاڍيون ڪچھريون ڪنداسين.“ اياز جو اھو جملو ٻڌي مون دل ۾ چيو، واقعي جمن دربدر، حليم باغي، مير حسن آريسر، مظھر لغاريءَ، مجرم لغاريءَ ۽ اقبال رند کان پوءِ اياز، ٿر ۾ ئي سونھي ٿو، ڇو تہ ٿرين ڪڏھن بہ يتائيءَ کي پنڻ لاءِ نہ ڳايو آھي، پر مسرت واري ۽ محبت واري زندگيءَ گذارڻ لاءِ ڳايو آھي.

ايتري ۾ لفٽ اچي ويئي ۽ اسين ان ۾ داخل ٿيا سين، ۽ منھنجي چپن تي اياز جي سٽ اچي ويئي:

سنڌڙي! تنھنجو ساھہ اياز،
مري نہ ٿيندو آھي مات.

مون سان گڏ انھيءَ ڪچھريءَ ۾ سائين غلام شاھہ، ھاشم کوسو ۽ روشن ڪلھوڑو ھئا.

(ڪراچي: ٣١ آڪٽوبر ١٩٩١ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محبت جو مقتل

اسان کي سدائين هڪ قوم جي حيثيت ۾ اها دعويٰ ڪندي، ڪڏهن به ڪنهن به قسم جو شرم ۽ هٻڪ محسوس نه ٿي آهي، ته هيءَ سرزمين صوفين جي سرزمين آهي، ۽ هن قوم جو ازلي ۽ ابدي پيغام محبت ئي رهيو آهي. اهي ماڻهو وڏا بد بخت ۽ زهريلا ڪندا آهن، جيڪي هن محبت واريءَ سر زمين جي سيني تي نفرت جا ڪانگهارا اڇلائين ٿا، جن ۾ رت ۽ پونءِ جي بوءِ آهي، جيڪي هن ديس جي دل ۾ ڪروڙ جو خنجر ٿي لهندا ٿا رهن. اهڙي دعويٰ جي باري ۾ آءٌ چوندس ته واقعي اسان جي صوفين جي مزاج ۽ ذهن ۾ محبت هئي، پر اڻ ڏٺل، مجرد، شڪل صورت کان مٿاهين يا بي نياز. اهڙي محبت جي ساهن جي گرمي نه ڳل تي محسوس ٿي ٿي، نه وري ان جي سرهاڻ ذهن کي زنگجڻ کان بچايو ٿي. اُن نه ڪڏهن اسان جي سرير کي ڪا شڪتي ٿي ڏني ۽ نه وري زندگيءَ جي تارن ۾ نوان ڪي سُر ۽ ساز ئي بُرايا ٿي. البت انهيءَ محبت واري تصور جي ڪري، اسان جي شاعريءَ ۾ محبت جا ورلاپ هئا، ۽ زندگين ۾ ويڇوڙا هئا. اسان جا سينا ڪوسا ۽ بسترا ٿڌا هئا. اسان جي اکين ۾ ڳوڙها ۽ سرير ۾ بيچيني هئي. اسان جنم جنم ۾ محبت جي ڪنهن رابيل جو واس وٺڻ لاءِ پوئنر بنجي، آڪاس ۾ اڏامندا رهياسين. نتيجي ۾ اسان جا پر ته کُسي ويا، پر اها محبت جڏهن ڪنهن گل جي صورت ۾، ڪنهن مرمرين جسم جي روپ ۾، ڪنهن ڪجل ڀنل نيڻ جي شڪل ۾، ڪنهن رسيلي چپ جي رنگ ۾ اسان کي ملي، ته اها اسان جي زندگين لاءِ روڳ ۽ وبال بنجندي رهي آهي- ۽ اسان هڪ معاشري ۽ قوم جي حيثيت ۾ ان جا ويري بنجي ويا آهيون. حقيقت ۾ اسان هڪ قوم جي حيثيت ۾، هڪ سماج جي مجموعي ڪردار جي حالت ۾، محبت جا قاتل رهيا آهيون.

هڪ عورت کي محبت جو حق اسان صرف ان حد تائين ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، ته اها صرف اسان سان محبت ڪري، پر جيئن ئي هن اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پسند ۽ مرضيءَ جي خلاف محبت جي لطيف جذبي جو استعمال ڪيو، ته اسان جو سماج ان وقت ئي ڪيس قتل ڪري ڇڏيندو آهي. اسان جو سماج فرد کي به محبت جو حق ڏئي ٿو، پر اها به سندس ڏسيل راهه تي ئي هجي. جيئڻ ئي ان راهه تان هن ٿيڙ ڪائي ڪٿي اک اڙائي، ته اسان ان کي جيئري جلائڻ کان نه گسندا آهيون. اسان هڪ انساني گروهه کي به محبت جو حق ڏيون ٿا، پر ليڊر، اڳواڻ، پير ۽ دانشور جي حيثيت ۾، اسان جي خواهش هوندي آهي ته انهيءَ گروهه جي محبت اسان جي ذات سان ئي هجي- پر جيئن ئي انهيءَ گروهه، محبت جو ازلي ۽ لافاني گيت ڳاتو ڪنهن ٻئي يا اسان جي مخالف لاءِ، ته اسان انهيءَ گروهه کي هميشه لاءِ مٽائڻ ۾ پنهنجي وسان ڪين گهٽائيندا آهيون.

محبت جي باري ۾ اسان جو اهو خود غرضانه ۽ قاتلانه رويو، فرد کان سماج تائين، ۽ مذهب کان سياست تائين، زندگيءَ جي وسيع ڪينواس تي پکڙيو پيو آهي. اسان بنگالين کي انهيءَ ڪري ڪُٺو ته هنن مجيب سان محبت ڇو ڪئي؟ اسان بروچن کي انهيءَ ڪري قتل ڪيو ته هنن عطاءُ الله مينگل ۽ خير بخش مريءَ سان محبت ڇو ٿي ڪئي؟ ۽ سنڌين کي انهيءَ ڪري ڪُنو ۽ دٻايو ٿو وڃي ته اهي پُٽي سان ڇو ٿا پيار ڪن. اسان هندن کي انهيءَ ڪري تباهه ڪرڻ ٿا چاهيون ته اهي پنهنجي ديوين ۽ ديوتائن سان ڇو ٿا پيار ڪن. جيڪڏهن ڪائي عورت پيار ڪري ته صرف "مون" سان، ڪائي قوم، ڪوئي سماجي گروهه، ڪائي جماعت، عقيدت، محبت ۽ پريم رکي ته صرف "مون" سان يا منهنجي ڏسيل معبود سان- ٻيءَ صورت ۾ انهيءَ کي محبت جو ديپ جلائڻ جو ڪوئي حق ڪونهي. ان کي پنهنجن نيڻ ڪٽورن ۾، پنهنجي من جي منجهه ۾، عقيدت جا ڪنول ٽيڙڻ جو ڪو اختيار ناهي. جيڪڏهن پوءِ به هن اها سرڪشي ڪئي ته ان کي ختم ڪيو ويندو. جيڪڏهن غور ڪيو وڃي ته اسين مجموعي طرح محبت جي قاتل سماج جا وحشي جانور آهيون. پوءِ دعويٰ ڪٿي ڪهڙي به ڪريون!

(امر ڪوٽ: 10 نومبر 1991ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محبت جو تصور

منهنجي دوست مون کي چيو تہ : " جيڪڏهن ڪو پيارو ماڻهو توکي روڪڻ چاهي، تڏهن بہ تون بس نہ ڪندين!" ڪيس چيم ، " عجيب ڳالهہ آهي، جنهن رستي جا اسين راهي آهيون، اتي وک وک تي اسان پيارن جون رڪاوٽون اوڙانگهيون آهن ۽ اورانگهيندا رهون ٿا. مثلاً مون کي منهنجي پياري ماءُ آهي، سا سڄي عمر روڪيندي رهي تہ سياست ڇڏي ڏيان، پر مون سندس ڳالهہ نہ مڃي. ان کان پوءِ ساڳي ڳالهہ منهنجي زال چوندي آهي، پر ان کي بہ منهنجو ساڳيو ئي جواب هوندو آهي. هن وقت مون کي ڌيءُ پياري آهي، اها هر وقت روئندي ۽ چوندي رهندي آهي تہ تون ڪيڏانهن بہ نہ وڃ، هر وقت مون وٽ وينو رهہ. پر آءٌ سندس ڳوڙهن هاڻين اکين جو ڪوبہ خيال نہ ڪندو آهيان ۽ هليو ويندو آهيان هفتن جا هفتا."

هن چيو: " منهنجو مطلب آهي، جيڪڏهن توکي تنهنجي پريمڪا چوي تہ وسڪي نہ پيءُ، تہ تنهنجو جواب ڪهڙو هوندو؟" وراڻيم تہ "اسان محبت ڇو ڪندا آهيون، ان لاءِ تہ اسين محسوس ڪندا آهيون تہ اسان جي زندگيءَ ۾ ڪو خال آهي، جنهن کي پرجڻ کپي. اسان جي دل جيءَ اڱڻ ۾ ڪا ويراني آهي، جنهن کي آباد ٿيڻ گهرجي. اسان جي زندگيءَ ۾ اونداهيءَ جو واسو آهي، ان کي روشن ٿيڻ کپي. اسان جو روح بيرنگ ٿي ويو آهي، ان ۾ ڪي رنگ اچڻ کپن- ڳاڙها، گلابي ۽ انڊلٺ جهڙا. اسان جي زندگين ۾ اداسين ۽ مايوسين جون گهنگهور گهٽائون ڇانئجي ويون آهن، اتي ڪي محبت ۽ مسرتن جا ديپ جلڻ کپن- فقط ان لاءِ ۽ ايتري لاءِ، اسين محبتون ڪندا آهيون. پوءِ جڏهن اهي محبتون بہ اسان جي زندگين ۾ وِههُ جا وٽا اوتڻ شروع ڪن. زندگين ۾ اسان کي لذتن ۽ مسرتن جون ڪجهہ گهڙيون جيڪي مليل ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاصل ٿيل آهن، سي ڦرڻ شروع ڪن، ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڳوڙهن جي قيمت ڏيئي خريد ڪن، ۽ اسان کي پوريءَ ريت پنهنجو غلام بنائين ته پوءِ منهنجا سائين! اسان جي زندگين جا خال ڪيئن پربا ؟ اسان جي من اڱڻ جي ويراني ڪيئن آباد ٿيندي؟ اسان جي حياتين جي اونداهي ڪيئن دور ٿيندي؟ اسان جي روح ۾ ڪيئن اندلٺ جا رنگ نکرندا ؟ ائين ته اسان جون محبوبائون اسان لاءِ وڏيڪ اداسين ۽ مايوسين جا جهولا ۽ جهڪون بنجي ويندي‌يون نه! ان ڪري آءٌ محبت فقط ان لاءِ ڪرڻ پسند ڪندس ته جيئن منهنجي حياتيءَ جي مزن ۽ مسرتن ۾ اضافو ٿئي، ۽ منهنجي زندگي ڪائنات رنگ و بو جو اولڙو لڳي، ۽ منهنجون رڳون سڀ رَچي وڃن ۽ تن کي تازائي ٿئي–

جي پُنيرا سُونهن، جيڪر اچن سامُهان،
سَنئون وَرائي سُپرين، مُنهن جي مُون ڏي ڪَن،
رڳون سَڀ رَچن، تَن ۾ تازائي ٿئي.
(شاهه)

ان ڪري آءٌ محبت ۾ ڦرجڻ، خريد ٿيڻ ۽ تابعداريءَ کي بہ حد کان وڏيڪ جائز نٿو سمجهان. اسان اهڙي دؤر ۽ ماحول ۾ زندگي گذاريون پيا، جو اتي ڏهاڳ، ڏنپ ۽ فراق واري محبت کي برداشت ئي نٿا ڪري سگهون. اهو صحيح آهي ته محبت ڪائنات جو اهو ازلي ۽ ابدي گيت آهي، جنهن جهڙو ڪو بيو گيت تخليق ٿي نٿو سگهي. شايد قدرت اها بانسري ئي پيجي ڇڏي، جنهن مان اهو سُر نڪتو هو.

حقيقت هيءَ آهي ته مون پنهنجي ذهن ۽ فڪر ۾ اج ڏينهن تائين اهڙي دنيا ڪڏهن بہ آباد نہ ڪئي هئي، جيڪا سراسر لذت پرستيءَ تي ٻڌل هجي، جنهن ۾ ڏک جو پاڇولو نہ هجي– پر ان جي ابتڙ مون وٽ زندگيءَ جي اها دنيا مليل جليل رهي آهي. گهڻو اڳ مون لکيو هو، اهڙي دنيا جتي لذت جي چاشني نہ هجي، ڪنهن گناهه جو سُرور نہ هجي، ڪنهن نيڪيءَ جي لطافت نہ هجي، ڪنهن سزا جي اذيت نہ هجي، ڪنهن تخليق جو درد نہ هجي، ڪنهن چاهنا جي لذت نہ هجي، ڪنهن خواهش جي گرمي نہ هجي، ڪنهن ڪوشش جو جمال ۽ ناڪاميءَ جو ملال نہ هجي، اهڙي دنيا ڪنهن ملائڪ جي رهڻ جي لائق

۽ تي سگهي ٿي، انسان لاءِ نہ. هيءُ بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ زندگي رڳو ٿهڪ ناهي ۽ نہ وري رڳو ڳوڙهو. زندگي ٿهڪ بہ آهي، ڳوڙهو بہ آهي. چُميءَ جي چاشني بہ آهي، ٿوهر جو گرهہ بہ- پر پوءِ بہ خبر ناهي ڇو، آءٌ اڄڪلهہ زندگيءَ جي باري ۾ هڪ خاص نقطئہ نظر جي گهيري ۾ اچي ويو آهيان - ۽ اهو آهي زندگيءَ ۽ محبت مان ڀرپور لذت حاصل ڪرڻ وارو نقطئہ نظر!

دنيا ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو رهيا آهن: هڪڙا اُهي جيڪي دنيا جي سيني جَلوَن، رنگن ۽ لذتن کان پري پڄندڙ ۽ پنهنجي هٺرادو ناهيل دائري ۾ گهمندڙ ماڻهو - ۽ ٻيا اُهي، جيڪي هن ڪائنات جي سيني جَلوَن، سمورن رنگن ۽ لذتن کي انسان لاءِ تخليق ٿيل سمجهي، ان مان- ڀرپور مزي وٺڻ ۽ ڪائنات جي وسيع ڪينواس تي ٺهيل تصوير جي هر رنگ، ۽ هر ليڪ مان حظ حاصل ڪرڻ لاءِ جيئندڙ ماڻهو. پهرئين قسم جا ماڻهو نہ معلوم ڇو اهو محسوس نہ ڪري سگهيا آهن، تہ هيءَ ڪائنات ۽ سندس خوبصورتيون انسان لاءِ ئي آهن. ان جي ابتڙ هو اهو ٿا سوچين تہ هيءَ ڪائنات ۽ ان جا ڏک سور ۽ تڪليفون، سنگباري ۽ صليب انسان لاءِ آهن. ان ڪري ڪي انسان لاشعوري طور ڏکن، تڪليفن، سنگبارين ۽ صليبن کي پنهنجي زندگين جا زيور بنائين ٿا.

منهنجي خيال ۾ جيئڻ لذت پرست انسان ڪائنات جي هر خوبصورتيءَ کي ائين چوسين ٿا ، جيئن اُن جي هڏين مان مکُ بہ چوسي وٺن، تہ جيئن مڪمل سرور ۽ لذت حاصل ڪري وٺن- تيئن اهي ماڻهو، جيڪي ڏک پرست آهن، سي بہ سمورا درد جا رشتا پنهنجي جيءَ سان جڙي، سموريون پيڙائون شراب جي پيگ وانگر پي وڃن ٿا ، ۽ پنهنجي ذهن ۾ لذت ۽ سرور محسوس ڪن ٿا. ابوالڪلام آزاد چيو هو تہ ”جيڪا خوشي مون کي هن ڪنهڙي ۾ ويهي ٿي رهي آهي، سا بادشاهن کي سندن رنگ محل ۾ بہ حاصل نہ ٿيندي.“ آءٌ سمجهان ٿو تہ بنيادي طرح اهي ڏک پرست انسان، اهي احساس آهن، جيڪي ڏک ۾ لذت حاصل ڪرڻ سان پيدا ٿيندا آهن، جيڪي ان کان بہ شدت سان اسان کي مختلف موقعن تي نظر اچن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هي ڏاڍ، ڏڏونس جون وري شرارتون، اي منهنجي دل!
۽ پنهنجي عشق جون مَتيون نہ عادتون، اي منهنجي دل!

•

وڃين ٿو قتل گاهہ ڏي، اي منهنجا ميتَ، ٿورو بيهہ!
جو تُنهنجي هوڏ مان ملي ٿو منهنجي گيت کي سنيهہ،
پلي تہ تُنهنجو مُک ڇمي، نئين صبح جي نئين شبيهہ!
گلي مِلي ڏِيان ۽ مان اجازتون، اي منهنجي دل!

•

لهو طلب ڪيو اڏيءَ تہ تُنهنجو پير ڪئن ڪُٽي؟
جو تنهنجي ماءُ جي ٿڃ مان اجا بہ جوت ٿي ڦُٽي،
ڏسو اڏيءَ جي عاشقن- قطار ڪا متان ڪُٽي!
وفا جي راهہ ۾ ئي هن قيامتون، اي منهنجي دل!



آريسر جي هنج ۾ اندرا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com